
ماهوار مئگزين

# همسري

حيدرآباد

آڪٽوبر 2018








Shop #320 ,

Level-3 Park Towers, Karachi

0213-5876912, 5876913

# سِتاءُ


ايڊيٽوريل ........................................ 04

**راءِ ۽ تبصرا**

همسريءَ ۾ همسفر ٿي ........................................ 05

**حالات حاضره**

اسلامي معاشرو، الميو، غلط فهميون ۽ اختلاف ........ مسلم شمير 06

**نفسيات، سماجيات ۽ تاريخ**

روحانيت جي نفسيات ........ ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ 10

هڪ ايراني ماءُ جون يادگيريون ........ يوسف سنڌي 12

ٽولهه نامي جي ڏند ڪٿا ........ شوڪت لوهار 13

سائنسي اوسر ........ نصير سومرو 15

خودڪشيءَ جو وڌندڙ رجحان ۽ سماج تي اثر ........ زاهد ابڙو 16

**سلسليوار ناول**

رنگ گرهڻ ........ ضراب حيدر 17

**ٽريولاگ**

فلورينس ۾ هڪ ڏينهن ........ اعجاز منگي 21

**اکري سئو وکري**

شاهه لطيف بيت، پهاڪو، مختصر ڪهاڻي، نظم ........ 22

**انٽرويو**

ڊاڪٽر بيڪا رام ........ زاهده ابڙو 23

**آن لائن وٽ ارم**

زيب سنڌي ........ ارم محبوب 29

**ادب**

منير احمد چنا جون ”ڳالهيون پيٽ ورن ۾“ ........ گل محمد عمراڻي 30

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو علمي ۽ ادبي پورهيو ........ احساس ميرل 32

ڪافڪائي سوچ، رقص ۽ هڪ ڳوٺ ........ مشتاق جنجهي 33

اڪبر بادشاهه ۽ بيربل جا گفتا ........ سومجي ڏاراڻي 34

**ڪهاڻيون**

ڪولي نمبر: 9 ........ سجاد مهر 35

فيس بُڪ فرينڊ ........ ڊاڪٽر اعجاز سمون 37

مختصر ڪهاڻيون ........ 40

**ڪتاب تي تبصرو**

واجهائيندي ورهه ٿيا ........ سدرت المنتهيٰ جيلاني 41

**پروفائل**

تنزيلا شيدي ........ ناصر بلوچ 42

**شاعري** (نظم، غزل، گيت، نثري نظم) ........ 43

**وزٽ**

سينٽرل وومين جيل حيدرآباد جو وزٽ ........ زاهده ابڙو 45



Regd. No: 3160-A

ماهوار مئگزين

همسري

حيدرآباد

A.B.C CERTIFIED

مئنيجنگ ايڊيٽر:
ڊاڪٽر شمس صديقي

ايڊيٽر:
زاهده ابڙو

جوائنٽ ايڊيٽر:
ارم محبوب

سب ايڊيٽر:
لطيف گاد

خصوصي عيوضي:
محمد راهب ڳاهو

سوشل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر:
علي کهاوڙ

مئنيجر مارڪيٽنگ:
غلام سرور (شيخ سنڌي)

سرڪيوليشن مئنيجر:
قمر ٽنگڙ

ڪمپوزنگ:
سليم سولنگي

ڊيزائن ۽ لي آئوٽ:
رابيل عزيز

سول ڊسٽريبيوٽرز:
راڇپر برادرز

آفيس ائڊريس:
بي -49 شريف اسڪوائر
حسين آباد حيدرآباد سنڌ.

فون: 022-3820363
فيڪس: 022-3820363
اِي ميل: humsari.sindh.pk@gmail.com
ويب سائيٽ: www.humsari.com

Volume: 04
Number: 10
October, 2018
Regd. No: 3160 Copr.

قيمت: =/100 رپيا

هي پرچو زاهده ابڙو
خوشبو پرنٽنگ پريس حيدرآباد تان
ڇپائي پڌرو ڪيو.

ماهوار مئگزين
Regd. No: 3160
همسري
حيدرآباد

ايڊيٽوريل

# صوبن وچ ۾ پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ جو سوال

پنجاب ۽ سنڌ جي وچ ۾ پاڻيءَ جي ورڇ تي تنازعا تمام گهڻا پراڻا آهن. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ 1859 ۾ به پنجاب سنڌ جي پاڻيءَ جو حصو غير آئيني ۽ غير قانوني طور کڻندو رهندو هو، سنڌ جي اعتراضن اٿارڻ تي 1901 ۾ ”انڊيا ايريگيشن ڪميشن“ 1919 ۾ ”دا ڪاٽن ڪميٽي“، 1935 ۾ دا اينڊرسن ڪاميٽي ۽ 1941 ۾ ”رائو ڪميشن“ جوڙيا ويا ته جيئن پنجاب ۽ سنڌ جي وچ ۾ پاڻيءَ جي تڪرار کي نبيري سگهجي. هيستائين جيڪي به ڪميٽيون يا ڪميشن جوڙيا ويا آهن انهن جي روشنيءَ ۾ سنڌو درياهه تي يا ان مان نڪرندڙ واهن تي پنجاب سنڌ جي مرضيءَ کانسواءِ ڪوبه بند يا ڊيم تعمير نٿو ڪري سگهي.

هن وقت وري هڪ دفعو پاڻيءَ جي معاملي تي ملڪ اندر ڊيم ٺاهڻ لاءِ تحرڪ نظر اچي رهيو آهي. ان ڳالهه کان ڪوبه انڪار نه آهي ته خطي ۾ پاڙيسري ملڪ اسان جي پاڻيءَ جي وسيلن تي ناجائز قبضو ڪري پنهنجي ڪيل معاهدن جي خلاف ورزي ڪري رهيو آهي. هن وقت سڄي دنيا سان گڏ پاڪستان ۾ به ماحولياتي تبديليءَ سبب زمين هيٺ پاڻيءَ جا ذخيرا ختم ٿي رهيا آهن، جنهن جو وڏ ۾ وڏ شڪار سنڌ ٿي رهي آهي. سنڌ پنهنجي جاگرافيائي بيهڪ ۾ پڇڙيءَ ۾ اچي ٿي ۽ سنڌو نديءَ جو پاڻي هندستان کان ڪشمير رستي پهرين پنجاب ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ پوءِ ڊائون اسٽريم ذريعي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. پاڻيءَ جا وهڪرا قدرت جي نظام تحت سيني حصن کي سيراب ڪندا وڃن ٿا ۽ ايڪو سسٽم کي بحال ڪن ٿا، پر انساني آباديءَ جي وڌڻ سان وسيلن جي کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ انسان ذخيره اندوزي شروع ڪئي جنهن ۾ انهن ذخيرن تي اهو ئي قابض ٿي وينو جيڪو طاقتور آهي. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۽ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کانپوءِ به اڄ ڏينهن تائين سنڌو نديءَ جي پاڻيءَ جي غير منصفاڻي ورڇ قائم آهي ۽ ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ پاڻي پنهنجي صحيح مقدار ۾ وهڪرو نه ڪرڻ سبب سنڌ جا ڪيترائي علائقا جيڪي ڪنهن وقت ۾ ذرخيز هئا اڄ سمنڊ ڳڙڪائي ويو آهي. 28 سيپٽمبر 1945ع تي سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ هڪ معاهدو طئي ٿيو هو جنهن جي آرٽيڪل 8 تحت پنجاب سنڌو درياهه يا ان جي ڪنهن به واهه مٿان سنڌ جي مرضيءَ خلاف ڪوبه ڊيم نٿو جوڙي سگهي. چشما ڪئنال جنهن صورتحال لاءِ جوڙيو ويو هو اڄ به ان جي ابتڙ اهو سڄو سال وهي رهيو آهي جنهن سبب پنجاب پنهنجي آئيني ۽ قانوني حصي کان وڌيڪ پاڻي حاصل ڪري رهيو آهي. جڏهن ته ڊيم جي حمايت ۾ ڳالهائڻ وارا ڪجهه سياستدان ۽ ماهر ان ڳالهه تي زور تا ڏين ته جيڪو پاڻي سنڌوءَ نديءَ مان سمنڊ ۾ ڇوڙ ٿو ڪري اهو پاڻي حقيقت ۾ ذيان ٿي رهيو آهي، پر ماحوليات ۽ پاڻيءَ جا ماهر جيڪي ڪنهن به تعصب کان بنا سوچين ٿا اهي ان ڳالهه تي زور ڏين ٿا ته گهربل پاڻيءَ جو مقدار سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ ضروري آهي جيڪڏهن ائين نه ڪيو ويو ته ماحوليات جي تباهي کي ڪير به روڪي نه سگهندو. ان کان علاوه صدين کان ڊيلٽا ۾ رهندڙ ماڻهو ان ڳالهه جو جيئرو جاڳندو ثبوت آهن ته جڏهن درياهه جو پاڻي پنهنجي گهربل مقدار ۾ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو ته سنڌ جو ڊيلٽا ڪيترو نه ذرخيز هو جتي تمر جا وڻ، ساموندي مڇي ۽ جهينگا تمام گهڻي مقدار ۾ حاصل ڪيا ويندا هئا. اتان جون زمينون تمام گهڻيون ذرخيز هيون، پر هن وقت پاڻي نه هجڻ سبب سمنڊ ۾ گهربل پاڻي نه وڃي رهيو آهي جنهن سبب ماحوليات جي تباهي سيني جي سامهون آهي ۽ هزارين ايڪڙ زمين ڪلراٺجي وئي آهي.

اصل ۾ آئين ئي وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ غلط فهمين ۽ تنازعن کي نبيريندو آهي. اسان وٽ طاقتور ڌرين ننڍن صوبن سان هميشه غير آئيني قدم کڻندي انهن جي آئيني حقن کي غصب ڪيو آهي جنهن سبب صوبن ۽ وفاق جي وچ ۾ اعتماد جي کوٽ ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو اچي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن صوبن جي مرضيءَ کانسواءِ ٻيا ڊيم جوڙيا ويا ته ننڍن ۽ وڏن صوبن جي وچ ۾ پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ وارو سوال پنهنجي جاءِ تي ئي رهندو ۽ اهي تنازعه گهٽجڻ بجاءِ اجا وڌندا ويندا ڇو ته پاڻي زندگيءَ جي علامت آهي، زندگيءَ تان ڪابه قوم، ڪوبه صوبو هٿ نٿو کڻي سگهي. ان ڪري ضروري آهي ته انهن تنازعن کي آئيني ۽ قانوني انداز ۾ منصفاڻي طريقي سان حل ڪيو وڃي ته جيئن ملڪ جي تعمير هڪجهڙي ۽ پرامن ماحول ۾ ٿي سگهي ۽ ملڪ جي غريب عوام جو خوشحالي وارو خواب پورو ٿي سگهي.

# همسري ۾ همسفر تي
# آءُ ونديون خيال دل جا

خط جي متن سان ايڊيٽر جو متفق هجڻ ضروري نہ آهي

## اقبال بلوچ/حيدرآباد

سيپٽمبر 2018 جو همسري ڪجھ ڏينهن دير سان پهتو، دير سوير ٿيندي رهندي آهي، پر شايد ايترا ڏينهن دير سان، اهو شايد پهريون دفعو ٿيو آهي. اهو ان ڪري بہ لڳو جو همسريءَ جو شدت سان انتظار رهندو آهي. هن مهيني جي ايڊيٽوريل ڪان آخري صفحي تائين مواد ترتيب ۽ سنائي جي حساب سان سٺو لڳو خاص ڪري ارم محبوب جا سوال ۽ امداد حسيني جا جواب تہ دل کي ڇهي ويا آهن. امداد جو انٽرويو تمام سٺو هو، واقعي هن وٽ لفظن جو ذخيرو آهي. منور ڪيهر جو خط جيڪڏهن الڳ ڪري شايع ڪجي ها تہ بهتر ٿئي ها، بهرحال سٺو لکيو اٿس. منهنجا پسنديده ٻہ حصا آهن، هڪ ڪهاڻي ٻيو شاعري. ڪهاڻي واري حصي ۾ سڀ ڪهاڻيون سٺيون لڳيون، شميم مري جي مختصر ڪهاڻي ڪان وٺي ممتاز جي ڪهاڻي تائين، پر سڀ ڪان سٺي ڪهاڻي انور شيخ جي ”آخري ڏوھ“ لڳي. ڪهاڻي جو ڪلائيميڪس ڇرڪائيندڙ هو. شاعري واري ڀاڱي ۾ سڀ ڪجھ سٺو لڳو. اميد تہ همسري پنهنجي جوت جڳائيندو رهندو.

***

## منور علي ”منور“ ڪيهر/ڳوٺ آگاڻي لاڙڪاڻو

عرض تہ همسري سيپٽمبر 2018 هٿن ۾ آهي. سرورق کي شگفتہ شاھ جي 17-02-2017 تي ناهيل پينٽنگ کي همسري سيپٽمبر 2018 جو سرورق بڻايو ويو آهي جيڪو شاندار آهي. هن پينٽنگ ۾ هتان جي ادارن جي تباهي بيان ڪئي وئي آهي. ادي شگفتہ کي ۽ اوهان جي چونڊ کي داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي. ايڊيٽوريل ”بلاول ڀٽو زرداري لاءِ وڏو چئلينج“ وقتائتو آهي، اسان کي اميد آهي بلاول ڀٽو زرداري صاحب هن چئلينج تي پورو لهندو. هوندئن بہ بلاول ڀٽو زرداري نئون نئون هن سياست جي ملاکڙي ۾ پير پاتو آهي اميد تہ سرخرو ٿيندو. لاڙڪاڻي وارن بلاول کي ڪامياب ڪرائي قومي اسيمبليءَ جي فلور تائين پهچايو آهي. هاڻي اهو ڏسڻو آهي تہ قومي اسيمبليءَ ۾ سنڌ جي حقن لاءِ ڪيترو ٺو ڪردار ادا ڪري. باقي سنڌ ۾ پ پ جي حڪومت آهي. اميد تہ پنهنجي تڪ ۽ سنڌ جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويندو. ڊاڪٽر آمنا سومرو صاحبہ جو ادبي جائزو سٺو لڳو. همسري جا سڀ سلسلا سٺا آهن، هن پرچي ۾ پينٽنگ اندرين صفحن ۾ ڪانہ ڏني وئي آهي جنهن جو پورائو همسريءَ جي سرورق پورو ڪري ڇڏيو.

***

## اداس لُنڊ/جوهي

ماهوار همسري مئگزين سنڌي ادب جو هڪ خوبصورت مئگزين آهي. هن مئگزين کي وقت سر شايع ڪرڻ تي سٽ کي جس هجي. هن وقت سيپٽمبر وارو شمارو هٿن ۾ آهي. سلسلو آن لائين وٽ ارم هن مئگزين جي جان آهي، هن سلسلي ۾ هن ڀيري بهترين شاعر امداد حسيني جو انٽرويو وٺيو. سر ڪيڏارو تي ڀيڻ سپنا گل قاضي جو لکيل اڀياس بہ بيحد پسند آيو. سوشل ميڊيا ۽ اڪري سئو وڪري بہ سٺا سلسلا آهن. خوشبوئن جي شاعره پروين شاڪر کي ياءُ غلام حيدر برهماڻي جي ڀيٽا بہ سٺي لڳي. تاج سروهي جا هائيڪا بہ سهڻا لڳا شاعري سميت هن مئگزين جا ٻيا بہ سلسلا پنهنجو مٽ پاڻ آهن. جهڙوڪ ڪهاڻيون، مضمون وغيره. وڏيڪ عرض تہ شاعري جا صفحا اجان بہ وڌائيندا تہ هن مئگزين ۾ اجان بہ وڏيڪ خوبصورتي ايندي.

***

## ظفرعلي ظفر/سانگهڙ

همسري سيپٽمبر 2018 وارو شمارو وقت سر مليو، جيڪو منهنجي دڪان جو سينگار آهي، هر ايندڙ ويندڙ پڙهي سرهائي محسوس ڪندو آهي. ايڊيٽوريل بلاول ڀٽو زرداري جي نالي لکيل هو جيڪو پڙهي خوشي ٿي، ايم. عالم بروهي جو لکيل آرٽيڪل اسلامي ملڪن جي حالتن جي باري ۾ معلومات سان ڀريل هو. محترم بشير منگي جو لکيل مضمون ”مي ڪانگ درياءَ“ واھ جو لکيل هو، اصل دل ۾ ويهي ويو. ”قطب رند جو قتل“ تي عبدالحق چانڊيو جو لکيل مضمون، مٺو مٽيادار سلسلو ”محمد رحيم برفت“ جو تعارف سٺو لڳو. ”ٻولين جي لسانياتي برتري“ پروفيسر شوڪت لوهار جو لکيل مضمون ۽ ”جانورن تي تشدد جا واقعا“ محترم دريا خان جهتيال جو لکيل سٺو لڳا. ”آن لائين وٽ ارم-امداد حسيني“ جو انٽرويو، ”ڪوفي عنان“ جو پروفائل مدثر کهاوڙ طرفان لکيل، محترم گل محمد عمراڻي جو وسري ويل شخصيت تي لکيل مضمون سٺا لڳا. ان ڪان علاوه ڪهاڻيون ۽ شاعري جا اسم بهترين لڳا.

***

## وفا راشد عباسي/ڪنڊيارو

سنڌي رسالن جي کوٽ تہ ناهي، پر نج تخليقي ۽ معياري رسالا رڳو آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڇپجي رهيا آهن، همسري بہ انهن مان هڪ آهي. هي مئگزين نئين ٽهيءَ جو پسنديده آهي. جنهن ۾ سياست، نفسيات، ڪهاڻيون، ناول، سفر نامہ، شاعري، خاڪا ۽ ٻيو گهڻو ڪجھ پڙهڻ لاءِ ملي وڃي ٿو.

***

## عبدالقيوم جکراڻي/جيڪب آباد

عرض تہ ماهوار رسالو ”همسري“ پهريون ڀيرو پڙهيم. سيپٽمبر جي سهڻي سٽاءُ سان سينگاريل پرچو بيحد پسند آيو. منجهس موجود من موهيندڙ مواد پڙهي ڏاڍو مزو آيو. بالخصوص شاعري، اڪري سئو وڪري سلسلو جنهن ۾ شاھ عبداللطيف جي شاعري ۽ شميم مري جي مختصر ڪهاڻي گهڻو مزو ڏنو.

***

## زين ڪوسو/جوهي دادو

تازو پرچو سيپٽمبر 2018 وارو خريد ڪري پڙهيم. ان جو ٽائيٽل ڏاڍو سونهن ڀريو ۽ اڳي ڪان اڳرو لڳو. مواد جي چونڊ خوبصورت هئي. وقت سر مئگزين آڻڻ تي اوهان ۽ پوري سٽ جي ڪاوشن کي ساراهجي ٿو. هن دفعي وڏيڪ ڪهاڻيون ڏئي اسان جي پراڻي خواهش پوري ڪئي آهي، جنهن لاءِ اوهان جا لک احسان. شاعري واري حصي ۾ بہ اضافو ڪري اسان جي دلي خواهش پوري ڪئي اٿئو.

# اسلامي معاشري ۾ غلط فهميون ۽ اختلاف

**مسلم شميم**

اسلامي معاشرو پنهنجي وسيع معنائن ۾ پوري ڌرتيءَ تي پکڙيل آهي. ڇو ته مسلمان دنيا جي کنڊ ڪڙڇ ۾ پنهنجي ڏار سڃاڻپ سان هر جاءِ تي موجود آهن. پوءِ ڪٿي سندن انگ گهڻ آهي ته ڪٿي وڏيڪ. آسٽريليا، يورپ، آمريڪا ۽ ڪئناڊا ۾ لکن جي انگ ۾ مسلمان آباد آهن ۽ انهن ملڪن جي قانون مطابق زندگي گهاري رهيا آهن ۽ اتان جا شهري حق به کين حاصل آهن. انهن ملڪن ۾ هزارن جي تعداد ۾ مسجدون به تعمير ڪيون ويون آهن ۽ اتي انفرادي توڙي اجتماعي عبادت ڪئي وڃي ٿي. پوري دنيا ۾ تمام گهڻي اڪثريت رکندڙ 57 ملڪ آهن جيڪي او آءِ سي (Organization of Islamic Conference) جا رڪن آهن، جن کي اسلامي دنيا جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. پاڪستان ۽ افغانستان به ان دنيا جو حصو آهن. اها حقيقت به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته انهن 57 ملڪن جا دروازا ٻئي ڪنهن اسلامي ملڪ جي مسلمان لاءِ بلڪل بند آهن. مطلب ته ڪنهن هڪ اسلامي ملڪ جي شهريءَ کي ڪنهن ٻئي اسلامي ملڪ جي شهريت نٿي ملي سگهي. سعودي عرب جو حوالو ان حساب سان ٺهڪي ٿو اچي. جتي ماڻهو ستر سالن کان رهندا پيا اچن اتي اهي اڄ به اڻڄاڻ ماڻهن وانگر هر قسم جي بنيادي شهري حقن ۽ انساني حقن کان محروم آهن. ان تناظر ۾ ”واحد امت“ ۽ ”اسلامي ملت“ جهڙن اصطلاحن جي ڪابه معنيٰ نه آهي. ان جي ابتڙ مغربي ملڪن ۾ مذهبي رواداري ۽ عقيدن جو احترام ڪا لڪل ڳالهه ناهي. اسلامي دنيا ۾ مذهبي رواداري ۽ مذهبي آزاديءَ جو حال بيان کان ٻاهر آهي. پاڪستان ۾ مذهبي آزادي جو حال ڪهڙو آهي، ان جو ذڪر ڪرڻ اجايو آهي. اقليتي فرقن جي عبادتگاهن سان ڇا ڇا نه ٿيندو رهيو آهي، اهو هاڻي ڪنهن کان به ڳجهو ناهي. هن وقت هتي مسجدن ۽ امام بارگاهن ۾ نماز جي ادائگي ڪلاشنڪوف بردار نجي محافظن جي گهيري ۾ ٿيندي رهي ٿي. الله جو گهر جيڪو امن ۽ سلامتيءَ جو گهر سمجهيو ويندو هو، هن وقت سڀ کان وڌيڪ غير محفوظ آهي. مڪي ۾ ڪعبي جو امام ڇئن ڪلاشنڪوف بردار محافظن سان گڏ امامت لاءِ اچي بيهي ٿو ۽ محافظ ڦرتيءَ سان پنهنجي پنهنجي جاءِ تي بيٺل هوندا آهن ۽ نماز ڪانپوءِ ڪيس پنهنجي جاءِ تي ڇڏي ايندا آهن. اهو نظارو مون پنهنجي اکين سان ڪيترائي ڀيرا ڏٺو آهي ۽ ان ڪانسواءِ خانهءِ ڪعبه جي سڌي سنئين نشريات ۾ به روز ڏيکاريو ويندو آهي. اهڙا نظارا مسلمانن جي دلين تي ڪهڙو اثر ڇڏين ٿا. ان ڪانسواءِ ٻين مقدس جاين ۽ زيارت گاهن تي اهڙن دهشتگرديءَ جي واقعن جي ڪا نه ڪا خبر ايندي رهندي آهي. مسجدن ۾ خودڪش بمبارن ۽ اهڙن واقعن ۾ مرندڙن جو انگ وڌندو پيو وڃي. اوليائن جون مزارون ۽ درگاهون هر ٻئي ڏينهن تي نشانو بڻجن ٿيون. شيعه فرقي کي خاص طور دهشتگرديءَ ذريعي نشانو بڻايو ٿو وڃي. حالانڪ شيعه ۽ جعفريه فرقي جي تاريخ به ايتري ئي پراڻي آهي جيتري اسلامي معاشري جي آهي، پر اڄ ان فرقي وارن کي ڪافر سڏيو ٿو وڃي ۽ انهن کي واجب القتل ٿو سمجهيو وڃي. اهڙا فتويٰ جاري ڪري انهن تي عمل ٿو ڪرايو وڃي. مغربي معاشرو اهڙي بربريت مان پاڻ آجو ڪرائي چڪو آهي. وچئين دور ۾ يورپ اندر پروٽسٽنٽن ۽ ڪيٿولڪن وچ ۾ هڪ ڊگهي عرصي تائين خونريزي هلندي رهي، پر هاڻي اهو سڀ ڪجهه ماضيءَ جو حصو بڻجي چڪو آهي. اتان جا چرچ توڙي ڪنهن به فرقي جا هجن ان قسم جي بربريت جو حصو نٿا بڻجن. هن وقت مغربي سماج ”جيئو ۽ جيئڻ ڏيو“ واري اصول تي هلي رهيو آهي. رواداري ۽ صلح جوئي سندن سماج جي خاصيت بڻجي ويا آهن. ڪڏهن ڪڏهن اتي به ڪو جنوني معاشري جي روايتن جي ڀڃڪڙي ڪندي ملي ٿو. اهڙي وقت ۾ سڄو سماج ان ماڻهو خلاف اٿي کڙو ٿيو پوي ٿو ڇو ته اتان جي انسان جو ضمير زنده ۽ بيدار ٿي چڪو آهي.

اسلامي معاشري جو سڀ کان وڏو الميو ۽ جهيڙو علم، جستجو ۽ تحقيق کان دوري آهي. دين اسلام جنهن جو پهريون حرف ”اقرا“ آهي، پر ان هوندي به علم سان دشمنيءَ جو مطلب ڇا آهي؟ گذريل ڏيڍ مهينو اڳ فاٽا ۽ خيبر پختونخواهه ۾ لڳ ڀڳ هڪ هزار اسڪولن جون عمارتون تباهه ڪيون ويون. اهو ڪهڙو اسلام آهي؟ ان سوچ رکندڙ طبقي جو منصوبو آهي ته پوري ملڪ تي غلبو حاصل ڪري ان کي جهالت جي اونداهيءَ ۾ ڌڪيو وڃي. خاص طور تي آباديءَ جي اڌ حصي (عورتن) کي تعليم کان محروم ڪيو وڃي. انتها پسندي جي اهڙي روش نالي ماتر دين جي علم بردارن سان منسوب ٿي چڪي آهي جنهن دين جي تعليم ”لا اڪراه في الدين“ ۽ ”لڪم دينڪم وليدين“ آهي، جنهن جو خدا رب العالمين ۽ رسول رحمت العالمين آهي، ان دين جا پيروڪار بربريت ۽ خون جي هوليءَ سان ٻين مذهبن ۽ فرقن جي انسانن لاءِ زندگيءَ جا دروازا بند ڪريو ڇڏين.

ڏک جي ڳالهه اها آهي ته اسان جون مذهبي جماعتون ان ڳالهه جي ڪابه مذمت نٿيون ڪن مورڳو اندران ئي اندران انهن جي حمايت به ڪن ٿيون. اهڙن دهشتگردن کي پنهنجو لشڪر به تصور ڪن ٿيون. اهڙن ڪڌن ڪارنامن ذريعي اسلام جو نالو پوري دنيا ۾ بدنام ڪيو پيو وڃي.

علم ۽ شعور، تحقيق ۽ جستجو جو سياهه دور 1258 کان يعني بغداد جي ڏار ٿيڻ کان شروع ٿيو. ان کان اڳ ۾ اسلامي معاشرو علم جي روشنيءَ سان جڳمڳ روشن هو، جنهن ۾

ڪجهہ شخصيتن جا نالا هاڻي تاريخ جو حصو آهن. گذريل تقريبن اٺ سئو سالن کان اسلامي معاشرو اونداهيءَ جو شڪار آهي.

ابوبڪر رازي (865-925) ابنِ رُشد (1126-1198) ڪيميا دان جابر بن حيان (721-815) الجبرا جو ماهر الخوارزمي (780-850) عرب فلسفي الڪِندي (800-873) معلم ثاني الفارابي (870-980) البيروني (973-1048) ابن سينا (980-1037) عمر خيام (1048-1131) النفيس (1213-1288) ابنِ خلدون (1332-1398). مٿيان سائنسدان، فلسفي، تاريخدان ۽ دانشور تيرهين صديءَ کان اڳ جا آهن. بغداد جي ڏار ٿيڻ يعني عباسي خلافت جي ڏِکي دور کانپوءِ بہ اسلامي معاشرو سياسي طور زوال پذير نہ ٿيو، جو تہ پوءِ سلطنتِ عثمانيہ، جنهن کي خلافتِ عثمانيہ بہ چيو ٿو وڃي، ان جو دور ست سئو سالن تائين پکڙيل رهيو. ننڍي کنڊ ۾ دهلي جي سلطنت ۽ مغليہ سلطنت کي ڏسجي تہ اهو چوڻ غلط نہ هوندو تہ 1258 کانپوءِ اسلامي معاشرو زوال پذير نہ هو پر علمي ڏيوالپڻي جو شڪار ٿي ويو هو. اها ڳالهہ ٻڌائڻ نهايت ئي اهم آهي تہ خلافِ عثمانيہ اوڻيهہ صديءَ جي آخري ڏهاڪي تائين پنهنجي سلطنتِ جي حدن اندر پريس لڳائڻ جي موڪل نہ ڏني هئي. اڪبر بادشاهہ جي دور ۾ پرتگالي مشنري پريس کڻي حاضر ٿيا هئا، پر کين مايوس موٽڻو پيو. ننڍي کنڊ ۾ انگريزي نو آبادياتي نظام پريسون لڳايون، ڪيتريون يونيورسٽيون قائم ڪيون ۽ هزارين ڪاليج ۽ اسڪول جوڙيا. اهڙيءَ ريت هندستان جو سماج خاص طور اسلامي سماج اونداهيءَ واري دور کان ٻاهر آيو. حالت اڄ بہ ساڳي آهي تہ اسلامي دنيا جو نئين دريافتن ۽ ايجادن ۾ ڪو بہ حصو ناهي ۽ 57 اسلامي ملڪن ۾ تحقيق جا ڪي بہ اهڙا ادارا موجود ناهن جهڙا مغرب ۾ آهن. جتان هر روز طب، خلا ۽ زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ نيون نيون ايجادون ٿينديون ٿيون رهن. اسلامي دنيا انهن ايجادن جي وڏي کپت واري منڊي آهي. ان جو وڏو سبب نالي ماتر دين جي عالمن جو تحقيق کي ڪفر ڄاڻائڻ آهي. انهن جي ويچهو اهو سڀ قدرت سان هٿ چراند ڪرڻ آهي. اوڻيهہ صديءَ ۾ ٿيل سيني سائنسي

ايجادن جهڙوڪ: ٽيليگراف، ريڊيو، ٽيليفون وغيره کي رشيديہ فتوائن ۾ ڪفر ۽ حرام قرار ڏنو ويو. ديو بند مدرسو جيڪو 1867 ۾ انگريزن جي دور ۾ قائم ٿيو هو. اتان جو سڄو نصاب پراڻي تدريسي نظام تي ٻڌل آهي. هي مدرسو هڪ مڪمل ضابطي واري مڪتبہءِ فڪر ۽ مسلکِ دين جو درجو ٿو رکي. ڏکڻ ايشيا يعني ننڍي کنڊ ۾ مختلف تحريڪون ۽ تنظيمون ان جي اثر هيٺ عمل ڪن ٿيون. واضح رهي تہ ديو بند جي مدرسي جي سياسي تحريڪ جمعيت علماءِ هند، ٻين مذهبي جماعتن ۽ تحريڪن سان گڏ تحريڪ پاڪستان ۽ پاڪستان جي خلاف هيون. انهن ۾ جماعت اسلامي بہ شامل آهي. هن وقت پاڪستان خانہ جنگيءَ جو شڪار آهي. هن وقت پنهنجا پراوا سيئي ڊڪيل لفظن ۾ پاڪستان جي وجود ۽ بقا، سالميت ۽ مستقبل جي باري ۾ غير يقيني ۽ بدگمانيءَ جو اظهار ڪري رهيا آهن. غلط فهمين ۽ فرضي ڳالهين جا پاڇا صدين کان اسان جو پيڇو ڪري رهيا آهن. ان مد ۾ ”اسلامي انتها پسندي ڪا نظرياتي سراب“ جي نالي سان هڪ جامع ڪتابچو شايع ٿيو هو جنهن جو مصنف ۽ محقق حسن جعفر زيدي آهي. هي ڪتاب گذريل ڏيڍ هزار سالن جي تاريخ جو اهڙو وضاحتي نقشو پيش ٿو ڪري جنهن سان اسلامي دنيا منهن ڏيندي رهي آهي. اهو لاهور جي اداري ”مطالعِ تاريخ“ شايع ڪيو آهي. هي ڪتاب دماغ کي ڪوليو ڇڏي، زميني حقيقتن جي روشنيءَ ۾ گهٽن فرضي خيالن ۽ غلط تصورن تان پردو ٿو کڻي.

حسن جعفري جي راءِ موجب: ”دراصل سندن پاڙون اسان جي تاريخ فهميءَ ۾ کُتل آهن. اسان پنهنجي تاريخ کي مذهبي ادب طور پڙهون ٿا ۽ پنهنجي تاريخ کي اسلامي تاريخ يا تاريخِ اسلام ٿا چئون. جڏهن تہ يورپ ۽ آمريڪا جي تاريخ کي مسيحيت جي تاريخ نٿو سڏجي، نہ وري هندستان جي تاريخ کي هندو تاريخ، چين، جاپان ۽ مشرقِ بعيد جي تاريخ کي ٻڌمت جي تاريخ بہ نٿو سڏجي. ڪنهن مذهب، عقيدي سان تعلق رکندڙ حڪمرانن يا بادشاهن جي تاريخ کي ان مذهب جي تاريخ نٿو چئي سگهجي. جو تہ تاريخ مختلف گروهن جي وچ ۾ اقتدار جي سياسي ڪشمڪش ۽ حڪومتن جي ٺهڻ ۽ ڊهڻ جو داستان بيان ڪندي آهي. عام طور تي ان کي خطي جي تاريخ سڏيو ويندو آهي. هڪ ئي




عقيدي ۽ مذهب سان تعلق رکندڙ پاڻ ۾ اقتدار جي حصول لاءِ پاڻ ۾ وڙهن ٿا. اها مفادن جي ويڙهه آهي. ان ڪري واقعن جي اهڙي تسلسل کي عقيدي يا مذهب جي تاريخ نٿو سڏي سگهجي. ان کي ان عقيدي يا مذهب جي مڃيندڙن جي تاريخ چئي سگهجي ٿو. مذهب يا دين خاص طور تي اسلام هڪ الوهي ۽ لافاني معاملو آهي. جڏهن ته سياست، سياسي نظام ۽ سياسي ڪشمڪش هر دور، هر علائقي ۽ سماجي ترقي جي هر معاملي سان گڏ تبديل ٿيندي رهي ٿي."

اسان جا سماجي ادارا هجن يا عقيدا، سڀني جو مطالعو تاريخي پسمنظر ۾ ڪرڻ گهرجي ته جيئن انهن عواملن ۽ محرڪن جو ڳجهه ملي سگهي، جنهن سبب اهي حقيقتون وجود ۾ آيون. ان طريقي سان جاچڻ کي فلسفهءِ تاريخ جي اصطلاح ۾ تاريخي ذهنيت (Historical Mindedness) چئجي ٿو. اسان مذهب ۽ تاريخ جو مطالعو ڪندي ٻنهي کي هڪٻئي سان ملائي ڇڏيو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ اسان تاريخي شعور کان وانجهجي ويا آهيون. ڪيترن ئي غلط مفروضن جي ور چڙهي ويا آهيون. ان لاءِ هيٺ ڏنل مفروضن تي تاريخي شعور ۽ تاريخي ذهنيت جي روشنيءَ ۾ خاص توجهه ڏيڻ جي ضرورت آهي.

- جيڪڏهن شاندار ماضيءَ جي اسلامي نظامِ حڪومت کي وري جياريو وڃي ته عوام کي درپيش سڀئي مسئلا حل ٿي ويندا.
- ڇا جيڪڏهن سڄي دنيا جا مسلمان شاندار ماضيءَ جهڙي اسلامي اتحاد، اخوت ۽ ڀائيچاري جو مظاهرو ڪن ته اسلامي دنيا جا سڀئي مسئلا حل ٿي ويندا؟
- ڇا جيڪڏهن جهاد ڪيو وڃي ته ڪافرن جو خاتمو ۽ مسلمانن جو غلبو ٿي ويندو؟
- عروج واري دور ۾ مسلمانن جو ذاتي ڪردار ڏاڍو اسلامي هو. ڇا اهڙو ڪردار اختيار ڪرڻ سان عروج حاصل ٿي ويندو؟

سچ اهو آهي ته اهي سڀئي خيال آهن ۽ رڳو افسانوي خيال هوندا. جن جو حقيقت جي دنيا سان ڪوبه واسطو نه هوندو. جيڪڏهن اسلامي دنيا تي هڪ نگاهه وڌي وڃي ته تاريخي حقيقتون ڪجهه هن ريت اسان جي سامهون ٿيون اچن. رسالت واري دور ۾ جزيره نما عرب هر طرح جي پسماندگيءَ جو شڪار هو، جنهن کي دور جهالت ٿو سڏجي. ان خطي ۾ رياست ۽ حڪومت جو ته ڪو وجود ئي نه هو، پر سچ ته اهو آهي ته سماج به پوريءَ ريت نه ٿهيو هو. فريڊرڪ اينگلز جي مطابق، هن خطي ۾ قبائلي اتحاد جو وجود نظر اچي ٿو. رسول اڪرم صہ جي وفات، يعني 632ع ۾ سماج جي شڪل نمايان ٿي ۽ رسولِ خدا پاڻ لاءِ ڪوبه لقب مقرر نه ڪيو ۽ نه ئي پنهنجو ڪو نائب نامزد ڪيو. حڪومت ۽ رياست جو ظهور پهرين خليفي کان شروع ٿيو ۽ حضرت عمر جي دور ۾ جزيره عرب کان ٻاهر مصر، فلسطين، شام ۽ ايران جي فتحن ڪانپوءِ رياست ۽ حڪومت جو تصور مڪمل ٿيو. ان وسيع رياست جي انتظام هلائڻ لاءِ هي خطو قبائلي اتحادن (Tribal Confederacy) جي دور مان موروثي بادشاهت جي عهد ۾ داخل ٿيو. اهڙيءَ ريت حڪومت جو مرڪز هن خطي کان لڏجي ڪوفي، دمشق ۽ پوءِ بغداد ڏي منتقل ٿيو. اهو سڀ تاريخ جي منطقي گهرجن ۽ ضرورتن هيٺ ٿيو. اها ڳالهه چٽي آهي ته جزيره عرب يعني نجد ۽ حجاز جڏهن جهالت جي دور ۽ پسماندگيءَ جو شڪار هئا ته ساڳئي وقت هن خطي جي حدن ۽ سرحدن کان ٻاهر هزارن سالن کان وڏيون وڏيون سلطنتون قائم هيون. مصر ۾ فرعونن جي سلطنت، يورپ ۾ روما سلطنت ۽ ايران جي سلطنت جنهن جو عروج سائرس دي گريٽ (529 ق. م- 590 ق. م) وارو دور هو. سائرس دي گريٽ جو ذڪر الهامي ڪتابن ۾ به آيل آهي. هندستان ۾ موريا عهد ۾ چندر گپت موريا ۽ اشوڪ اعظم (232 ق. م- 300 ق. م) جون عظيم سلطنتون قائم هيون ۽ چين ۾ به اهڙو ئي منظر نامون ان ساڳي عهد ۾ نظر اچي ٿو. ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته اسلام هڪ انقلاب جي صورت ۾ ظاهر ٿيو، جنهن دنيا جي نقشي کي تبديل ڪيو. هتي انهن مفروضن ۽ غلط فهمين جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي ته امت واحد جو شروعاتي تاريخي دور مثالي هو. اها رڳو خوش فهمي آهي ڇو ته چئن خلفاءِ راشدين مان ٽن کي شهيد ڪيو ويو جيڪو ان مفروضي تي سواليه نشان جي حيثيت رکي ٿو. جنگِ صفين ۽ جنگِ جمل ان مفروضي کي وڌيڪ معنويت کان خالي ڪري ڇڏين. ڪربلا جو واقعو ۽ بني اميه دور ۾ اندروني خونريزي جا نوي سال ان مثالي تاريخي اتحاد جي ابتڙ منظر پيش ڪن ٿا. بني اميه جي نوي سالن ۾ مسلمانن وچ ۾ بيشمار ننڍيون وڏيون جنگيون ٿيون. جڏهن ته ٻارهن وڏيون جنگيون ٿيون جن ۾ مارجي ويلن جو انگ لکن ۾ آهي. وري پنج سئو سالن تي ٻڌل عباسي دور جو مطالعو ڪجي ته اهو به گهٽ اچرج ۾ وجهڻ جهڙو ناهي. ان دور ۾ به لکين مسلمان پنهنجي مسلمان ڀائرن هٿان قتل ٿيا ۽ بربريت جا ڀيانڪ واقعا تاريخ جو حصو آهن. پنج سئو سالن جي عباسي دور جو اسلامي اتحاد ۽ ڀائيچارو ان تناظر ۾ ڏسجي ته جنهن ۾ 37 عباسي خليفه ٿيا جن مان چوڏهن خليفا مسلمانن هٿان ماريا ويا. مطلب ته "اتحاد بين المسلمين" واري فرضي ڳالهه کي تاريخ ۾ ڪٿي به جاءِ نٿي ملي. اڄ جي دنيا ۾ جهاد جو نعرو ۽ ڪفر کي دنيا جي نقشي تان ختم ڪرڻ واري ڳالهه ڪِل جوڳي ٿي لڳي. ڌرتيءَ جي ڪل ست ارب جي آباديءَ ۾ مسلمانن جي آبادي ٻن اربن جي لڳ ڀڳ آهي. اسلامي آبادي جيڪا 57 ملڪن ۾ ورهايل آهي ۽ ڪوبه ملڪ ترقي



يافتہ هجڻ جي ڳالهہ تہ پري آهي خود ڪفيل هئڻ جو دعويدار بہ نٿو ٿي سگهي. ايڪيهہ عرب ملڪ جيڪي عرب ليگ جا رڪن آهن، هڪ اسرائيلي رياست اڳيان ريتيءَ جي ديوار جي حيثيت رکن ٿا. تنهنڪري جهاد ذريعي پوري دنيا تي اسلام جو جهنڊو ڦڙڪائڻ وارو فرضي خيال ڪا معنيٰ بہ رکي ٿو؟ جيئن تہ مٿي عرض ڪيو اٿم تہ سڄي اسلامي دنيا جو سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ميدان ۾ ڪو حصو ناهي، اهي تہ رڳو ان جي ڦل ڪائي رهيا آهن. اها ڳالهہ چٽي سمجهہ جوڳي آهي تہ انساني تهذيب ۽ تمدن جو سفر علم تي ٻڌل آهي. اسلامي دنيا ۾ علم جو سج جهالت ۽ وهم جي ڪڪرن پويان ڍڪيل آهي. اها بہ عبرت جهڙي ڳالهہ آهي تہ جڏهن يورپ پنهنجي هزار سالن واري سياهہ دور کان ٻاهر پئي آيو، انهيءَ دور ۾ خاص ڪري 1258ع کان اسلامي دنيا سياهہ دور ۾ داخل ٿي ۽ اڄ بہ ان سياهہ دور ۾ ٻيٺل آهي. مسلم دنيا ۾ ڪي بہ البيروني، ابنِ رُشد، ابنِ خلدون، الرازي جهڙا علمي شخص وري پيدا نہ ٿي سگهيا آهن.

اسان پنهنجي ماضيءَ جي هوش وڃائيندڙ طلسمي خيالن کان آزاد نہ ٿي سگهيا آهيون مورڳو پوئتي وڃي رهيا آهيون.

سياسي طور تي اسلامي دنيا اڄ بہ وقت جي آواز تي ڪن ڌرڻ لاءِ تيار ناهي. جزيره عرب جي قبيلائي نظام کان عهدِ بنو اميہ ۾ ٻاهر آيا ۽ دمشق ۾ باقائده موروثي بادشاهت قائم ڪئي ۽ بنو اميہ جي اقتداري قوتن موروثي سياست جي سيني رمزن کان آگاهي حاصل ڪئي ۽ پنهنجي درٻار ۾ رومن شهنشاهن ۽ ايراني شهنشائيت جي رعب ۽ دٻدٻي وارن طور طريقن کي پنهنجي مملڪت جو حصو بڻايو. ان معاملي تي حضرت عمر رضہ امير معاويہ کان پڇا ڳاڇا بہ ڪئي هئي جنهن تي امير معاويہ حضرت عمر رضہ کي مطمئن بہ ڪري ڇڏيو هو. عباسي عهد ۾ بہ ساڳي صورتحال برقرار رکي وئي، نہ رڳو ايترو پر بغداد کي دمشق کان وڌيڪ پروقار ۽ شان و شوڪت وارو گاديءَ جو هنڌ بڻايو ويو. خلافتِ راشده کانپوءِ جيئن تہ بيان ڪري آيو آهيان بنو اميہ جي دور ۾ خلافت مڪمل طور تي بادشاهت ۾ تبديل ٿي چڪي هئي. جيتوڻيڪ عوام کي دوکي ۽ فريب ۾ رکڻ لاءِ اهڙي ملوڪيت (موروثي بادشاهت) کي ”خلافت“ جي اصطلاح ۽ منصب جو نالو ڏنو ويو هو. اهو سلسلو سلطنتِ عثمانيہ جي سلطانن ۽ چڱن مڙسن 1924 تائين ان کي قائم رکيو. 1924 ۾ ترڪيءَ جي عظيم رهنما مصطفيٰ ڪمال اتا ترڪ خلافت جي اداري جي خاتمي جو باقائده اعلان ڪيو ۽ ترڪيءَ کي سيڪيولر جمهوريہ قرار ڏنو. ظلم تہ ڏسو نندي ڪنڊ ۾ خلافت تحريڪ سڄي هندستان ۾ معاهدهءِ سيورس (Treaty of Sevres) جي خلاف شروع ٿي ۽ ترڪي ۾ خلافت جي خاتمي کانپوءِ بہ هلندي رهي. جڏهن تہ عرب دنيا ۽ باقي اسلامي ملڪ ان کان لاتعلق رهيا. وقت جي ضمير جو آواز ۽ جمهور جي آواز جي گونج جمهوريت جي نظام جي حق لاءِ ڪيترين ئي صدين کان ڌرتيءَ جي فضائن ۾ موجود آهي. جمهوريت سيني ماڻهن جو برابريءَ جي بنياد تي عملي ۽ قانوني حق آهي. مذهب جي حوالي سان جمهوريت، رياست ۽ حڪومت جي غير جانبداري جي ڪردار تي ٻڌل نظام جو نالو آهي. رياست پنهنجي سيني شهرين سان هڪ جهڙو ورتاءُ ۽ انهن جي حقن جو هڪ جهڙائيءَ جي بنياد تي تحفظ نہ ڪري سگهندي، جيڪڏهن اها ڪنهن مذهب کي پنهنجو رياستي مذهب قرار ڏئي ٿي. قائدِ اعظم رح ان تصور کي پنهنجي 11 آگسٽ 1947ع واري خطاب ۾ چٽن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي، ”Religion has nothing to do with the business of the state“ ٻين لفظن ۾ ائين ڪٽي چئجي تہ جمهوريت ۽ سيڪيولرزم لازم ۽ ملزوم آهن. جيڪي گروهہ سيڪيولرزم کي لادينيت چون ٿا، اهي دراصل پنهنجي مخصوص مفادن جي تڪميل جي لاءِ عوام کي گمراهيءَ جي اونداهين ۾ قيد رکڻ گهرن ٿا. سيڪيولرزم جي صحيح معنيٰ ”لادينيت“ نہ پر ”گهڻ دينيت“ آهي.

مٿين بيانن جي روشنيءَ ۾ جمهوريت کان اسلامي دنيا جي اڻ ڄاڻائپ انهن جي سياسي پستيءَ جي عڪاس آهي. سڄي اسلامي دنيا يعني 57 اسلامي ملڪن مان ڪجهہ ملڪن کي ڇڏي سيئي ملڪ سيڪيولر آهن. مطلب تہ انهن رياستن جو ڪوبہ مذهب ۽ مسلڪ يا اسلام کي رياستي مذهب جو درجو حاصل نہ آهي. 57 اسلامي ملڪن مان ڪجهہ ملڪن ۾ اڄ بہ موروثي بادشاهت جو نظام رائج آهي، جن ۾ سعودي عرب سرِفهرست آهي. ويهين صديءَ ۾ جن اسلامي ملڪن ۾ موروثي بادشاهت جو خاتمو ٿيو، مثال طور: مصر، عراق، شام، افغانستان وغيره اتي جمهوريت جي جاءِ آمريت ورتي ۽ اها بہ موروثي شڪل اختيار ڪرڻ لڳي. مثال طور: شام جتي جمهوريت جو ٻوٽو جمهوريت جو پاڙي نہ ملڻ ڪري خزان جو شڪار نظر ٿو اچي. سعودي عرب ۽ ايران پوريءَ طرح مذهبي رياستون (Theocratic States) آهن. 1973ع جي آئين ۾ اسلام کي پاڪستان جو رياستي مذهب چيو ويو. اهو قائداعظم جي تصور جي بلڪل ابتڙ آهي. ان انحراف جو نتيجو ئي آهي جو ستر سال گذرڻ کانپوءِ بہ جمهوري عمل، جمهوري روايتون ۽ ادارا اڃان شروعاتي مرحلي کان اڳتي نہ نڪري سگهيا آهن. هن اسلامي رياست ۾ ڪيترن ئي ڏهاڪن کان شيعہ فرقي جي خلاف منظم قتلِ عام (genocide) جو سلسلو جاري آهي، جيڪو هاڻي ڪليل راز جو درجو ماڻي چڪو آهي. اسلامي سماج عالمي پئماني تي ان حوالي سان تنهائيءَ جو شڪار ٿيندو نظر پيو اچي. سڀ انتها پسند تحريڪون ۽ تنظيمون اسلامي معاشري جي ترقيءَ کي پوئتي ڌڪڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن.



## آخري حصو

# روحانيت جي نفسيات

سنڌيڪار: پروفيسر ڊاڪٽر غفور ميمڻ
ليکڪ: (ايچ بي ڊنيش)
پبلشر: پرادِئم پبلشنگ ڪئناڊا 1988ع

اسان هاڻ انهيءَ قابل ٿي ويا آهيون ته اخلاقيات جي آفاقي ڪوڊ جي نشاندهي ڪري سگهون، جنهن جو بنياد ارادي، پيار ۽ علم تي هجي. جيئن گڏريل بابن ۾ اسان انسان جي روحاني ترقي سائنسي ۽ سماجي اصولن جي بنياد تي جاچي ڏٺي ته ان سڄي عمل مان اسان کي سچائي، هيڪڙائي ۽ خدمت جو تصور مليو.

**سچ:**

تاريخ ۾ ڪيترن فلسفين سچ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هتي سچ جي فلسفي جي اپٽار نه پر روز مره جي زندگيءَ ۾ سچ جي عملي اهميت تي غور ڪنداسين. انفرادي طور سچ جي ڳولا زندگي جي فطرت جو حصو آهي، اسان پنهنجي وس آهر هر شيءِ جو سچ ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون، توڙي جو اسان ڪوڙ جا حامي هجون پر پوءِ به سچ ڄاڻڻ جي ڪوشش ضرور ڪنداسين. سيني سچن جي اهميت اها آهي ته اهي اسان سان وابسته آهن، نه ته سچ يا ڪوڙ ڪا شيءِ ناهي. منهنجي وجود جو سچ ڇا آهي؟ آئون ڪير آهيان؟ ڇا آئون روح آهيان يا جسم؟ آئون ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهيان؟ ڇا مان ايماندار آهيان؟ بهادر آهيان؟ قابل ڀروسو آهيان؟ وفادار آهيان؟ منهنجي زندگي جو مطلب ڇا آهي؟ اهڙي قسم جا سوال سنجيده نوعيت جا آهن جيڪي هر ماڻهو جي زندگيءَ سان واسطو رکن ٿا. انسان ذات کي انهيءَ ڳالهه جي ضرورت آهي ته هو سچ کي ڄاڻي، پر جڏهن ته سچ کي سمجهڻ جي صلاحيت محدود ۽ اضافي آهي. اسان ڪڏهن به مڪمل سچ کي ڄاڻي نٿا سگهون. سچ کي ڄاڻڻ جي اڄ سڄي زندگي رهندي آهي. سيئي ماڻهو هر شعبي ۾ شعوري يا لاشعوري طور سدائين پنهنجي وجود ۽ فطرت بابت ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن. سچ جي اهميت اها آهي ته اسان پنهنجي ذات جي مطمئن ٿيڻ لاءِ سچ کي سمجهڻ لاءِ پتوڙيندا رهندا آهيون. ڀلي اسان ڪوڙ جي چونڊ ڪريون پر اها ٻين جي لاءِ ته ڪري سگهون ٿا پر پنهنجي لاءِ نه. جيڪڏهن اسان سچ جي سوال جي تلاش ڪنداسين ته ان سان اهو به سوال گڏيل آهي ته مڪمل ڪوڙ ڇا آهي؟ حقيقت اها آهي ته سچ هڪ روشني وانگر آهي جڏهن نروار ٿئي ٿو ته اسان جي ذات جي اصليت صاف نروار ٿئي ٿي، انهيءَ ڪري اسان سچ کان ڊنل هوندا آهيون. اونداهي ۾ سيني تي پردو پيل هوندو آهي، ماڻهو سچ کان لڪي انهيءَ ۾ رهي ٿو. انهيءَ ڪري ڪوڙ جو سهارو به ماڻهو جي زندگيءَ جو اهم حصو آهي، پر حقيقت اها آهي ته ڪوڙ ڪيترين ئي مشڪلاتون پيدا ڪري ٿو، سماجي طور ڪيترائي مسئلا پيدا ڪري ٿو. ڪوڙ جهالت جو بنياد آهي، جنهن ۾ نفرت جنم وٺي ٿي. غلط فهميون پيدا ڪري ٿو، انسان جا پاڻ ۾ ويڇا پيدا ٿين ٿا. تنهنڪري انسان ذات لاءِ



سچ جي ضرورت وڌيڪ اهم آهي، انسان کي نه صرف پاڻ کي سمجهڻ لاءِ سچ جي ضرورت آهي پر ٻئي کي سمجهڻ لاءِ به سچ جي ضرورت آهي. اسان کي هڪٻئي جي سچ کي سمجهڻ جي به ضرورت آهي. تنهنڪري اسان کي هڪٻئي سان ايمانداري سان وهنوار ڪرڻ گهرجي. حقيقت اها آهي ته سچ ۾ هيڪڙائي آهي، وحدانيت آهي، هيڪڙائي پيار جي ويجهو آهي. جو ته پيار کان بغير وحدانيت جو تصور ناممڪن آهي. انسان جي هيڪڙائي، ٻڌي، وحدانيت کي چئلينج اهو آهي ته انسان فطرتن ڪثرتي مزاج جو آهي. تنهنڪري انسان کي سهپ، رواداري ۽ ٻئي جي خوشي سان خوش رهڻو پوندو، ان ۾ ئي سندس خوشي آهي.

**خدمت:**

انساني اخلاقيات جو اهم جزو انسان جي خدمت آهي. جهڙي طرح درد کان بغير ترقي جي منزل نٿي طئي ڪري سگهجي. بلڪل اهڙي طرح خدمت جي تصور کان بغير قوم ترقي نٿي ڪري سگهي. ڪائنات ۾ صرف انسان ئي اهڙي مخلوق آهي، جنهن کي پاڻ کي سٺو ڏيکارڻ جو، سٺو ٿيڻ جو شوق آهي، اسان جيڪڏهن ائين چئون ته انسان هن ڪائنات جو شعور آهي ته وڌاءُ نه ٿيندو. اسان وٽ اها صلاحيت آهي ته اسان چونڊ ڪريون، اسان خراب يا صحيح جي چونڊ ڪريون، اها صلاحيت انسان ۾ آهي. انسان جيڪڏهن ٻئي انسان جي خدمت ڪندو ته قدرتي طور ڪيس سڪون ملندو، سندس روحانيت جي نشونما ٿيندي ۽ سندس رويي ۾ نرمي پيدا ٿيندي، پاڻ کي مهذب بڻائيندو. خدمت مان مراد صرف ڪمزورن، معذورن يا فقيرن جي خدمت ناهي، خدمت مان مراد آهي ته توهان پنهنجي برابر جي انسان جي به خدمت ڪريو. رشتي کان بغير به خدمت ڪريو. دوستي ۽ دشمني جي فرق کي مٽائي خدمت ڪريو. هڪٻئي جو جائز ڪم ۾ هٿ ونڊايو. خدمت جو تصور وسيع آهي توهان ڪنهن سان سٺو رويو رکو اها به خدمت آهي، توهان ڪنهن سان نرمي سان ڳالهايو اها به خدمت آهي، پاڻ کان وڏن جي عزت ڪريو اها به خدمت آهي.

ٻيو ڪجهه نہ پر مثبت رويو پاڻ ۾ پيدا ڪريو اها بہ انسان جي خدمت آهي، انسان پنهنجي احساس ڪمتري يا نفسياتي ڪجروي جي ڪري اڪثر پنهنجي ڪمتري ٻئي تي مڙهيندو آهي پوءِ اها ڪڏهن احساس برتري جي شڪل ۾ يا وري خراب رويي جي شڪل ۾ يا وري منفي سوچ جي شڪل ۾ سڀ کان وڏي ڳالهہ اها آهي تہ پنهنجو احتساب ڪريو تہ ڇا توهان صحيح پيا ڪريو، ڪنهن جي دل آزاري تہ نہ پيا ڪريو؟ پنهنجي ٿوريءَ خوشي خاطر يا پنهنجي ٿوري ڏيکاءَ خاطر ڪنهن کي ڏکويو تہ نٿا؟ بس جي پاڻ تي ضابطو رکي ويا تہ اها انسان ذات جي خدمت آهي.




## روحانيت:

آخرڪار انسان جي سيني ڪوشش جو حاصل مقصد ڇا آهي؟ انسان تہ اڳ ۾ ئي پريشاني ڪٽي پيدا ٿيو آهي. جو هر طرف ڪيس مسئلا آهن، بک، افلاس، جهالت، دهشتگردي، سماجي ڪمتري، ڏپ، موت، بيماريون، وڇوڙو، غربت الائي ڇا ڇا!!! ڇا انسان کي نجات ملڻ ممڪن آهي؟ هن سڄي بحث جو حاصل مطلب اهو ئي آهي تہ انسان مادي هوس پٺيان ڪاهيندو رهيو تہ ڪيس ڪڏهن بہ سڪون نہ ملندو. توهان تصور ڪريو، اهو انسان جيڪو مٽي ۾ فطرت جي ويجهو زندگي گذاريندو هو اهو ڏاڍي سڪون ۾ هو وٽس ڪجهہ بہ نہ هو، پر خوشي هئي. اڄ جي انسان وٽ سڀ ڪجهہ آهي، سک سهولتون، انسان دنيا تسخير ڪري چڪو آهي، پر ڪائنس سڪون موڪلائي ويو آهي. ڪير آهي جيڪو چوي تہ هو پريشان ناهي. رشتا ناتا ختم ٿي رهيا آهن، شادي شده زندگي تباهي ڏانهن وڃي رهي آهي، پيار جي نالي ۾ هوس پلجي رهيو آهي، مفاد خاطر ماڻهو عزت، ڌرم، دنيا، ضمير سڀ ڪجهہ وڪڻي ٿو. بيماريون حد کان وڌي چڪيون آهن. انسان اڪيلو ٿيندو وڃي. خودڪشي، دهشتگردي ۽ جنون عام آهي، ماڻهو پاڻ کي پڏائڻ ۾ پورو آهي، مال تي، عهدن تي، جواني تي، پر ڪيس سڪون جي ننڊ بہ نٿي اچي. تنهنڪري انسان جي سيني ڪوشش جي حاصلات صرف هڪ پرسڪون زندگي آهي. ڇا اها زندگي مادي ڊوڙ ۽ مادي حصول ۾ آهي يا روحاني قدرن ۾؟ انسان واحد اها مخلوق آهي جنهن کي روحاني سڪون کپي، جيڪو صرف ان وقت ملي سگهندو جڏهن انسان ٻئي انسان کي سمجهندو، ڪائناتي سوچ پيدا ڪندو. آفاقي اخلاقي قدر اختيار ڪندو.

## روحاني زندگي جو اسلوب:

ماڻهن کي اها ڳالهہ گهٽ سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ زندگي جي اهميت ڪيتري آهي؟ بنيادي طور فرد بيمار ٿيندا آهن تہ سماج بہ بيمار ٿيندا آهن. مادي هوس جي بيماري اهڙي آهي جيڪا هڪ دفعو لڳي وڃي تہ ماڻهو جانور بڻجي پوندو آهي. انسان فطرت جي پيداوار آهي، لڪين سال فطرت سان هم آهنگ رهيو تہ سڪون ۾ هو پر اوڻهين صدي کان جيئن ئي انسان فطرت کان پري مصنوعي ماحول ٺاهي جيئڻ شروع ڪيو تہ انسان جي نفسيات بگڙجي ويئي. هو بي سڪون ٿي پيو، هوس وڌي ويس. آهستي آهستي انسان صرف ڏيکاءُ لاءِ وڃي رهيو. اڄ جي جنهن دور ۾ اسان جيئون ٿا ان ۾ سائنس ۽ مذهب کي بلڪل نئين طرز سان تبديل ٿيڻ جي ضرورت آهي. دل ۽ دماغ کي هڪ ٿيڻ جي ضرورت آهي. ماڻهو رنگ ۽ نسل کان بغير تميز جي هڪ ئي آهي انهيءَ کي هڪ ٿيڻو پوندو. هن دنيا جي سياست جيستائين انصاف تي مبني نہ ٿيندي انسان سُکي نہ ٿيندو، دنيا گلوبلي هڪ نئين تاريخ ٺاهي رهي آهي هڪ نئين تهذيب پيدا ٿي رهي آهي، انسان کي انهيءَ دور کي سنڀالڻو پوندو. توهان سمجهندا تہ مان تبليغ ٿو ڪريان کي نوس نقطہ ڏئي دنيا کي تبديل ٿيڻ جي ڳالهہ نٿو ڪريان، پر مان وڏي تبديلي لاءِ صرف توهان کي تيار ٿو ڪريان، خبردار ڪريان ٿو تہ توهان کي پنهنجي رويي ۾ دنيا، انسان، مادي شين ۽ ذاتي احتساب ۾ تبديلي آڻڻي پوندي. جي توهان روز پنهنجو احتساب ڪريو تہ توهان اڄ ڪنهن جي دل ڏکائي، ڪنهن جو حق کاڌو، ڪيترو حرام کاڌو، ڪيترو ڪوڙ ڳالهايو. ڪيترو خوش ٿيا ۽ ڪيترو رنج ٿيا تہ يقينن ٻئي ڏينهن توهان جو رويو مختلف هوندو. اتان ئي توهان جي روحانيت شروع ٿيندي. روحاني شخصيت جي صورتحال مختلف هوندي آهي، هو پنهنجي زندگي کي هڪ نئين سانچي ۾ وجهي جيئڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جنهن ۾ سهپ هوندي آهي. بس اڄ جي دور کي امن ۽ پيار کپي، پر مفاد ۽ ڏيکاءُ وارو نہ کپي.



جيستائين موجوده اقتداري هوس ۽ مفاد جي سياست هلندي رهندي انسان آزار ۾ رهندو، تنهنڪري انسان کي تبديلي هر پهلو کان کپي.... (پورو ٿيو).

# هڪ ايراني ماءُ جون يادگيريون

**يوسف سنڌي**

جنگيون جتي تباهي آڻين ٿيون اتي انهن جي پيٽ مان ڪيتريون ئي نيون شيون ۽ تبديليون بہ جنم وٺن ٿيون، انهن ۾ هڪ ادب ۽ ڪتاب بہ آهن. دنيا ۾ ٿيل اڪثر جنگين ڪانپوءِ جنگ جي تباهي، ان جي ڀوائتي روپ، ان جي نقصانن ۽ ايندڙ وقت ۾ انهن کان بچڻ لاءِ ماڻهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ واسطي ڪيترو ئي ادب تخليق ٿيندو رهيو آهي، جنهن ۾ ڪهاڻيون، ناول، شاعري، جنگي محاذ تي لکيل روزنامچہ ۽ يادگيريون شامل آهن. ٻن مها ڀاري جنگين ڪانپوءِ يورپ ۾ جيڪو ادب تخليق ٿيو، ان نہ رڳو يورپ، پر سڄي دنيا جي ماڻهن ۾ جنگين ۽ جنگي جنونيت جي خلاف نفرت ۽ جاڳرتا پيدا ڪئي. جنگ هڪ جنون آهي، جيڪو فقط ڪو بيمار ذهنيت وارو شخص ئي ڇيڙي سگهي ٿو، جيئن يورپ ۾ هٽلر جي هوس گيري ۽ جنونيت دنيا کي هڪ اهڙي جنگ ۾ ڌڪيو، جنهن جو ٻارڻ نہ رڳو جرمني ٿيو، پر ان دنيا جو نقشو ئي بدلائي ڇڏيو. انن سالن تائين هلندڙ ايران-عراق جنگ بہ هڪ ذهني مريض، بيمار ۽ جنوني شخص صدام حسين جي جنونيت جو نتيجو هو، ان جنگ نہ رڳو هن خطي تي وڏا سياسي اثر ڇڏيا، پر مستقبل ۾ آمريڪا کي هن خطي ۾ پنهنجا پير کوڙڻ جو موقعو ڏنو. صدام حسين اها جنگ آمريڪا ۽ مغربي طاقتن جي اشاري تي شروع ڪئي، ان جو هڪ وڏو مقصد اهو بہ هو تہ 1979ع ۾ عوامي تحريڪ جي نتيجي ۾ ايران ۾ آيل اسلامي جمهوري انقلاب جي اثرن جي رستا روڪ ڪري سگهجي، ان جنگ ۾ ايراني عوام مرد توڙي عورتن، ٻارن توڙي ٻڍن جو جذبو ڏسڻ وٽان هو، هنن پنهنجي وطن ۽ انقلاب جي بچاءَ لاءِ هر قسم جي قرباني ڏني، اهڙي مثالي قرباني جو هڪ مثال سيده زهره حسيني جي يادگيرين تي ٻڌل فارسي ۾ لکيل ڪتاب "دا" آهي. زهره حسيني جو هي ڪتاب حقيقت ۾ ايران- عراق جي جنگ دوران جي يادگيرين تي ٻڌل آهي، سيده زهره حسيني هڪ اهڙي نيڪ سيرت وطن پرست ۽ فرض شناس خاتون آهي، جنهن جنگ جي دوران وسندڙ گولن ۽ بمباري ۾ جيڪا وطن ۽ وطن جي ماڻهن جي خدمت ڪئي، اها وسارڻ ممڪن ڪونهي.



سيده زهره حسيني جو پيءُ شهيد حسين حسيني هڪ سياسي ڪارڪن هو، جيڪو ايران مان شاهي آمريت جي خاتمي لاءِ عملي طور پتوڙيندو رهيو هو. ڪڏهن جيل ۾ تہ ڪڏهن آزاد رهندو هو، جڏهن عراق، ايران تي حملو ڪيو ۽ "خرم شهر" جنگ جو ميدان بڻجي ويو تہ سيده زهره حسيني جو پيءُ حسين حسيني ۽ ڀاءُ علي حسيني پڻ ان ۾ حصو ورتو ۽ وطن تان جان قربان ڪيائون، "خرم شهر" اڳتي هلي عراق لاءِ "لينن گرادِ" ثابت ٿيو.

جنگ واري سڄي عرصي دوران سيده زهره حسيني زخمين جي ملم پٽي ۽ شهيد ٿيل مجاهدن جي ڪفن دفن لاءِ هڪ ڪارڪن طور ڪم ڪندي رهي. ان دوران هن جيڪي دل ڏاريندڙ منظر ڏٺا، سي سڀ سندس يادن ۾ محفوظ رهيا، جيڪي پوءِ 2001ع ۾ "دفتر ادبيات هنر و مقاومت" جي عملي جي مدد سان سيده اعظم حسيني ساڻس رابطو ڪري ڪانئس اهو داستان مرتب ڪرايو ۽ ائين هڪ شاهڪار ڪتاب وجود ۾ اچي ويو. پهرين اهو "فارسي ٻوليءَ ۾، "دا" جي نالي سان ڇپيو (فارسي ۾ ماءُ کي "دا" چيو ويندو آهي)، ڪتاب جي ڇپجڻ سان ئي ان کي وڏي پذيرائي ملي ۽ وڪري ۽ ڇپائي جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيائين. رڳو فارسي ٻوليءَ ۾ ئي هن ڪتاب جا ڏيڍ سئو ڇاپا ڇپجي چڪا آهن، هاڻ اهو ڪتاب "ماءُ" جي نالي سان ٻن ڀاڱن ۾ اردو ۾ ترجمو ٿي ڇپيو آهي، ڊبل ڪرائون سائيز جي هن ڪتاب جا ٻئي ڀاڱا 1060 صفحن تي ٻڌل آهن.

ڪتاب پڙهندي ئي اندازو ٿي وڃي ٿو تہ سيده زهره حسيني جا اهي ڏينهن ڪيڏا نہ ڪربناڪ گذريا هوندا، جيئن هڪ هنڌ لکي ٿي.
"بمباري جي دوران آئون پٽ تي ڪري پئي هئس ۽ مٽي جا ذرڙا ۽ سرن جا ٽڪرا اڏرندا مون ڏانهن اچي رهيا هئا، جو اوچتو منهنجي نظر بلديہ جي هڪ ملازم تي پئي، اهي ڪجھ سيڪنڊ جن ۾ آئون پٽ تي ليٽڻ جي لاءِ جهڪي وئي هيس، بم جي هڪ ٽڪري سندس سر اڏائي ڇڏيو هو ۽ سندس رت وهندڙ جسم بنا ڌڙ جي ڊوڙي رهيو هو ۽ جڏهن اهو جسم دروازي جي چائنٺ تي پهتو تہ ڌڙام سان اتي ڪري پيو."

ٻي هنڌ لکي ٿي "آئون شهيدن جي لاشن جي وچ ۾ هلي رهي هيس، جو اوچتو احساس ٿيم تہ منهنجو پير ڪنهن شيءِ ۾ ڦاسي پيو آهي، منهنجا لڱ ڪانڊارجي ويا، منهنجي ڪهڙي مجال جو پنهنجي جاءِ تان چُري سگهان يا هيٺ پير ڏانهن هٿ وڌائي سگهان، مون کي پنهنجي پيرن ۾ گپ ۽ چڪناهٽ محسوس ٿي رهي هئي، جيڪا هر گهڙي وڌندي پئي وئي، اوچتو آئون ٿڙڪڻ لڳيس ۽ منهنجي پيشاني پگهرجي وئي، مون هوريان هوريان هٿ هيٺ ڪري پير تي ڦيريو، جڏهن خبر پيم تہ ڇا واقعو پيش آيو آهي تہ منهنجي جسم ۾ ڪرنٽ لڳي ويو ۽ منهنجو سڄو وجود ڏڪي ويو، منهنجو پير ڪنهن لاش جي پيٽ تي پيو هو، جنهن جا آندا ٻاهر نڪري آيا هئا، مون ڏاڍي ڏکيائي سان پير مٿي ڇڪيو، جيڪو ٻي حس ۽ ڳرو محسوس ٿي رهيو هو، ڄڻ اهو منهنجو پير ئي نہ هو."

هڪ ٻي هنڌ هوءَ چوي ٿي: "منهنجو ضمير رڳو شهيدن کي غسل ۽ ڪفن ڏيڻ تي مطمئن نہ هوندو هو، پر مون چاهيو ٿي تہ جنگي محاذ تي وڃي مجاهدن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي وڙهان، زخمين جي مدد ڪريان ۽ جوانن جي قيمتي جانين کي بچائڻ جي ڪوشش ڪريان." ان سوچ ۽ جذبي تحت هوءَ ڪيترائي ڀيرا جوانن سان گڏجي جنگ جي محاذ تي وڃي وڙهي ۽ زخمين جي مدد ڪيائين. هڪ ڀيري جنگ جي محاذ تي جنگ جي دوران هن جي ڪرنگهي جي هڏي کي بم جو ٽڪرو لڳو، جنهن سان هوءَ زخمي ٿي پئي، پر ان حالت ۾ بہ هن پنهنجن ساٿين کي سهارو ڏيڻ جي موڪل نٿي ڏني، پر هن ڪنهن جوان جي هٿ ۾ جهليل هٿيار جو سهارو ورتو، در حقيقت اهو سڀ سندس پيءُ جي تربيت جو نتيجو هو.

سيده زهره حسيني جون هي يادگيريون پڙهندي اکين ۾ لڙڪ ڀرجي ٿا اچن ۽ ماڻهو پنهنجي اندر ۾ پنهنجي وطن سان محبت ۽ خدمت جو جذبو محسوس ڪري ٿو، بيشڪ ڪتاب "دا" (امڙ) هڪ شاهڪار ڪتاب آهي ۽ هن بهادر خاتون کي سلام ڪرڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي.



Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

# ٿولهه نامي جي ڏند ڪٿا!

شوڪت لوهار

انهن ڏينهن کي ياد ڪري منهنجي بہ اهڙي حالت ٿي ويندي آهي، جيئن مور پکي جي پنهنجي پيرن کي ڏسي. بهرحال هو صرف انهيءَ ڪري روئندو آهي جو سندس پير سهڻا ناهن پر اسان جي پوري جسم جو حشر نشر لڳو پيو آهي، جسم جي هر عضوي تي ايتري چربي چڙهي ويئي جيئن آئون ڄڻ ماڻهو جو جسم نہ بلڪہ ڪا بڪتر بند گاڏي ڪٽي پيو هلان! ساهہ ساهہ تي نٽو ماپي، پيٽ آهي جيڪو پنهنجي اکين کان ايترو پري هليو ويو آهي جو ان تائين پهچڻ لاءِ هاڻ لڳي ٿو ناسا وارن جي مدد وٺڻي پوندي!

پنهنجي عضون ۽ سنجن تي پهچڻ لاءِ منهنجا هٿ ائين ئي تڙپن ٿا جيئن گڏهہ اوڏ کي ڏسي تڙپندو آهي، پر ڇا ڪجي جو ٿولهہ هٽي ڪم لاهي وڌو آهي. ريٽ وڌي ويا، پيٽ وڌي ويا، ويٽ وڌي ويا، ڪهڙي شيءِ کي ڏاهجي ڪهڙي شيءِ ٺاهجي. يونيورسٽي وارن ڏينهن کي ساري اکين ۾ سانوڻ اچي ٿو وڃي، جڏهن آئون ايترو سنهو ۽ ڪنگلو هئس جو ڄامشوري جي هوا سان ڪيئي شڪايتون ڪندو هئس، جڏهن بہ هوا تيز لڳندي هئي ۽ خاص طور تي سياري جي ٿڌڙي هوا ۾ جڏهن شوخي اچي ويندي هئي تہ مون سميت ڪيترائي دوست هوا جي رخ تي لغڙ جيئان اڏامڻ لڳندا هئا. تيز هوائن ۽ جهڪ هلڻ وقت اسين زمين تي ويهي رهندا هئاسين تہ متان هوا ڪٽي وڃي ڪنهن وڻ ۾ ڦاسائي نہ ڇڏي. ان وقت پنهنجي سنهي هجڻ تي غصو ايندو هو ۽ هاڻ پنهنجي جسم کان سئو سيڪڙو وڌي وڃي فئيٽ ٽريڪٽر جي شڪل جي ٿيڻ تي! تڏهن ئي تہ سياڻن سچ چيو آهي تہ پيٽ نہ خالي چڱو ۽ نہ ڀريل! پر خالي تہ وري بہ نيڪ آ پر اڄڪلهہ مون سميت ڪيئي اهڙا ڪامورا دوست آهن جن جو پيٽ ايڏو وڌي ويو آهي، جو ڄڻ ائين لڳي ٿو تہ هو پنهنجي اڳيان هڪ ننڍڙي ديڳ کنيو وتن. ٿلهو ماڻهو ڪنهن نہ ڪم جو نہ جوار جو اٽو نہ شادي نہ غمي.



منهنجو پيٽ ائين ڪونہ وڌيو ان تي ڪيترن ئي سالن جي محنت ۽ مشقت ٿيل آهي ۽ ان ۾ حرام حلال جو مال ايتري گهڻي تعداد ۾ پيل آهي جو هاڻ ان جي تحقيق ڪرڻ لاءِ ڪي وڏا رياضيدان اچن نہ تہ ڄٽي وٽي جي وس جي ڳالهہ ڪونہ آهي.

اڳ ۾ ڪپڙا پائبا هئا تہ ڄڻ لڳندو هو ڪنهن مانجهانڊٽي جي ڪاٺي مٿان رلي پيل آهي پر هاڻ ڪاٽن جا ڪپڙا پائي جڏهن تيز ساهہ کڻبو آهي تہ ائين لڳندو آهي ڄڻ ڪنهن ڪاري بلا کي ڪپهہ ۾ لڪائي رکيو هجي!.

ٿيو ائين جو جڏهن يونيورسٽي ۾ هئاسين تہ ڪئنٽين جي رُکي سُکي ماني اها بہ ڪڏهن ملي ڪڏهن ڪونہ ڪائي ويندا هاسٽل کان فيڪلٽي ۽ فيڪلٽي کان اي سي ٽو جا پنڌ، بس پوءِ تہ ڄڻ نارا جيل جي قيدين ۽ اسان ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ هوندو هو. ايترا سنها ٿي وياسين جو هڪ ڏينهن طبيعت خراب هوندي ڊاڪٽر جي ور چڙهڻ ڪانپوءِ انهيءَ جي گفتگو ٻڌي حيرانگي ٿي. جي اوهان ايڪسري ڪرايو ايتري ۾ منهنجي دوست چيو تہ سائين هن کي ايڪسري جي ڪهڙي ضرورت آهي.؟ هن جي اندر رڳون بہ صاف نظر اچن ٿيون. ڇو ٿا اسان کي لياقت يونيورسٽي جو پنڌ ڪرايو هن جي قميص لاهي اُس تي ڏسوس سڀ ڪجهہ صاف صاف نظر اچي ويندو، دل گردا ۽ آنڊا وغيره وغيره. پنهنجي ننڍي قد ۽ ڪمزوري سبب هر رعايتي مراعت جو فائدو ورتوسين، ان وقت اسان کي ڪجهہ غير سرڪاري تنظيمن ايٿو پيائي ۽ سومالي ٻارڙن، ماڻهن جي انگن اکرن کي ڏيکارڻ لاءِ فوٽو سيشن بہ ڪيا ۽ جن جا انهن اسان کي ويهہ ويهہ رپيا بہ برابر ڏنا ۽ ماني بہ چڱيرڙي ڪارايائون.

وقت جي وير بہ اچي چڙهي هڻ وٺ ڪري اسان بہ هڪٻئي پنيان وڏا مقابلي وارا امتحان ڏنا ۽ نيٺ پار پياسين، ڪاموڪي ۾ اچڻ ڪانپوءِ گهر ۾ رشوتي وهڪ ائين ٿي ڄڻ رائس ڪئنال کي گهارو لڳو هجي. روزانو پيزا، ڪي ايف سي، ميڪ ڊونالڊ سافٽ ڊرنڪس، اخروٽ، بادام ۽ انجير جا ٻورچا گهر ۾ سٽيا پيا هجن. هر وقت کائڻ، هر وقت ريڊي ميڊ عرف فاسٽ فوڊ کائڻ ۽ ڳاڙهيون نيريون اڇيون ڊائٽ واريون ۽ پيون گهٽيون ئي بوتلون پئي پيتيوسين، تان جو وزن جا سڀ وٽ ڀڄي پيا ۽ بازار ۾ سڀ پٽا ڪٽي ويا، پينٽن جو نسبت تناسب ايترو وڌي ويو جو تلڪ لڳل چاڙهي درزين کي خاص هدايتون ڏيئي ماپ ڪرائڻي پي پئي، هو ماپ وٺڻ لاءِ چيلهہ جي هڪ ڇيڙي کان ٿيندا ٻئي ڇيڙي تي پهچڻ لاءِ حيدر چوڪ کان ٿي پئي وريا! اهڙي حالت اهڙي جُٺ زندگي سڄي ڪونہ ٿي پر ڇا ڪجي اهي بہ زندگي جا روپ آهن، زندگي جا الميا آهن، الميا رُڳو هيملٽ ۽ ٽائيٽانڪ ٿوروئي آهن، اسان جي جسم جي چڙهيل چربي جيڪا هاڻ اسان جي اکين تي بہ چڙهي ويئي آهي، اهو وڏو الميو ڪونہ آهي ڇا؟ دنيا ۾ انهي کان وڏيڪ بلاڪ بسٽر ڪو ٻيو ٿيندو ڀلا؟ خوامخواهہ لنارڊو ڪيپريئو ۽ عامر خان کي ايوارڊ ملن ٿا، اسان بہ تہ ٿولهہ ۾ رڪارڊ ٽوڙيا آهن، ڪرپشن ۾ سڀ مٽ ڀڃي ڇڏيا آهن، اسان کي خبر ناهي اهو نوبل ۽ آسڪر الائي ڇو نٿو ملي، پر خير آهي ملي نہ ملي انهي جي اسان کي پرواهہ ٿوروئي آهي اسان هڪڙي فون تي ڪنهن بہ سنڌي ڊرامي جو حصو ٿي سگهون ٿا، بلڪہ ڪنهن سوپ سيريل ۾ حصو وٺي سگهون ٿا، جنهن ۾ اسان جي جسم کي ڏيکارڻ لاءِ ڪئمرا ۾ الٽرا ۽ ايڪسٽرا سمال جو ٻٽڻ هجڻ ضروري آهي. سنڌي ڊرامن جا سڀ ليکڪ سڀ ڊائريڪٽر جيڪي هاڻ بهترين، انمول ۽ لازوال ڊراما لکن

پيا انهن کي صرف هڪ فون ويندي هو مون کي ۽ مون جهڙن ٻين بلائن کي هيرو جو ڪردار ڏيڻ ۾ دير ئي ڪونہ ڪندا. چاڪاڻ تہ سنڌي ڊرامن ۾ هيرو جو سنهو هجڻ ضروري ڪونہ آهي، بلڪ ان جو ڪجھ بہ نہ هجڻ سڀ ڪجھ آهي. بس بندوق ڪلهي تي ۽ چار ڏاڙيل ۽ پوءِ صدين جون صدائون پيو ڊرامو هلندو ۽ اهو ڊرامو وڃي تبديلي جي تيز ڌار چاڪو سان ڪٽبو ۽ پوءِ سنڌي ۾ ٽڙي پوندا ٽارئين ڳاڙها گل ۽ گلان ۽ غلامون جو ميلاپ ٿيندو واھ، واھ!

ڪامورن جي ٿولھ ۽ ڪيل ڪرپشن تي ڪا نئين الفا بيٽ تيار ٿئي باقي موجوده ٻولي ۾ ايتري سگھ ڪونہ آهي جو اها اسان اجگر بلائن جو وزن ڪٽي سگھي. اسان جي منزل اڃا بہ اڳتي! بهرحال جڏهن آسٽريليا ۽ ڪئناڊا جي جزيرن کي خريد ڪرڻ لاءِ پارٽين سان ڳالهيون طئي ٿيون تہ اتي وڃڻ لاءِ ظاهر آهي تہ جهاز ۾ چڙهي وڃڻو هو، سو جهاز وارن چيو تہ سائين ڪجھ وزن گهٽايو جهاز غريبڙي ۾ ايتري همت ڪونہ آهي. جو اوهان جي ڪمي جهڙي باڊي ۽ ڪي ٽو جهڙي پيٽ جو وزن برداشت ڪري سگھي!.

لاچار اُنن بار سٽيا ويٺاسين. حڪيمن جا نسخا ڪائڻ ۽ نالي وارين سنڌي اخبارن جن ۾ هونئن تہ سنڌي ٻولي جا صفا چوٽي تي چڙهيل ليکڪ ۽ تجزيہ نگار لکندا آهن ۽ سنڌي ٻولي جي بگڙجڻ ۽ ان جي خراب ٿيڻ تي انهن کي ايتري ڳڻتي هوندي آهي جيئن جهنگلي جيوت جي عالمي تنظيمن کي پانڊا جي فڪر آهي، پر انهن چوٽي جي اخبارن ۾ ٿولھ لاءِ لفظ موٽاپو ائين استعمال ٿي رهيو آهي. جيئن اسان وٽ اُنن جو ڪير استعمال ٿئي. آئون تہ گذريل ڪئين سالن کان ٿولھ لاءِ موٽاپو لفظ ڏسندو پيو اچان پر ٿي سگھي ٿو تہ سنڌ لاءِ پريشان رهندڙ ۽ سنڌي ٻولي لاءِ رات ڏينهن روئندڙن کي ۽ اخبار جي ڪرتا ڌرتا ان داتائن کي اهو لفظ نظر نہ آيو هجي. ٺهيو پلا اڳتي تا هلون، سو آن لائين ڦڪيون گهرايون سين، پٽا گهراياسين، اسان جي چيلھ تي ڪهڙا پٽا پورا اچن ها، چيلھ ۽ ڳچي ۾ رسا وڌاسين، پيٽ مٿان نيٽو جون ٽينڪون چاڙهايوسين، پر وزن ۽ پيٽ گهٽ ٿيڻ کان ائين انڪار ڪري ڇڏيو جيئن اسان جو گذريل خزاني جو وزير پنهنجي وطن ورڻ کان انڪاري ٿي بيٺو آهي!


سو ڪنهن سُٺي دوست صلاح ڏني تہ ان وزن گهٽائڻ ۽ خاص طور وڏيل پيٽ گهٽائڻ لاءِ اوهان ڪو ڪَسرت ايوان عرف جم جوائن ڪريو.

هلو سائين ڪسرت ايوان ۾ ڦهتاسين توبھ منهنجا رَب اُتي تہ وڏي حالت لڳي پئي هئي، ڪسرت ايوان جو نقشو چٽڻ کان آئون قاصر آهيان، اُتي تہ مون کان بہ وڏيون وڏيون ارڙ بلائون ائين هلي رهيون هيون جيئن هٽلر جي ظلم کان يهودي گئس چيمبر ۾ رنيندا هئا! بهرحال جم ۾ ڪوچ ويچارو ايترو سنهو هو جو منهنجي فوٽ بال جهڙي منهن تي لڳل ٻن اکين ۾ ائين پئي نظر آيو جيئن مائڪرو اسڪوپ عرف خورد بيني ۾ هڪ جيوگهرڙي وارا جاندار نظر ايندا آهن، هو گگدام وينو سمجهائڻ تہ اوهان کي بوائلر مرغي ڪونہ ڪائڻي آهي (جيڪا اسان گذريل چاليھ سالن کان ائين پيا ڪائون جيئن چين ۽ ڪوريا وارا ڪميون ڪائيندا آهن) سو ڪوبہ فاسٽ فوڊ عرف برگر ڊبل روٽي وغيره ڪونہ ڪائڻي آهي ان کي ڪير سمجهائي تہ اسان جيترا ڪي ايف سي ۽ مڪڊونالڊ جا برگر ڪاڌا آهن ايترا تہ واڳن شڪار بہ ڪونہ ڪيا هوندا.

هن چيو ڪابہ ڪولڊ ڊرنڪ ڪولا وغيره ڪونہ پيئڻي آهي هاڻي ٻڌو اسان تہ وهيل مڇي جيئان ڪرپشن ۽ بوتلن جا ڪريٽ ائين ڳڙڪائي وياسين جيئن برمودا ٽرئينگل ۾ هر شيءِ غرق ٿي ويندي آهي، پوءِ بہ ان جتامڙي ڪوچ کي ڪير سمجهائي تہ ڀائو اسين تہ ڳورپيٽ بلائون آهيون جن شهرن جا شهر بلڪ پوري سنڌ کي پنهنجي پيٽ ۾ وجهي غرق ڪري ڇڏيو ۽ هڪ ننڍڙو ڏڪار بہ ڪونہ ڏنو.

مون واري صاحبي ۾ تہ راڻي باغ ۾ جڏهن شينهن ۽ ٻيا جانور هوندا هئا تہ اسان تہ اهڙا (آنيسٽ هئاسين) جو شينهن کي بہ پاپڙ ۽ چپس ڪائڻ تي مجبور ڪيوسين ۽ دنگ وڃي گاھ ڪارائڻ تي ڪرايوسينس، ان جي حصي جو گوشت مون سميت سيني ڪامورن جي فرجن جي زينت هوندو هو. سو جم واري ڪوچ کي ڪير سمجهائي تہ اسان بلائن جو هاڻ هڪ ئي علاج آهي تہ اسان کي يا تہ عربي سمنڊ حوالي ڪجي يا ٽري ناٽ ٽري مان ڪڍي ڇڏجي! ڊائيٽ پلان عرف بک جو نسخو ورتوسين جنهن ۾ لکيل هو تہ اوهان صبح جو جَون جو پت ڪائو، ڪيرا ڪائو ۽ ليما گڏائي هڪڙو پاڻي ٺاهيو اهو پيئو، سائي چانھ پيئو وغيره، مرغي، ننڍو، وڏو گوشت ۽ دعوتن کان پرهيز ڪريو. بهرحال اسان کي جيئن تہ آسٽريليا، ڪئناڊا وڃڻو هو اتي جزيرا وٺڻا هئا، سو روئي رڙي ڪسرت شروع ڪئي سين. سچ ٿو ٻڌايان جيئن ئي مون ٽپا ڪائڻ شروع ڪيا تہ منهنجي اکين جي آڏو انڌيارو ڇانئجي ويو ۽ اتي ڪسرت ڪلب ۾ سڀ مها ڪرپٽ ڪامورا مشينن ۽ سائيڪلن تي ائين رڙي ۽ رنيي رهيا هئا ڄڻ قيامت جو منظر هجي ۽ ملائڪ (ڪوچ) اسان کي سنها چابڪ هڻي رهيا هجن ۽ اسان دوزخ جي آخري تھ ۾ هجون! هاڻي سائين ڪير ويهي اهڙيون پرهيزون ڪري جن ۾ ان ڪٽو پيٽ ۾ نہ هجي! اسان جَن جي پيٽ ۾ اڌ دنيا جو اَن ۽ آءِ ايم ايف مان آيل امدادي سامان هجي اهي صرف گرم پاڻي ۽ سائي چانھ تي ڪيئن هلن، جم ۾ جن سان پيو تعارف ٿئي سو چئي مون کي شگر آهي ۽ روينيو جو وڏو آفيسر آهيان، فوڊ کاتي، ٻيلي کاتي، روڊ، ورڪس سروس، واپڊا ۽ الائي ڪهڙن ڪهڙن کاتن مان ارڙ بلائون اچي روزانو ڇڊا پائي مشينن ۾ پاڻ کي ائين ڏين جيئن ڪتو پُل ۾ ڦاسي. ڦهرئين ڏينهن آئون جيئن ئي هڪ سلم لائين نالي سائيڪل مٿان چڙهيس تہ ان جا بہ اڌ ٿي ويا وري ٽريڊ مِل مٿان پير رکيم تہ اها بہ ڀاڳا ٿي ويئي، اهو سڄو نقصان تہ خير انهيءَ هڪڙي ڪلارڪ تي ڀري ڏنو جنهن کي مون ڪرپشن ڪرڻ جي ڪري نيب وارن کان حصو پتي ڪري قانوني طريقي سان ڏيئي وٺي جان ڇڏرائي هئي.

روزانو ڪسرت جاري رکي سين، هڪ هفتو مس گذريو تہ مٿان وزير صاحب جو فون آيو تہ (سڀڳورا) آيا آهن انهن کي شڪار ڪرائڻو آهي، سو انهن سان گڏ مهمان پکين جو شڪار ڪرڻ لاءِ ڪينجهر ۽ منڇر ڏانهن وياسين، وري انهن کي رات جو پاڻي ۽ ٻيو سامان بہ مهيا ڪيوسين، لاچار ٿي اسان ٿولھ ختم ڪرڻ تان هٿ ڪنياسين ۽ هاڻ وري ساڳي معصوم پکين جي گوشت ۾ ڏند ڦاسائي هي ڏند ڪٽا لکي رهيا آهيون!.



# سائنسي اوسر

نصير سومرو

ڌرتي، ڪٿي برف جي چادر ۾ ويڙهيل گليشيئر آهي تہ ڪٿي ٻنهہ ڪاڙهي ۾ تپندڙ رڻ پٽ آهي. هي انسان ئي آهي، جيڪو ڌرتيءَ تي پل ڪهڙي بہ موسم وارو خطو هجي، رهندو آيو آهي ۽ هنوز پڻ رهي ٿو.

جياپي جو داستان، هلچل جو داستان بہ آهي، جو جياپو هلچل ڪانسواءِ قائم رکڻ ممڪن نہ آهي. جياپو، وجود آهي ۽ اهو بچائڻ خاطر، ناممڪن ذريعا پڻ ڪتب آندا اٿس. ڪيترائي انڪشاف، دريافتون ۽ ايجادون ڪري نئون سماج جوڙيو اٿس. باهہ جي دريافت بہ انهن مان هڪ آهي. باهہ جي سائنس جڏهن سمجهہ ۾ آئي، تيستائين باهہ جي پوڄا پاٺ جي رسمن جو چار وچائجي ويو. مندر ڏيئي جو ٻرڻ، ڏياري تي ڏياٽين ۽ آتشبازي ڪرڻ يا نئين سال جي آمد يا فتح جا جشن ملهائڻ لاءِ آتشبازي ڪرڻ جو رواج اڄ ايڪيهين صديءَ ۾ بہ چالو آهي.

توانائي رڳو باهہ ۽ روشنيءَ واري نہ آهي، پر ٻيون بہ آهن. هر توانائي جو دريافت ٿيڻ ڪانپوءِ نالو رکيو ويو. جهڙوڪ: مڪينيڪي توانائي (مڪينيڪل انرجي)، آواز جي توانائي ( سائونڊ انرجي)، گرميءَ جي توانائي (ٿرمل/هِيٽ انرجي)، ڪشش ثقل جي توانائي (گريوٽيشنل انرجي)، شمسي توانائي (سولر انرجي)، بجليءَ واري توانائي (اليڪٽريڪل انرجي)، روشنيءَ واري توانائي ( لائيٽ/ريڊيئنٽ انرجي)، مخفي توانائي (پوٽينشل انرجي)، حرڪت واري توانائي (ڪائينٽڪ انرجي)، ڪيميائي توانائي (ڪيميڪل انرجي)، ايٽمي توانائي (نيو ڪليئر انرجي) ۽ هوا واري توانائي (وِنڊ انرجي).

هوا چاهي، اهو ڄاڻون ٿا تہ ساهہ هوا مان ڪڍندا آهيون. هوا گئسن جو ميڙ آهي، ان ميڙ ۾ آڪسيجن، نائٽروجن، آرگان، ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ، هائيڊروجن ۽ ٻيون گئسون موجود آهن. گئسن جي ميڙ جو نالو فضا (Atmosphere) پڻ آهي، جيڪو آسمان ڏانهن چوڏاري چار سو ميلن تائين ڌرتيءَ کي ڪمبل جيان ويڙهيل آهي.

ڏند ڪٿائون بہ جيتوڻيڪ انساني دريافتن مان آهن، ڇاڪاڻ جو انيڪ مادي ۽ توانائيءَ مان ٺهيل شين، سرشتن ۽ انهن جي لڪائن پٺيان ڪار فرما قاعدن قانونن جي لاڳاپيل ڄاڻ جو فقدان هو، جيڪي شيون هٿ وس نہ هيون يا وس هيٺ ڪونهن، متعلقہ قصا ڪهاڻيون ئي ابتدائي مفروضا آهن. مفروضو، قياس يا اندازو محض هڪ دعويٰ آهي، جيڪا دليل جي سچائيءَ سان نہ ڪلي تہ مفروضي ۽ شاعراڻي خيال ۾ ڪو تفاوت نہ آهي. سائنسي ٿيوري جو بنياد مفروضو ئي آهي. مفروضو ڪنهن هڪ سائنسدان، شاعر يا ڏاهي فيلسوف ڏنو تہ ان کي دليل سان قابل قبول بڻائڻ، رد ڪرڻ ۾ ڪردار ڪنهن ٻئي جو هوندو آهي. تذڪرو، جهڙو سچ ثابت ٿيل سائنسي ٿيوريءَ جو ٿيندو، تهڙو ئي رد ڪيل مفروضي جو بہ ٿيڻو آهي. اسڪالر جي ذميداري آهي تہ هو تحقيق جي دوران موضوع جو ماضي حال پيشائي ڏيڪاري، ايترو ئي نہ پر امڪان جي آڌارڪ آئنده جي اڳڪٿي پڻ ڪري. ضدن مان ڪنهن هڪ جو ئي تذڪرو، مجتا ۽ پرچار تہ ڪري سگهجي ٿو، پر اهو جزوي چئبو. ڪليت جي احاطي لاءِ لازمي آهي تہ ضد جي ضد جو نہ رڳو تذڪرو ئي ڪجي پر اپياسڪ چند ڄاڻ بہ درڪار رهي ٿي.

ماڻهوءَ ۾ تخليقي صلاحيت سگهاري هئڻ سبب، نسلي پيدائش وڌئون وڌ ڪرڻ جي متقاضي آهي. تڏهن تہ نسلي وارث پيدا ڪرڻ کان علاوه شيون بہ دريافت ڪري ورتائين.


باهہ اڃا دريافت نہ ٿي هئي تہ انسان، تڏهن بہ، پنهنجي ماحول ۽ تربيت جي پيداوار هو. ماحول ۾ ڦيرو آيو تہ ماڻهوءَ ۾ بہ ڦيرو آيو، هي داد لائق امر آهي تہ نئين ۽ بدليل ماحول سان هم آهنگي اختيار ڪيائين، ان سبب ئي جياپو برقرار رکيو اٿس. ماحول سان هم آهنگيءَ جو اصول ارتقا سان ڳنڍيل آهي. ارتقا بابت سائنسي نظريو ٻين تڪراري نظرين وانگر شروع ۾ تڪراري بڻجي ويو. تحقيق ڪنهن جي مڃڻ يا نہ مڃڻ سان بدل نہ آهي. نامعلوم کي معلوم ڪرڻ ۽ زندگيءَ کي درپيش ڏکيائيون دور ڪرڻ وهندڙ نديءَ جي وهڪري جيان پنهنجو سفر جاري رکي ٿو.

ماحول مان مراد، "حالتون." آهن. حالتون، "واقعن جو ڳنجوڙ،" آهي، اها واقعا ئي آهن جيڪي طبيعات جي قانون هيٺ رد عمل، اهو بہ مخالف طرف ۾، کي جنم ڏيندا آهن. هيءَ سماجيات آهي، جا جامد حالت ۾ رهي نٿي سگهي. جياپو آهي تہ هلچل آهي. ماڻهو، جياپي جي پيچ ڊڪ ۾ جو ڪجهہ ڪندو آهي، اهو هن جو ڪردار آهي، جيڪو شعوري سطحن تي بہ جاري رهي ٿو تہ لاشعوري سطحن تي بہ جاري رهي ٿو، پر ٻنهي حالتن ۾ هوندو ارادي جي تابع آهي.

ڌيان ۾ رهي تہ شروعاتي ماڻهوءَ جيڪي اوزار يا هٿيار ٺاهيا هئا، سي بہ ارادي/شعور سان ٺاهيا هئائين، جو گهرج جو ادراڪ هئس. گهرج پورهئي کي جنم ڏنو. پورهئي قدر کي جنم ڏنو. قدر توانائيءَ وانگر هڪ شڪل مان ٻي شڪل ۾ بدلجڻ جي صلاحيت رکندو آهي، قدر شين جو ٿئي ٿو. شيون ٺهڻ ڪانپوءِ منڊيءَ ۾ اچن ٿيون، جتي وڪامجن ۽ خريدجن ٿيون. انساني قدر ۽ اقتصادي قدر هڪٻئي جي ابتڙ رهندا آيا آهن.. متي ڄاڻائي چڪو آهيان تہ ضد جو تذڪرو ٿيندو تہ ان جي مد مقابل (ضد) جو ذڪر ڪبو. جيئن تہ اقتصادي قدرن جو موجد بہ انسان آهي، ان ڪري اقتصاديات کي ماڻهپي (انساني قدرن) تي فوقيت ڏيندڙ بہ ماڻهو خود آهي.

هي سوچيندي تہ "اسان آزاد آهيون"، ڏاڍو سٺو لڳندو آهي، حقيقت پل! برعڪس ئي چونہ هجي. جرمنيءَ جي فيلسوف ليبنيز هڪ ڀيري چيو هو تہ جيڪڏهن "چقمقي سُئي سوچي سگهي ها تہ يقينن چئي ها تہ هُوءَ پنهنجي "آزاد ارادي" سان اتر طرف رخ ڪندي آهي."

آزاد ارادي ۽ جبر جي وچ ۾ ڇڪتاڻ جو داستان بہ اوترو پراڻو آهي جيترو شعور ۽ لاشعور جي ڇڪتاڻ جو داستان پراڻو آهي. اوسر جي مد ۾ اوڻيهين صديءَ ڏاري ڊارون باقاعدي فڪري ويڙهہ وڙهيو ۽ ارسطو جي موقف کي اڳتي وڌائيندي، چيائين تہ "انسان سماجي جانور آهي" جنهن جانورن منجهان ئي اوسر ڪئي آهي. نفسيات جي سائنس ترتيبي شڪل ۾ متعارف ڪرائيندي فرائيڊ چيو تہ ماڻهوءَ جو ڪردار، دراصل "لاشعور" آهي، آزاد ارادو سراب يعني دوکو آهي. تاريخ جي هر دور ۾ ماڻهو، فڪر جي ٻن انتهائن مان گذريو آهي: هڪ ڇيڙي تي پراڻ آهي تہ ٻئي تي نواڻ جو ڳولائو رهيو آهي.



عڪس جي برعڪس، برعڪس جي بہ برعڪس ويچار ڌارائن جو وجود ۾ اچڻ کي جيتوڻيڪ طاقت سان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر نئين جاڳرتا جو سج اڀريو ئي اڀريو آهي.

# خودڪشيءَ جو وڌندڙ رجحان ۽ سماج تي اثر

**زاهد ابڙو**

هتي ڪرپشن، رشوت، دهشتگردي، قتل، ڪارو ڪاري، زميني ۽ سڱاوتي تڪرار، ذاتي ۽ پراڻي دشمني، قبيلائي جهيڙا، ننڍڙن ٻارن ۽ نياڻين سان لڄالٽ، بک، بيروزگاري ۽ ٻيا ڪيترائي ظلم زيادتيون ٿين ٿيون.

گهڻي وقت کان وٺي خود ڪشيءَ جو رجحان معاشري ۾ ناسور جيان وڌي رهيو آهي.

اليڪٽرانڪ، پرنٽ ۽ سوشل ميڊيا تان روزانو خودڪشيءَ جون خبرون شايع ٿين ٿيون. اسان جي آسپاس خودڪشيءَ جا ڪيترائي واقعا روزاني جي بنياد تي ٿيندا رهن ٿا. خودڪشي ڪرڻ وارا ڪڏهن بجلي، گولي، ڦاهو، زهر، ڪارو پٿر، ٽڪيون، تيزاب، اسپري، پاڻي، باهه ۽ ٻين ڪيترن ئي طريقن سان خودڪشي ڪن ٿا.

معاشري ۾ خودڪشيءَ جا ڪيترائي سبب ٿين ٿا جنهن ۾ پسند جي شادي نه ٿيڻ، گهريلو پريشاني، ماءُ پيءُ ۽ گهر وارن سان ناراض ٿي وڃڻ، پئسا نه ملڻ، قرض ۽ وياج جو وڌي وڃڻ، نفسياتي بيمارين جو وڌي وڃڻ ۽ ٻين ڪيترين ئي ننڍين وڏين ڳالهين جي ڪري خودڪشي ڪئي وڃي ٿي. ان کان علاوه خودڪشيءَ ۾ بک ۽ بيروزگاري سبب اضافو ٿي رهيو آهي. ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا جيڪي تازوئي رونما ٿيل واقعا آهن:

ڏاٻيجي ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ ڇهن ٻارن جي پيءُ بيروزگاريءَ کان تنگ اچي ڪئنال ۾ ٽپو ڏيئي خودڪشي ڪئي ۽ پٽ کي ٻڏندو ڏسي ان صدمي کي برداشت نه ڪندي پٽ کي بچائڻ لاءِ پيرسن ماءُ به ڪئنال ۾ ٽپو ڏنو ۽ ٻئي فوت ٿي ويا.

لاڙڪاڻي ۾ هڪ بيروزگار نوجوان بيروزگاريءَ کان تنگ اچي شهر جي مک چوڪ تي پاڻ مٿان پيٽرول هاري خودڪشي جي ڪوشش ڪئي نوجوان کي موقعي تي موجود ماڻهن بچائي ورتو، پر سندس 30 سيڪڙو جسم سڙي ويو.

ٽِيان سيد آباد ويجهو ڳوٺ باراڻي ۾ نوجوان نينگر رحمان ڪوڪر ڪلاشنڪوف جو برسٽ هڻي هميشه لاءِ پنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو.

ڪوٽڙي ۾ نوجوان ناري پاڻ مٿان پستول جو فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي، اهڙا ٻيا گهڻائي واقعا جنم وٺن ٿا، جنهن ۾ نفسياتي بيماريون ۽ معاشري جا ٻيا ڪيترائي ڏک ۽ سور شامل ٿين ٿا، جيڪا بهادري نه پر بزدلانه حرڪت آهي. جنهن سان گهر ۽ خاندان تباهه ٿين ٿا، ڪيترائي سواليه نشان پيدا ٿين ٿا ۽ خاندانن تي منفي اثر پون ٿا. زندگيءَ ۾ انسان ٻين جي تڪليفن کي محسوس ڪندو ته ان کان پنهنجا ڏک وسري ويندا. زندگيءَ ۾ هميشه پاڻ کان گهٽ وارن تي نظر رکڻ گهرجي. هڪ اردو شاعر ٻين جا ڏک ۽ تڪليفون ڏسي هن ريت چوي ٿو ته:

دنيا مين ڪتنا غم هي، ميرا غم ڪتنا ڪم هي،
لوگون ڪا غم ديڪا تو، مين اپنا غم ڀول گيا.

زندگي ڏکن ۽ سکن جي سيج آهي، ڏک زندگيءَ جو حصو آهن، آزمائشون هر انسان تي اينديون رهنديون آهن، وقت ۽ حالتن کي منهن ڏيڻ ئي اسان جو اصل امتحان آهي.

اردو شاعر ۽ ڪالم نگار قتيل شفائيءَ جون سڄون پوري سماج کي هي پيغام ڏين ٿيون ته:

وه مرد هي ڪيا جو ڊر جائي حالات کي خوني نظر سي،
جس دور ۾ جينا مشڪل هوا اس دور مين جينا لازم هي.

هي حوصلي کي اپاريندڙ سٽون آهن. پاڻ کي ماريندڙ دنيا مان ته هليا وڃن ٿا، پر پوئين لاءِ مسئلا پيدا ڪري وڃن ٿا ۽ اتان هڪ نئون سلسلو شروع ٿئي ٿو جنهن ۾ ذاتي مفادن تحت بيگناهه انسانن جو قتل ڪري ان کي خودڪشيءَ جو روپ به ڏنو وڃي ٿو ۽ خودڪشي قرار ڏئي قتل ٿي ويندڙ انسانن جا ڪيس به ٻڏيو وڃن.

دنيا مان خودڪشيءَ جي سببن کي ختم ڪيو وڃي ته خودڪشيءَ جي بهاني ۾ ٻيا قتل بند ٿي ويندا ۽ سماج ۾ سڌارو اچي ويندو. پاڻ ماريندڙن يا ان خيال طرف سوچيندڙن کي گهرجي ته هو اهڙو قدم کڻڻ کان اڳ ۾ نتيجن کي سامهون رکي سوچين ته ان جا سندن خاندان ۽ سماج تي ڪهڙا اثر پوندا.

الله تعاليٰ انسان کي اشرف المخلوقات جو درجو ڏنو آهي ۽ ان جي اندر اها سگهه ڏني آهي ته هو ڪيترين ئي ناپسنديده شين کي پنهنجي مرضيءَ سان تبديل ڪري سگهي ٿو، پر ان انسان جي خطرناڪ ترين دشمن ان جي پنهنجي منفي سوچ آهي، جيڪا سڀ ڪجهه هجڻ جي باوجود ان کي پريشان رکي ٿي، جيڪڏهن هر ڳالهه کي سٺي انداز سان سوچجي ته زندگي جنت ٿي ويندي.



هونئن ته زندگي موت جي امانت آهي ۽ هر جيءَ کي موت جو ذائقو چکڻو آهي، پر حالتون ڪيتريون به خراب ڇو نه هجن پنهنجي زندگي جو خاتمو پنهنجن هٿن سان ڪرڻ جو حق ڪنهن به انسان کي قانوني يا مذهبي طور نه آهي.

انسان جو پنهنجو جسم ۽ زندگي ان جي ذاتي ملڪيت نه آهي اها ڪيس قدرت طرفان امانت ڏنل آهي جنهن جي حفاظت ڪرڻ سندس ۽ سماج جو فرض آهي. هر مذهب خودڪشي کان روڪي ٿو. خودڪشي جي رجحان کي روڪڻ رياست ۽ حڪومتن جو ڪم هوندو آهي. عوام جي لاءِ اهڙا پروگرام جوڙيا وڃن جنهن سان انهن جي ذهني ۽ اخلاقي تربيت ٿي سگهي. نوجوانن کي روزگار جا ذريعا مهيا ڪيا وڃن ته جيئن هو منفي انداز ۾ سوچڻ جي بجاءِ زندگيءَ جي مثبت پهلو کي نظر ۾ رکندي پنهنجي زندگي گذارين ۽ پنهنجي گهر جو چلهو ٻاري سگهن، پاڻ ۽ پنهنجن ٻچن کي فاقا ڪشيءَ واري زندگي کان نجات ڏيارين ته جيئن جيترو ٿي سگهي ته خودڪشيءَ تي ضابطو آڻي سگهجي. نه ته پوءِ خودڪشيءَ جي سلسلي کي روڪڻ ناممڪن بڻجي ويندو. مسئلن جو حل خودڪشي نه آهي ۽ خودڪشي ڪرڻ سان مسئلا نه



گهٽبا. والدين اولاد جي جائز خواهشن جو خيال رکن ان جي تربيت طرف ڌيان ڏين ته جيئن اهي مختلف نفسياتي ۽ جنسياتي مرضن جو شڪار ٿي احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا نه ٿين. سڄي معاشري کي گڏجي ان مسئلي کي حل ڪرڻ گهرجي.

Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

ناول_ قسط چوويهين


# رنگ گِرهڻ

ضراب حيدر

سمرينا جڏهن پارڪ ۾ رانيات ڪري رُني هئي ۽ مون ڪي چنبڙي وئي هئي، اُن لمحي مان بہ سندس حالت ۾ لُڙهي ويو هئس، ڪافي لمحن ڪانپوءِ جڏهن هوءَ سامت ۾ آئي هئي تہ مون ڏانهن نهاريندي چيو هئائين،
"ملهار! مون ڪي معاف ڪجان، مون توڪي ڏاڍو پريشان ڪيو آهي." مان ٿورو مُرڪيو هئس، ڪجھ چوڻ پئي چاهيم تہ هُن وري ڳالهايو هو،
"پر ڇا ڪريان! تو ڪانسواءِ آهي بہ ڪير؟ جنهن ڪي پنهنجون تڪليفون ۽ اهنج ٻُڌايان."
هُن هڪ دفعو گُڏيءَ ڏانهن نهاريو هو ۽ وري مون ڏانهن نهاريندي چيو هئائين،
"ملهار! مان بہ هِن گُڏي جيان آهيان، بي وس ۽ ويچاري...."
"نہ نہ، ائين نہ چئو سمرينا... تون پنهنجو پاڻ ڪي گُڏي سان نہ پيٽ، گُڏي ۽ تو ۾ زمين آسمان جو فرق آهي جو گُڏي بي جان ۽ تون زنده آهين..." هُن هلڪڙو ٺهڪ ڏنو هو،
"پر! ملهار بظاهر تہ مان زنده ئي آهيان پر مون ڪي ائين لڳندو آهي ڄڻ مان ڪڏهوڪو مري چُڪي آهيان. تڏهن ڪان شايد جڏهن... اڃا مان ننڍڙي هئس يا شايد تڏهن ڪان جڏهن اڃا سامائي بہ نہ هئس."
"ننڍپڻ منهنجو ڏاڍو دردناڪ آهي، سامائجڻ ڪانپوءِ تہ منهنجي زندگي اڃان بہ وڌيڪ دردناڪ ٿي وئي. ننڍپڻ ۾ گُڏي ۽ وِهاڻو منهنجي احساس جو شريڪ رهيو. ننڍڙي عمر ۾ ڪِرجا پھتيس تہ صرف ڀِوارون منهنجون ساٿي هُيون. منهنجا احساس ۽ جذبا اڃان ڦِٽا ئي ڪو نہ هئا تہ پوڙهي راهبا مون ڪي لُڀي ڇڏيو. مون ڪي الائي ڇو جسم ڪان ڪرب محسوس ٿيڻ لڳي، جسم جنهن جي بي معنويت مون ننڍپڻ ۾ ڏٺي هئي، جڏهن منهنجي ماءُ عريان ٿي پوندي هئي. بابا ۽ گھر ۾ ايندڙ ٻئي مرد ڪان علاوه، جڏهن منهنجي ماءُ هڪ بي جان گُڏي سان ڪيڏيو هو ۽ پنهنجا ڪپڙا لاهي اُڇلايا هئائين، تڏهن مون ڪي ائين لڳو هو تہ هي جسم جيڪو ڏسڻ ۾ ڪيڏو نہ خوبصورت آهي. اُهو تہ هڪ گُڏي جي جسم ڪان بہ وڌيڪ ڪوجهو آهي، جنهن ۾ رڳو گناهہ ۽ خواهشون ڀريل آهن."
مون ڪيس اُن لمحي چيو هو،
"سمرينا! تون شايد درست آهين، پر ائين بہ ڪونهي، جيئن تون سمجھين ٿي، جسم رڳو خواهشن ۽ گناهن ساهہ بہ ڀريل ناهي هوندو."
"ها، شايد ائين هُجي، پر اِهو بہ نہ هئڻ برابر آهي." اُن لمحي منهنجي نظر سندس هٿ ۾ جهليل دٻلي تي پئجي وئي جيڪو ڪافي وقت ڪان سندس هٿ ۾ هو. تِبت پائوڊر واري ٽين جي گول دٻلي تي نظر پوندي چيم،
"هي دٻلو ڇا جو آهي سمرينا؟" هُن دٻلي طرف ڏٺو هو ۽ مُرڪندي چيو هئائين،
"هي دٻلو بہ گُڏي جيان منهنجو پراڻو ساٿي آهي."
"پر اِن ۾ آهي ڇا؟ ڪھڙو خزانو لِڪايو اٿئي اِن دٻلي ۾؟" هن دٻلو کوليو تہ اُن ۾ بہ ننڍڙا ٻُوندڪ، ڪجھ پتل جون پايون، پنج پئسيون ۽ ڏهہ پئسيون رکيل هُيون. هڪڙو ڏند، ٽِچ وارا بہ ننڍڙا ٻِٽڻ ۽ هڪڙي ڳاڙهي ربن جو ٽڪرو رکيل هو. اُن ڪانسواءِ سليٽ تي لِکڻ وارو هڪ پين ۽ رنگن واريون پينسلون جن جا آخري حصا وڃي بچيا هئا. سمرينا جي دٻلي ۾

رکيل مون
سموريون شيون غور سان ڏٺيون
پر ڏند متعلق ئي ڪانئس پھريون سوال ڪيو
هئم. هُن ڏند مون ڪي ويجهو ڪري ڏيکاريندي چيو هو
تہ،
"ملهار! هي ڏند منهنجو ئي آهي، مان جڏهن شروعاتي ڏينهن ۾ اسڪول وڃڻ لڳي هئس تڏهن هي ڏند اسڪول ۾ راند دوران ڌڪو ڪائيندي ڀڄي پيو هو. مان اسڪول ۾ ڪيڏندي ڊوڙي رهي هئس ۽ ٿابڙجي مُنهن ڀر ڪِري هئس، اُن وقت منهنجي وات مان ڏاڍو رت وهيو هو، مان رُني بہ ڏاڍو هئس. اسڪول جي ماسترياڻيءَ مون ڪي جهوليءَ ۾ ويهاري ڏاڍو پيار ڪيو هو. مَٿ مان پاڻي ڀري مون ڪي گُرڙيون ڪرايون هئائين ۽ پوءِ منهنجو ڏند مون ڪي ڏيندي چيو هئائين،
"سمرينا هي ڏند، اسڪول ڪان وڃڻ مھل ٻاهر ڪنهن پاسي تي اُڇلائيندي چئجان، ڏند ڄمي يا ڀاءُ ڄمي." اُن وقت مان اڃان صفا ننڍڙي هئس مُشڪل سان پنج يا ڇھ سال منهنجي عمر هوندي، پر مون ماسترياڻي واري ڳالھ تي ڪوبہ عمل نہ ڪيو هو. ڏند ڪي اُڇلڻ بدران گھر ڪڻي آئي هئس. الائي ڇو مون ڪي اِهو خيال پئي آيو اُن وقت تہ جيڪڏهن مان ائين چونديس،
"ڏند ڄمي يا ڀاءُ ڄمي" تہ شايد مون ڪي ڏند نہ ڄمي ڪڏهن، تنهنڪري مون اُهو ڏند گھر جي هڪڙي جاري ۾ لِڪائي رکي ڇڏيو هو. جيئن امان يا بابا ڪي اُن جي خبر نہ پوي، متان اُهي بہ وري ساڳئي ماسترياڻي واري ڳالھ نہ چون.
اُن ڏينهن ئي شام جو بابا، منهنجو ڀڳل ڏند ڏسي مون ڪان پڇيو هو تہ منهنجو ڏند ڪيئن ڀڳو آهي. مان اُن لمحي وري روئي پئي هئس ۽ روئيندي بابا ڪي ڏند ڀڄڻ ۽ ڌڪو ڪائڻ وارو قصو ٻُڌايو هئم، بابا مون ڪي ڪڻي ڳُلي لاتو هو. مون ڪي جهوليءَ ۾ ڪڻي ٻاهر هليو هو، بازار ۾ وٺي آيو هو، مون ڪي آئسڪريم ڪارائي هئائين.
بازار مان جڏهن اسان واپس گھر اچي رهيا هئاسين تہ بابا مون ڪان ڏند جو پُڇيو هو تہ مون ڏند ڪيڏانهن ڪيو، مون ڪيس ٻُڌايو هو تہ مون ڏند ماسترياڻيءَ جي چوڻ تي اُڇلائي ڇڏيو. بابا مون ڪي چيو هو تہ ڏند اُڇليندي ڇا چيو هُيئي مون ڪيس ٻُڌايو تہ "ڏند ڄمي يا ڀاءُ ڄمي..."
بابا مون ڪي پيشانيءَ تي چُمي ڏيندي چيو هو تہ،
"تون تہ ڏاڍي سياڻي آهين سمرينا، پر توڪي اِهو ڪنهن سيکاريو؟" مون ڪيس چيو هو تہ، "مون ڪي اسڪول ۾ ماسترياڻيءَ اِها ڳالھ چئي هئي."
اُن لمحي بابا جو مُنهن صفا لھي ويو هو، هو اُداس ٿي ويو هو، هُن آهستگيءَ وچان ڪجھ چيو هو. مان اُن وقت ننڍڙي

هئس بابا جي ڳالهه نه ٻُڌي سگهيس نه ئي وري سمجهي سگهيس، پر ايترو اندازو ضرور اٿم ته اُها ڪا شڪايت هئي."
هوءَ ڪن پل لاءِ خاموش ٿي وئي. ڄڻ ڪجهه سوچي يا ياد ڪري رهي هئي. مون ڏانهنس نِهارڻ شروع ڪيو ته هُن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو.
"ملهار! مان جڏهن گرجا طرفان هلندڙ سينٽ ميري اسڪول ۾ پڙهندي هئس جيڪو هاڻي به گرجا جي لڳو لڳ آهي تڏهن هڪڙي هندو ڇوڪري ساريڪا مون سان گڏ پڙهندي هئي. هوءَ ساڳئي ڊيسڪ تي مون سان گڏ ويهندي هئي. سينٽ ميري اسڪول رڳو ڇوڪرين لاءِ هو. ساريڪا هڪڙي شاهوڪار هندو گهر جي ڇوڪري هئي جيڪا مون کان عمر ۾ به اڍائي سال وڏي هئي. اسين جڏهن نائين درجي ۾ پهتا هئاسين ته هوءَ مڪمل سامائجي چُڪي هئي. ڪجهه ئي مهينن ۾ ساريڪا جون ڇاتيون تيزيءَ سان اُڀري گهٽيون وڏي ويون. هڪ ڏينهن ساريڪا ڪلاس ۾ ڏاڍي گهبرايل ۽ پريشان هئي. هوءَ رڪي رڪي ڳيتون ڏئي رهي هئي ايئن پئي لڳو ڄڻ سندس نِڙيءَ ۾ ڪجهه ڦاتل هُجي. رِسيس مهل اسين سڀ ڇوڪريون جڏهن ڪلاس مان نِڪري ويون سين ته هوءَ پنهنجي جاءِ تي ويٺي رهي هئي. مان ٿوري جهٽ ۾ پيٽيس وٺي ڪلاس ۾ موٽي آيس ته هوءَ ڊيسڪ تي ٻانهون رکي سُتل هئي. مان پيٽيس ڪٽي سندس پرسان اچي ويٺس ۽ کيس صلاح ڪيم. منهنجي آواز تي هُن ڪنڌ مٿي کنيو ته سندس اکيون ڳاڙهيون هيون، کيس روئيندو ڏسي مان به پريشان ٿي ويس. هُن روئڻهارڪي آواز ۾ مون کي چيو ته،
"سمرينا مون کي جسم ۾ ڏاڍو آڪڙ آهي، منهنجي ڇاتين ۾ به ڏاڍو سور آهي، ڇاتيون صفا پٿر ٿي ويون آهن، ڏِس." هُن منهنجو هٿ وٺي پنهنجي ڇاتين تي رکيو هو. ساريڪا جي اُن عمل تي مان صفا ڇرڪي وئي هئس مون کي پوڙهي راهبا ياد اچي وئي هئي. جيڪا پنهنجا سمورا ڪپڙا لاهي مون کان منهنجي معصوميت کسيندي رهندي هئي. مون کي ساريڪا کان اُن لمحي ڏاڍو ڊپ ٿيو هو جنهنڪري هٽي ساريڪا کان پري ٿي وئي هئس. هُن مون کي منٿ واري انداز ۾ پاڻي پيارڻ لاءِ چيو هو. مان تڪڙي وڃي ٻاهران هوديءَ مان ساريڪا لاءِ پاڻيءَ جو گلاس ڀري آئي هئس. پاڻي پيئڻ کانپوءِ هُن مُرڪندي منهنجي مهرباني ادا ڪئي هئي.
پاڻي پيئڻ کانپوءِ ساريڪا پيٽ کان هيٺ پنهنجا ٻئي هٽ رکندي چيو هو ته کيس نرن ۾ به ڏاڍو سور آهي. مون کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو هو ته نرا ڇا ٿيندا آهن؟ مان ڪجهه نه سمجهڻ جو تاثر ڏيندي کيس ڏسندي رهيس. هُن پيٽ وٽان ٿورو چولو هٽائيندي ڏُن کان هيٺ هٽ جون آڱريون رکندي ڏيکاريو ته نُرا هتي هوندا آهن. موڪل مهل جڏهن هوءَ ڊيسڪ تان اُٿي هلڻ لڳي ته منهنجي نظر ڊيسڪ تي پئجي وئي، ڊيسڪ تي جتي هوءَ ويٺل هئي اُتان ڊيسڪ ڳاڙهي ناسي ٻاٽياٽ سان پُسيل هئي. ان وقت مون به گهڻو ڌيان نه ڏنو ۽ تڪڙي تڪڙي ساريڪا پُٺيان ڪلاس مان نڪري ويس.
ٻئي ڏينهن جڏهن ساريڪا اسڪول آئي ته گذريل ڏينهن جي پيٽ ۾ بهتر هئي ۽ ڪجهه خوش خوش لڳي رهي هئي. مون جڏهن سندس طبيعت جو پُڇيو ته هُن وراڻيو هو ته هوءَ ٺيڪ آهي بلڪ گهڻي خوش آهي. کيس خوشي اِن ڳالهه جي آهي ته هوءَ جوان ۽ بالغ ٿي وئي آهي. ڪالهه سندس جيڪا حالت هئي سا جوانيءَ جي آمد سبب هئي. سندس جسم مانِ جوانيءَ جون جيڪي به نِشانيون ڦُٽي نڪتيون تن جو درد سور يا عذاب اُن خوشي کان سوين هزارين ڀيرا گهٽ آهي جيڪا هوءَ هِن لمحي محسوس ڪري رهي آهي. هُن ٻڌايو ته اِج هوءَ هڪ عورت بڻجي چُڪي آهي سندس جسم ذرخيز ٿي ويو آهي. سندس وجود مان جيڪو حيض جاري ٿيو آهي سو سندس هستي، هوند ۽ حيثيت جو وڏو ثبوت آهي. اُن لمحي ساريڪا عجيب عجيب ڳالهيون ڪري رهي هئي. هُن پنهنجي ڪارائي تي ٻڌل ڳاڙهي رِبن ڏيکاريندي چيو هو ته هيءَ رِبن سندس ماءُ کيس ٻڌي آهي جنهن کيس ٻُڌايو آهي ته هوءَ هاڻي هڪ قابل عورت بڻجي وئي آهي، هوءَ هڪ زال بڻجي سگهي ٿي، هوءَ هاڻي ماءُ بڻجڻ جي به لائق آهي. هُن چيو هو ته سندس ماءُ کيس ٻُڌايو آهي ته جڏهن ڪا ڇوڪري بالغ يا جوان ٿيندي آهي يا ذرخيز ٿيندي آهي ته سندس قابليتون اڳي کان وڌي ويندريون آهن. هوءَ ساندهه پنجن ڏينهَن تائين عجيب عجيب ڳالهيون ڪري رهي هئي ڄڻ ته ڪنهن سحر ۾ هُجي. هوءَ اِهو به ٻُڌائي رهي هئي ته مٿو ڳرو هُجڻ، نرن ۽ ڇاتين ۾ سور هُجڻ باوجود هوءَ ڏاڍي خوش آهي.
ڇهين ڏينهن جڏهن هوءَ اسڪول آئي هئي ته پنهنجي ڪارائي تي ٻڌل ڳاڙهي رِبن لاهي مون کي ڏيندي چيو هئائين،
"سمرينا! هي منهنجي طرفان اٿئي سنڀالي رک..." مان حيرت وچان کيس ڏسندي رهي هئس، هُن رِبن مون ڏانهن وڌائيندي وري چيو هو ته،
"سمرينا! تنهنجي زندگيءَ ۾ به اوس اِهو ڏينهن اچڻو آهي. جڏهن تنهنجو جسم ذرخيز ۽ اُپارن سان خوبصورت بڻجي پوندو. اُن ڏينهن مون طرفان ڏنل هيءَ رِبن تون پنهنجي



ڪارائي تي ٻڌجان ۽ پنهنجي خوابن جي شهزادي جي ڳولها ۾ نڪري پئجان." اُن لمحي سندس چهري تي عجيب اُداسي لهي آئي هئي مون سبب پُڇيومانس ته چيو هئائين،

"سمرينا! مون پنهنجي رِبن توکي اِن لاءِ ڏني آهي جو مان چاهيندي به پنهنجي خوابن جو شهزادو ڳولهي نٿي سگهان. ڳولهڻ ته ڇا پر مان پنهنجي خوابن جي شهزادي جو تصور به نٿي ڪري سگهان. اِها اسان جي ريت به آهي ته رواج به. ايئن سمجهه ته اِهو سڀ ڪجهه اسان جي ڪميونٽيءَ ۾ پاپ سمجهيو ويندو آهي. سمرينا مون پنهنجي رِبن توکي اِن لاءِ به ڏني آهي ته توکي تنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ نه هڪ ڏينهن تنهنجي خوابن جو شهزادو ضرور مِلندو. اُن ڏينهن تون هيءَ رِبن ٻڌجانءِ پنهنجي ڪارائي تي ۽ مون کي ياد ڪجانءِ." اُن ڏينهن کانپوءِ ساريڪا اُداس رهڻ لڳي هئي. بالغ ٿيڻ تي هوءَ جيترو خوش ٿي هئي اوترو ئي هوءَ ڳنڀير ٿيندي وئي هئي. سندس جواني ۽ سُندرتا جيتري ڦُلهاري هئي اوترو ئي جلد ڇڻ ڪومائجندي وئي.

مون کي چڱي ريت ياد آهي ته اسين جڏهن ميٽرڪ ۾ پهتا هئاسين ته هُن جي جواني وري ڦُلهارجڻ لڳي هوءَ جيڪا اُداس ۽ ڳنڀير رهندي هئي سا ڇڻ ٽِڙڻ لڳي هئي. هڪ ڏينهن ساريڪا مون کان اُها رِبن گُهري هئي،

"سمرينا! مون توکي جيڪا رِبن ڏني آهي سا ته هڪ ساعت لاءِ مون کي ڏي." اُن وقت ته رِبن مون وٽ ڪونه هئي پر ٻئي ڏينهن مان اُها رِبن پنهنجي ٿيلهي ۾ وجهي ڪٺي آئي هئس ۽ کيس ڏني هئم. هُن اُها رِبن پنهنجي ڪارائي تي ٻڌي هئي. هوءَ ڪي گهڙيون پيار وچان اُن رِبن کي ڏسندي رهي هئي ۽ اُن تي پنهنجو هٿ گُهمائيندي رهي هئي. پوءِ سندس اکين ۾ لُڙڪ اچي ويا هئا. هُن يڪدم رِبن لاهي مون کي ڏني هئي. مون جڏهن ڪانئس روئڻ جو سبب معلوم ڪيو هو ته هُن مون کي ٻڌايو هو ته هُن باوجود ريتن ۽ رواجن جي پابنديءَ جي، پنهنجي خوابن جو شهزادو ڳولهي ورتو آهي. جيتوڻيڪ هوءَ يا سندس شهزادو سدائين لاءِ هڪٻئي جا ٿي نٿا سگهن پوءِ به ڪجهه لمحن لاءِ هو هڪٻئي کي ماڻيندا آهن. سندس شهزادو تمام ويجهو عزيز ۽ مائٽ آهي، جنهن سندس ذرخيز جسم جي زمين کي پنهنجي ريج سان سيراب ڪيو آهي. ساريڪا روز پنهنجي اُن شهزادي بابت عجيب عجيب ڳالهيون ٻُڌائيندي هئي جنهن جو نالو راهول هو. هوءَ ٻُڌائيندي هئي ته راهول سندس رَت جي رشتي ۾ اچي ٿو ۽ سندن قوم ۾ اهڙي قسم جي ڪنهن به رشتي سان ڪو سنٻنڌ رکڻ مها پاپ سمجهو ويندو آهي. جنهنڪري ضرور هڪ ڏينهن هوءَ سنگسار ٿيندي نيلام ٿيندي پر کيس اُن تي ڪو ارمان نه رهندو، جو هُن پنهنجي دل جي دنيا جو شهزادو ماڻيو آهي.

ساريڪا چوندي هئي ته هوءَ ڪڏهن به ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي پاڻ ارپي نه سگهي ها جيڪو هُن لاءِ اوپرو هجي ها. اُن ڪري ئي شايد هُن راهول کي پنهنجو پاڻ ارپيو آهي جو راهول کيس وڻندو آهي سندس دل وٽان آهي، کيس بي انتها چاهيندو آهي. شايد سندس اِهو عمل روايتن کان بغاوت آهي يا فرار!

ڪجهه به آهي هُن پنهنجي دِل جي چوڻ تي جيڪو ڪجهه ڪيو آهي اُن تي کيس ڪو پڇتاءُ نه آهي نه وري نيلاميءَ جو ڪو خوف اٿس. ميٽرڪ ۾ ئي اوچتو اوچتو ساريڪا اسڪول اچڻ ڇڏي ڏنو پوءِ خبر پئي ته ساريڪا جي شادي ڪنهن ٻئي شهر ٿي وئي."

سمرينا جون اکيون اُن لمحي آليون ٿي ويون. هوءَ اُن رِبن کي ڏسڻ لڳي جيڪا سندس دٻلي ۾ رکيل هئي. هُن مون ڏانهن ڏنو ۽ وري ڳالهائڻ شروع ڪيائين،

"ملهار! هڪ ڀيرو مون به هيءَ رِبن پنهنجي ڪارائي تي ٻڌي هئي...!"

مان حيرت ۾ پئجي ويس الائي ڇو مون کان رهيو نه ٿيو ۽ سمرينا کان پُڇيم،

"ڇا؟ سمرينا توکي به پنهنجي خوابن جو شهزادو ملي ويو هو!"

"نه ملهار! مون هڪ ڀيرو تڏهن هيءَ رِبن پنهنجي ڪارائي تي ٻڌي هئي جڏهن پهريون ڀيرو مون سان ساريڪا واري حالت ٿي هئي، پر اُن وقت ساريڪا مون کان تمام گهڻو ڏور وڃي چُڪي هئي.

مان اُن وقت گرجا ۾ ئي هئس، مان سامائجي ته ڪجهه وقت اڳ ئي چُڪي هيس، پر اِها حالت مون سان ڪجهه مهينا پوءِ ٿي هئي. اُن وقت مون کي عجيب عجيب لڳي رهيو هو، مَٿو ڳرو، جسم ڄڻ ٻي مزي، مون کي ائين لڳو هو ته منهنجا ڪپڙا آلا ٿي ويا آهن، مان سمجهي وئي هيس ته مان بالغ ٿي وئي آهيان. اُن وقت مون کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڇا ڪريان؟ مان گرجا مان نڪري راهبا ڏانهن وئي هئس جيڪا اسان کي پڙهائيندي هئي ۽ گهڻو ڪري گرجا جي فادر جي گهڻو ويجهو رهندي هئي. هوءَ اسان کي روحاني تعليم سان گڏ زندگي جا اِهم مسئلا سمجهائيندي هئي. هوءَ مون کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي وئي هئي، هُن مون کي هڪڙو پيڊ ڏنو هو پيڊ سان گڏ هڪڙو ڪَڇو به ڏنو هئائين ۽ سمجهايو هئائين ته مان ڪڇو پائي پيڊ رکان. راهبا مون کي سمجهائيندي چيو هو ته مان جوان ٿي وئي آهيان، جڏهن به ڪا ڇوڪري جوان ٿيندي آهي ته کيس حيض ايندو آهي ۽ پهرين دفعي حيض اچڻ کانپوءِ هر مهيني مطلب هر ايڪيهين ڏينهن اِهو سلسلو جاري رهندو آهي. جنهن دوران عبادت وغيره ممنوع هوندي آهي. ٽن کان پنج ڏينهن يا اجان وڌيڪ اُهو حيض هلندو آهي، جنهن کانپوءِ ڪپڙا ڌوئي پنهنجو پاڻ کي پاڪ ڪري عبادت جي لائق بڻايو ويندو آهي."

هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري خاموش ٿي وئي. مون سمرينا جي هٿ مان رِبن ورتي، رِبن کي ڏٺم ۽ سمرينا سان مخاطب ٿيندي چيم،

"سمرينا! مان هيءَ رِبن توکي ٻڌان؟" هُن حيرت وچان مون ڏانهن ڏٺو سندس اکيون وري آليون ٿي ويون. هُن هڪڙي اوچنگار ڏني ۽ منهنجي هٿ مان رِبن ڦُريندي روئيندي تڪڙي تڪڙي هلي وئي.



...(هلندڙ)...

HESCO
in association with WAPDA



## حڪومت پاڪستان جو عزم آهي ته صارفين بجلي جي شڪايت جي
## فوري ازالي لاءِ اداري جي ٽيمن سان جيڪي هر وقت ڪوشان آهن
## اهڙي طرح صارفين کي گذارش آهي ته جيڪڏهن مقامي ڪمپلينٽ سينٽر کي ڪيل شڪايت جو وقت تي
## ازالو نه ٿيندو هجي ته هيٺ ڏنل واسطيدار سينيئر آفيسرن سان رابطو ڪري سگهجي ٿو

| واسطيدار آفيسر | فون نمبرز | موبائل نمبرز |
|---|---|---|
| چيف ڪمرشل آفيسر | 022-9260370 | 0340-880009 |
| چيف انجنيئر آپريشن | 022-9260242 | 0345-2222092 |
| سپرنٽينڊنگ انجنيئر (حيدرآباد) | 022-9200480 | 0340-8886133 |
| سپرنٽينڊنگ انجنيئر (لاڙ) | 022-9240010 | 0340-8886101 |
| سپرنٽينڊنگ انجنيئر (نوابشاھ) | 0244-9370005 | 0340-8886210 |
| سپرنٽينڊنگ انجنيئر (ميرپورخاص) | 0233-821151 | 0340-8886159 |

ان جي باوجود جيڪڏهن شڪايت جو ازالو نه ٿئي ته چيف ايگزيڪيٽو آفيسر سان هيٺ ڏنل نمبرن تي سڌو سنئون رابطو ڪريو.

**(چيف ايگزيڪٽو آفيسر) 03408800001 -/ 0229260023**

**118 هيلپ لائين sms 8118 جي لاءِ استعمال ڪريو**

صارفين کي گذارش آهي ته اوهان به اڳتي وڌو
۽ بجلي جي چوري روڪڻ ۽ بلن جي وقت سر ادائيگي ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪريو.

## ايمانداري ۽ جذبي سان گڏ اسان سڀ گڏجي وطن عزيز کي روشن ڪنداسين

# حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (حيسڪو)

PID(H)0102/18

"DONATE FOR DIAMER-BASHA AND MOHMAND DAMS"

حصو ٻارهون

# فلورينس ۾ هڪ ڏينهن

اعجاز منگي

چوڪ تي پهچي هاڻي سوچيم تہ شهر گهمجي، سڄ جي روشنيءَ ۾ شهر جرڪڻ لڳو هو، هر شيءِ جڻ ڌوتل پيئي لڳي چوڪ تي هر ماڻهو مختلف ڪرتب ڏيکاري رهيو هو. هڪ ماڻهو جي هٿ ۾ اڇو شيشي جو بال هو اهو پنهنجي ٻانهن ۽ ڪنڌ تي وينو سلائيڊ پيو ڪري پر ايتري مهارت سان جو اهو هيٺ نہ پيو ڪري. ماڻهو سندس ڪرتب ڏسڻ لاءِ اچي جمع ٿيڻ لڳا. جيئن اسان وٽ ڪو مداري ڪندو آهي هاڻي اهو رواج آهي الائي نہ پر مون کي چڱي طرح ياد آهي تہ جڏهن اسان پرائمري اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين تہ اڪثر اهڙا مداري ملندا هئا چوڌاري ماڻهن جو هجوم گڏ ٿيل هوندو هئن ۽ اسان بہ ڪڏهن ڪڏهن وچ ۾ ويهي ڪرتب ڏسندا هئاسين. مون کي هڪ واقعو اڃا تائين ياد آهي، اسڪول جي ٻاهران ايئن ئي مداري ويٺو هو ۽ ماڻهو چوڌاري گڏ ٿيل هئس، مداري سان گڏ سندس شاگرد بہ هو ماڻهن کي چيائين تہ مان هن جي زبان ڪٽيندس، مان



پرائمري ۾ پڙهندو هئس اهي لفظ جو ٻڌم تہ مون تي خوف طاري ٿي ويو تہ الائي ڇا ٿيندو! مان هجوم ڪان ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ماڻهن جي رش ايتري هئي جو ٻاهر نڪري نہ پيو سگهان. مجبوريءَ ۾ ويهڻو پئجي ويو مداري ڇري ڪڍي، پنهنجي شاگرد جي زبان ڪٽي ڇڏي سندس اڇا ڪپڙا رت سان ڳاڙها ٿي ويا. مون کي ايترو تہ خوف ٿيو جو ونڃي ٻاهر پڳس ۽ ڊوڙندو وڃي گهر پهتس امان کي ٻاڪر پائي ايترو رنس جو امان پريشان ٿي وئي تہ هن کي ڇا ٿيو..؟ امان کي جڏهن سڄي ڳالهہ ٻڌايم تہ امان کلي چيو تہ اهو سڄو ڊرامون ۽ ڪوڙ هوندو آهي اصل ۾ ائين ناهي ٿيندو ڪير بہ ڪنهن جي زبان ناهي ڪٽيندو، پوءِ بابا بہ گهر اچي ويو، امان ڪيس سڄي ڳالهہ ٻڌائي تہ بابا چيو تہ اڳتي اهڙيون شيون نہ ڏسندو ڪر. ان منظر منهنجي ذهن تي اثر ڇڏيو ۽ ڪيترا ڏينهن مون کي ماني نہ پئي وڻي، آهستي آهستي اهي شيون ذهن تان ميسارجي وڃن ٿيون. پوءِ يادون صرف يادون رهجي ٿيون وڃن جيڪي ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن سبب ڪري موٽيو ذهن تي تري اچن ٿيون بهرحال هتي فلورينس ۾ اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ هئي، ڪجهہ دير اهو تماشو ڏٺم ۽ اڳتي وڌيس تہ هڪ ماڻهو پينٽنگس ناهي رهيو هو. ڪولوزم، پيسا ٽاور ۽ ٻين مشهور تاريخي جاين جون سپ ڪان وڏي خوبي انهن پينٽنگن ۾ اها هئي تہ ڏاڍي مهارت سان ۽ گهٽ وقت ۾ انهن کي ناهي رهيو هو. اتان مان ڪولوزم جي پينٽنگ خريد ڪئي ڪافي گهمي ٿڪجي پيو هئس ان لاءِ سوچيم تہ ڪٿي ويهي پيٽ پوڄا

ڪجي. هر هوٽل جي ٻاهران ڪارو بورڊ لڳل هو جتي ان ڏينهن جي اسپيشل ڊش ۽ سندس قيمت بہ لکيل هئي مختلف بورڊ پڙهندو رهيس ۽ پنهنجي پسند جي کاڌي ۽ قيمت کي جاچيندو رهيس. مون کي اٽليءَ جي کاڌن ۾ پاستا، پنيني ۽ برگر جام وڻندا آهن ان لاءِ مان پنهنجي پسند جو کاڌو ڳولڻ لاءِ هر بورڊ تي نظر وجهندو رهيس مون کي پنهنجي پسند جي شيءِ مناسب قيمت ۾ ملي ئي وئي، اندر گهڙيس تہ ڪائونٽر تي وينل جينز ۽ ٽي شرٽ ۾ اطالوي ڇوڪري جيڪا موبائل ۾ گم هئي، مون کي ڏسي مرڪندي ڪائونٽر تان لهي آئي سندس اچڻ مان اهو پئي سمجهيم تہ آرڊر وٺندي پر چيائين تہ مان پندرهن منٽن جي بريڪ تي آهيان ختم ٿئي تہ پوءِ آرڊر وٺندس. چيومانس تہ هاڻي وٺڻ ۾ ڇا آهي؟ جواب ڏنائين تہ "بريڪ آ منهنجي.." خير اهي پندرهن منٽ مان انتظار ڪرڻ ئي لڳو هئس ۽ پنهنجي موبائل ۾ گم ٿي ويس. پندرهن منٽ پورا ٿيا تہ هوءَ مينيو کڻي اچي بيٺي ۽ چيائين تہ آرڊر ڏي چيومانس جيڪو بورڊ تي لکيل آهي سو کڻي آ "اوڪي" چئي هلي وئي مان ٻاهر نهارڻ لڳس، هڪ وڏو چوڪ هو جتي گهڻائي سياح ٽڪ لاهڻ خاطر ليٽيا پيا هئا، ڪجهہ خاندان، ڪجهہ جوڙا ۽ ڪجهہ مون جهڙا اڪيلا پانت پانت جا ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. مختلف ٻوليون، مختلف رنگ، مختلف چهرا ڪنهن کي ڪا پرواهہ نہ هئي هر ڪو پنهنجي دنيا ۾ گم هو ڪڏهن کي جوڙا ليٽي ليٽي چپن جا جام پيا آچين ۽ مرڪون پيا ڪنديرين ڪجهہ وري پنهنجن ٻارڙن سان پيا ڪيڏن مزو لڳو پيو هو ماني اچي وئي پاستا ۽ برگر، پيٽ پوڄا ڪري مان ٻل ڏيڻ لاءِ اٿيس ڪائنس پڇيم تہ هتي گهمڻ لاءِ ٻيون ڪهڙيون جايون آهن چيائين تہ Arno نديءَ جو ڪنارو، تنهن ڪانسواءِ مائيڪل اينجلو اسڪوائر جتان اوهان فلورينس جو پورو نظارو ڪري سگهو ٿا. ڪائنس ٻنهي جڳهين جي ايڊريس پڇيم جيڪا هن مون کي گوگل ميپس تي ڪولي سمجهائي Arno نديءَ تي اچي پهتس Arno ندي مائونٽ فالٽيرونا مان نڪري ٿي سندس ڊيگهہ 241 ڪلو ميٽر آهي ۽ پنهنجي علائقي جي سڀ ڪان وڏي ندي آهي سندس گذر فلورينس انپولي ۽ ٽينسا مان ٿئي ٿو مان يورپين جي هڪ ڳالهہ نوٽ ڪئي آهي تہ شيءِ جيڪا ناهين ٿا انتهائي خوبصورت ناهين ٿا ۽ پلاننگ ڪري ناهين ٿا هاڻي هن نديءَ کي ئي ڏسو ٻنهي طرفان صاف سٿرو روڊ ٺاهيو اٿن جتي سياح سائيڪلون بہ هلائين پيا تہ گهمن ڦرن بہ پيا ۽ پرسان وهندڙ نديءَ جو نظارو بہ ڪن پيا. اڳيان هڪ ننڍڙي پل ٺهيل هئي جتي ٻنهي پاسن کان گل ٻوٽا رکيل هئا ۽ ويهڻ لاءِ ڪرسيون بہ، وچ روڊ تان گاڏيون پيون لنگهن ۽ پاسن کان ماڻهو وينا آهن. ٿڌي هوا،



اڏامندڙ هنج، رنگ برنگي گل ۽ ماڻهو سوچو تہ ڪيڏو نہ خوبصورت نظارو آهي مون نديءَ جي ڪناري آواره گردي ڪئي پوءِ سوچيم تہ ڪنهن دڪان تان ڪا شاپنگ ڪجي. ...(هلندڙ)....

# اکري سئو وکري

## بيت- شاھ لطيف

همسري

**کيهي1 کامَ کاپِڙي، تا آهِڙي رَوَشِ2 رَ وَنِ؟**
**نَکا دِلِ دوزَخَ ڏي، نَکي بِهشتُ گهرن،**
**نَکو کَمُ کُفار3 سين، نَکا مُسلماني مَنِ4،**
**اُيا اِيئن چوَنِ، تہ پرين کَجو پانهِنجو5.**

**ڏکين اکرن جي معنيٰ:**

1. **کيهي**- کهڙي کم سان. 2. **رَوَنِ**- روش هلن. 3. **کُفار**- ڪافر جو جمع. 4. **مَنِ**- من ۾، اندر ۾. 5. **پانهِنجو**- پنهنجو.

------

## پهاکو

همسري

**کَنَ جي ڳالهين، مير ٻجار مارايو:**

کنن جي سُس پُس يا لڪ ڇپ جي ڳالهين مان، خراب نتيجا نڪرن ٿا.

----

مختصر ڪهاڻي

## زندگي ۽ ڪهاڻيءَ جو ڪلائيميڪس

راشد شر

اکين ۾ گهنج پيل جهور پوڙهي ماچس جي تيلي سان پن جي ٻيڙي کي دکائيندي پڇيو، زندگي ڇا آهي؟؟ ايستائين کنهن سوچ جي سمنڊ ۾ مَحو ٿي ان سوال جي جواب کي کنهن ٻالڪ جي گم ٿيل رانديکي جيان ڳوليندو رهيس، جيستائين ان پوڙهي همراھ جي دُکندڙ ٻيڙي نہ اجهاڻي!!! ان جهور پوڙهي پنهنجي پڇيل سوال جي جواب جي آسري ۾ ٻيڙي جو هڪ ڪش بہ نہ هنيو ۽ منهنجي اکين ۾ اکيون ملائي غور سان ڏسندو رهيو!!! ٻيڙي پاڻ ئي دُکي دُکي ختم ٿيڻ تي هئي تہ جهيڻي آواز ۾ پوڙهي همراھ کي چيم، چاچا توهان جي سوال جو جواب هن ڪهاڻي جي ڪلائيميڪس ۽ توهان جي ان اجهاميل ٻيڙي وانگر آهي...!!!

------

## دائرن ۾ قاتل اڪيلو ماڻهو

پارس حميد

سوچ جا دائرا
وقت جا دائرا
۽ مان اڪيلو
سوچ وقت
حالتن ۾ قيد
۽ روشني مٺي آهي.

------

**ڊاڪٽر رضا محمد چانڊيو**

موت ۽ محبت کي
ڪوبہ
مات ڏئي نٿو سگهي!!
تون رڳو مون سان
سچو رھ...،
دُنيا کي مُنهن
مان-پاڻ ڏيندس...!!!

------

## آزاد نظم

ڪامريڊ ڪريم بلوچ

تون اجا بہ چاهين ٿو تہ
مان تنهنجي اشارن تي نچندو رهان
ٻريل ٽانڊن تي هلندو رهان
ڪوڙ کي سچ چوندو رهان
ڏينهن کي رات،
رات کي ڏينهن چوندو رهان
تون اجا بہ چاهين ٿو تہ
مان تنهنجي چوڻ تي
بندوق تنهنجي
هٿن پنهنجن ۾ کڻي
هڻندو رهان، مرندو رهان!
جي تون اجا بہ اهو پيو چاهين
پوءِ تون ڀليل آهين
مون کان مُور نہ ڪرائي سگهندين
خودڪشيءَ وارو عمل پراڻو
هاڻي بندوق تنهنجيءَ جو ئي
ڦري رخ ٿي ويندو تو ڏانهن!!

----

هيلٿ ٽپ

## گريپ فروٽ جا فائدا

ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو

گريپ فروٽ سنڌ ۾ جام ٿئي ٿو هي ڪيترن ئي غذائي جزن، تاندوري ۽ اينٽي آڪسيڊنٽن سان مالا مال آهي. هي فروٽ انتهائي صحت بخش سمجهيو وڃي ٿو، هن جا ڪجهہ فائدا هي آهن: هي فروٽ نہ رڳو وبائي زڪام ڇڏائي ٿو پر جسم ۾ موجود تيزابيت بہ گهٽائي ٿو. گريپ فروٽ ۾ ترشائپ هجڻ جو سبب نارنگن (naringin) ڪيميائي مادو آهي جيڪو هڪ طاقتور اينٽي آڪسيڊنٽ آهي جنهنڪري گريپ فروٽ ۾ اينٽي وائرس، اينٽي بيڪٽريل، اينٽي فنگل، سوزش ماريندڙ ۽ ڪينسر ختم ڪندڙ خاصيتون ٿين ٿيون. جيڪي انساني جسم جي قدرتي بچاءُ واري سرشتي لاءِ شاندار آهن. ان ڪانسواءِ سَنڌن جي سور ۽ ڳِڏڙين لاءِ فائديمند آهي. منجهس ڪُئنين هجڻ جي ڪري مليريا سميت چمڙي جي بيماري ليوپس ۽ رات جو ٽنگن ۾ پوندڙ ڳِڏڙين لاءِ فائديمند آهي. ان ڪان علاوه ٿڪ ۽ ساٿائي ختم ڪري ٿو، سٺي ننڊ ڏياري ٿو، قبض ڪشا ٿئي ٿو ۽ پيشاب جي تڪليفن کي ختم ڪري ٿو. ڇو تہ ان ۾ پوٽيشيم ۽ وٽامن سي جو وڏو مقدار موجود آهي. ان ڪان علاوه هي وزن گهٽائڻ ۾ بہ مدد ڪري ٿو. جيئن تہ هن ۾ تاندوري جي مقدار تمام گهٽي آهي ان ڪري ان جي کائڻ سان پيٽ ڀريل هجڻ جو احساس ٿئي ٿو. ان ڪانسواءِ منجهس ڪوليسٽوڪينن جهڙو هاضمي جي رسن کي روان دوان رکندڙ هارمون ٿئي ٿو جيڪو بک کي ماري ٿو ۽ معدي ۾ پيدا ٿيندڙ گيس جو خاتمو ڪري ٿو.

Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين همسري حيدرآباد

انٽرويو

# ڊاڪٽر بيڪا رام وائيس چانسلر لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي ڄامشورو

زاهده ابڙو

**تعارف:** آئون 1962ع ۾ ٿر جي تعلقي ڇاڇري جي هڪ ننڍي ڳوٺ گونگيو ۾ پيدا ٿيو هئس. ان وقت ۾ پڙهائي جو رجحان گهٽ هو پر پرائمري اسڪول هوندو هو مون پنج درجا اتان پڙهيا. ٻار گهڻو ڪري پنج درجا پڙهي پوءِ مال چاريندا هئا ۽ ٻني ٻاري ۾ لڳي ويندا هئا. منهنجي والد صاحب مون کي پڙهائڻ چاهيو. جڏهن آئون پنجين ڪلاس ۾ هئس ته 1971ع واري جنگ لڳي، اسان پنهنجون زندگيون بچائي اڇي مٺي ۾ وياسين. منهنجي والد کي ٿورو گهڻو واڍڪو ڪم به ايندو هو، پوءِ هن اهو ڪم شروع ڪيو. 1972ع ۾ مون مٺي ۾ پنجين درجي جو امتحان ڏنو. حالتن کي ڏسندي هڪ اهڙو قانون ٺاهيو ويو جنهن ۾ پڙهيل لکيل ٻارن جو امتحان ورتو ويو ۽ پوءِ آئون مٺي هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيس ۽ اتي ئي هاسٽل ۾ رهندو هئس. جتي مهيني جي في 15 رپيا هوندي هئي، جيڪا منهنجي پيءُ جي لاءِ ڏيڻ مشڪل هئي. منهنجو مامو ان وقت ٽنڊو ڄام يونيورسٽي ۾ ڊيمانسٽريٽر هو اهو چاهيندو هو ته اسان پڙهي پئون. پوءِ هن اسان سڀني ڀائيٽن، ڀاڻيجن کي اتي ٽنڊي ڄام ۾ پنهنجي ڪوارٽر ۾ گڏ رهايو، ايئن مون 1977ع ۾ ميٽرڪ ٽنڊو ڄام مان ڪئي. منهنجي مامي ڪجهه مينهون ورتيون پوءِ اهي پيا چاريندا هئاسين. ان جو کير ڪائيندا به هئاسين ۽ بازار ۾ به وڪڻندا هئاسين ته جيئن خرچ نڪري پوي. مينهن جي لاءِ گاهه به ڪندو هئس ۽ ڪُتر به ٺاهيندو هئس. ميٽرڪ ڪانپوءِ مسلم ڪاليج ۾ داخلا ٿي. ان وقت ماما جي پنهنجي فيملي وڏي ٿي وئي ۽ پوءِ مون مختلف پريسن ۾ جنهن ۾ آفتاب، عبرت ۽ سنڌ آبزرور ۾ ڪمپوزنگ جو ڪم ڪيو، ان وقت سنڌي جي ڪمپوزنگ ڏاڍي ڏکي هوندي هئي. اتي ڪمپوزنگ ڪرڻ ۾ روزاني ٽي چار رپيا ملي ويندا هئا، ايئن پنهنجو خرچ ۽ ڪاليج جي في پيو ڪڍندو هئس. 1980ع ۾ انٽر پاس ڪيم ته لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ٿي وئي. جڏهن منهنجي داخلا ٿي ته ان وقت به هڪ عجيب اتفاق ٿيو ته منهنجي مامي کي اسڪالرشپ ملي ۽ هو آمريڪا هليو ويو. ان وقت 252 رپين ۾ اسان جي ميڊيڪل جي داخلا ٿي هئي. 30 جون داخلا فارم جي آخري تاريخ هئي، انٽر ۾ هوندو هئس ته پريس ۾ ڪم ڪرڻ سان گڏوگڏ سائيٽ ايريا ۾ پاڪولا فيڪٽري ۾ به مزدوري ملي وئي، جتي ڏهاڙي جي بنياد تي مزدور ڪڻندا هئا. اتي آئون نائيٽ شفٽ ۾ ڪم ڪندو هئس، ان مان مون ڪافي بچت ڪئي، جنهن مان ڪجهه پئسا ڳوٺ به موڪليندو هئس، پاڻ تي به خرچ ڪندو هئس ۽ انهن پئسن مان مون وٽ 240 رپيا هئا. ان وقت ٿرپارڪر ضلعي ۾ منهنجي ٽين پوزيشن هئي. هاڻي مون وٽ پئسا نه هجن ۽ في جمع ڪرائڻ جي تاريخ به آخري هجي، 12 رپيا مون وٽ گهٽ هئا. وڏن اهو سيکاريو ويو هو ته ڪنهن جي اڳيان هٿ نه ٽنگبو، ڪنهن جو ٿورو نه کڻبو، انهيءَ اٽڻ ۾ لڳو پيو هئس ته ڪنهن کان وٺان. انهيءَ سوچ ۾ ئي ويٺو هئس ته منهنجي ڳوٺ جو هڪڙو ماڻهو آيو جيڪو بس جو ڪنڊيڪٽر هو، جنهن مون کي 25 رپيا سندس پيءُ کي ڏيڻ لاءِ ڏنا. آئون دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيس ته منهنجو ته ڪم ٿي ويو. هن کي ڪجهه به ڪونه ٻڌايم. مون سوچيو ته هفتي اندر اهي 25 رپيا ڪمائي ان جي پيءُ کي ڏيئي ڇڏيندس. اهي پئسا مون کي ڏاڍو ڪم آيا. جڏهن ايڊميشن ونڊو آيس ته مون فارم جمع ڪرائيندي ڪلارڪ کي چيو ته مون ڪان 262 رپيا وٺ ان وقت ۾ شڪور نالي اسان جو ڪلارڪ هوندو هو ان چيو ته 10 رپيا هن ۾ مسجد جو چندو آهي تون ديوان آهين تو ڪان ڪيئن وٺون، مون ڪيس جواب ڏنو ته مون کي به ته الله موڪليو آهي نه، مون ڪان اهو چندو وٺ. بهرحال 262 جو چالان ڀري ايم بي بي ايس ۾ منهنجي داخلا ٿي. آئون جڏهن ٿر مان ٽنڊي ڄام لاءِ نڪتو هئس ان وقت بابا مون کي 10 رپين جو هڪ نوٽ ڏنو هو. بابا ڪوهه تي لڳل ڪاٺ جي پُلي ٺاهيندو هو جنهن کي ٺاهڻ ۾ هن کي 15 ڏينهن لڳي



ويندا هئا ۽ ان وقت ۾ هن کي 10 رپيا مزدوري چڪي تاڻي ملندي هئي، سندس هٿن ۾ لڦون پيل هونديون هيون. جڏهن آئون ٽندو ڄام آيس ته مامي سان گڏجي آيس منهنجو ڪرايو به ڪونه لڳو. جڏهن آئون 10 رپيا ڪپائڻ نڪتس ته بابا جي هٿن جون لڦون ياد اچڻ لڳيون پوءِ ان نوٽ کي پلاسٽڪ جي ڪوٽنگ ۾ بند ڪري اڄ ڏينهن تائين محفوظ ڪري ڇڏيم اهو نوٽ مون کي بابا جي محنت ياد ڏياريوندو آهي. جڏهن ايم بي بي ايس جي چوٿين سال ۾ پهتس ته پريس ۾ ڪافي مشينون اچي ويون جنهن جي ڪري منهنجي ڪم ڪرڻ جو چاهه اتي گهٽجي ويو. انهيءَ وقت ۾ لبرٽي مارڪيٽ به نهي رهي هئي، اتي مزدوري ڪرڻ وارن کي روز 8، 9 رپيا ملندا هئا. آئون جڏهن اتي ويس ته هڪڙي ماڻهو مون کي سڃاڻي ورتو، جنهن مون کي تغاري ڪڻائڻ بجاءِ مزدورن جي سپروائيزري ڏني. پوءِ پينرن ۽ پائرن جي شادي ڪرائيم ۽ پاڻ به شادي ڪيم. هائوس جاب ختم ڪرڻ ڪانپوءِ ”اختر جي. قاضي“ ان وقت ۾ نگران وزيراعظم هو ان جي دور ۾ سنڌ حڪومت ڪجهه سيٽون ايڊهاڪ تي ڏنيون هيون، انٽرويو ڏيڻ ويس ۽ پوءِ مون کي ميڊيڪل آفيسر جي نوڪري پنهنجي ضلعي ۾ ملي وئي. ان ڪانپوءِ وري واپس ايل ايم سي آيس ان وقت ۾ سچي ڳالهه اها آهي ته مون کي پنهنجي مستقبل جي ڪا خبر نه هئي، بس ايتري خبر هئي ته مان ڊاڪٽر آهيان، ڪلينڪ ڪوليندس، پئسا ڪمائيندس ۽ گهر هلائيندس. منهنجي ذهن ۾ به ڪونه هو ته آئون ڪڏهن پوسٽ گريجوئيشن ڪندس. وري اڄ جنهن عهدي تي پهتو آهيان ايستائين پهچندس اهو منهنجي خواب ۽ خيال ۾ به ڪونه هو. منهنجي هڪ عادت آهي ته ڪوبه نئون ڪم ڪرڻ جو شوق هوندو آهي ته اهو ڪري ڏسان ته ان جو نتيجو ڇا ٿو نڪري. زندگي جي انهيءَ فلاسافي تي هلندي هلندي اڄ هتي پهتو آهيان ۽ اتي پهچڻ لاءِ مون ڪڏهن ڪا سفارش نه ڪئي ۽ ان سفر ۾ منهنجي ڪوشش اها ئي رهي آهي ته پنهنجو ذاتي ڪم ڪنهن کي نه چوان ته ڪنهن جو احسان نه ٿئي.

**زاهده ابڙو: LUMHS پاڪستان جي پهرين پبلڪ ميڊيڪل يونيورسٽي آهي هن وقت ان جي رينڪنگ گهٽجي رهي آهي ڇا اهو سچ آهي؟**

**ڊاڪٽر بيڪا رام:** ها اهو سچ آهي، جڏهن وائيس چانسلر تبديل ٿيندو آهي، هڪڙو ايندو آهي ۽ ٻيو ويندو آهي ته هڪڙو گيپ پيدا هوندو آهي. جنهن ۾ وڃڻ واري جي دلچسپي گهٽجي ويندي آهي ۽ نئين اچڻ واري لاءِ مسئلا هوندا آهن جن کي سمجهڻ ۾ وقت لڳندو آهي. ڪنهن زماني ۾ اسان وٽ ايف سي پي ايس ۽ ايم ڊي کي، ايڇ اِي سي وٽ رينڪنگ ۾ ميڊيڪل سائنس ۾ ايڪولينٽ ٽو پي ايڇ ڊي هئا. هاڻي ايڇ اِي سي سختي ڪئي آهي ته فيڪلٽي ۾ پي ايڇ ڊي ڪٿو. ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ پي ايڇ ڊي جو رجحان تمام گهٽ آهي. هڪڙي پي ايڇ ڊي کي نڪرڻ لاءِ پنج سال لڳن ٿا. هڪڙو سبب اهو آهي ته اسان وٽ پي ايڇ ڊي فيڪلٽي گهٽ آهي ان تي اسان کي فوڪس به ڪرڻو آهي. اسان ڊبليو ڪيٽيگري ۾ اچي ويا آهيون. ريسرچ، اڪيڊمڪس، فيڪلٽي ۽ ڪوالٽي انهن چئن شين تي اسان جي رينڪنگ ٿيندي آهي. اسان ريسرچ ۾ بهتر آهيون باقي فيڪلٽي ۾ پي ايڇ ڊي ورسز نان پي ايڇ ڊي جو تناسب اسان کي بهتر ڪرڻو آهي ان جي ڪري اسان جي رينڪنگ ٿوري گهٽ ٿي آهي. شروع ۾ اسان جي يونيورسٽي ٻين نمبر تي هئي پوءِ اٺين نمبر تي آئي، هاڻي خبر ناهي ته اهو اٺون نمبر برقرار رهي ٿو يا اڃان پٺتي هليا ويندا سين. وڏن شهرن جي يونيورسٽين کي پي ايڇ ڊي فيڪلٽي حاصل ڪرڻ ۾ ڪا گهڻي ڏکيائي ناهي، پر اسان وٽ هتي فيڪلٽي جو مسئلو موجود آهي. آئون اهو مڃان ٿو ته پاڪستان ۾ ميڊيڪل يونيورسٽين ۾ جيتري ريسرچ ٿيڻ گهرجي اوتري نه پئي ٿئي. ان هوندي به اسان وٽ ريسرچ ٺيڪ ٺاڪ ٿي رهي آهي. اسان وٽ ٽي ڊومين هوندا آهن، هڪ اسان پاڻ فنڊز ڏيندا آهيون، ٻيو ايڇ اِي سي ڏيندي آهي، ٽيون پاڪستان سائنس فائونڊيشن فنڊنگ ڪندي آهي. هتي به وري اسان سان هڪڙو مسئلو ٿو ٿئي ته پي ايڇ ڊي فيڪلٽي گهٽ آهي، مستند ريسرچ ان جي ئي سمجهي ويندي آهي جيڪي پي ايڇ ڊي هوندا آهن. اهي ڪجهه مسئلا آهن جن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آهيون. پهرين اسان وٽ ORECجو ڊپارٽمينٽ ڪونه هو هاڻي اهو به ٺهي ويو آهي. ايڇ اِي سي جي فلاسافي آهي ته اسين پنهنجون پروڊڪٽس پاڻ ٺاهيون جن تي ڪم ڪري رهيا آهيون. ڪجهه اهڙيون شيون آهن جيڪي ايڇ اِي سي جي رينڪنگ ۾ اچن ئي نٿيون. مثال طور: جنرل يونيورسٽين ۾ رڳو پڙهائڻو آهي. اسان مريض به ڏسون ٿا، عوام ۽ مريض جي خدمت ڪريون ٿا، انهن جون پوائنٽس تمام گهٽ آهن. ايڇ اِي سي طرفان ميڊيڪل يونيورسٽي کي انهن شين تي به ڪريڊٽ ملڻ کپي جيڪو نٿو ملي. لال بتي ۾ ڪيترا مريض اچن ٿا جن کي اسان جا پروفيسر ئي وڃي ڏسن ٿا، انهن جا آپريشن ڪن ٿا. سوسائٽي سروس ۾ جڏهن اسان وڃون ٿا ته ان جا پوائنٽس تمام گهٽ آهن. مون کي خبر آهي ته اسان جي يونيورسٽي ۾ اهليت تمام گهڻي آهي. جيئن اسان وٽ هڪ نئون ڊپارٽمينٽ، بايو ميڊيڪل انجنيئرنگ ٽيڪنالاجسٽ آهي. ايڇ اِي سي جي پاليسي آهي ته اڪيڊميه ۽ انڊسٽري جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو هجي، پر هيستائين اسان جا مضبوط ڳانڍاپا ٿي نه سگهيا آهن، جڏهن اهو ڳانڍاپو مضبوط ٿيندو ته يقينن اسان وٽ اهڙا پروڊڪٽ آهن جن کي پيٽنٽ ڪرائينداسين ته اسان کي سٺيون مارڪون ملي وينديون. پيشنٽ سروس ۾ اچو يا ڊائيگنوسٽڪ ريسرچ ليب جنهن ۾ اسان سڄي سنڌ ۾ مارڪيٽ ريٽ کان 25 سيڪڙو تي سروس ڏيون ٿا، جنهن لاءِ اسان وٽ ڪا بجيٽ ڪونهي. اسان جون ڪافي ليبارٽريون ڪم ڪري رهيون آهن ۽ ڪجهه نيون به ٺهي رهيون آهن.

**ويهن سالن کان وڏي عمر وارا 26 سيڪڙو ماڻهو ذيابيطس جا مريض آهن ، ويهن سالن کان مٿي 14 سيڪڙو ماڻهو بارڊر لائين تي آهن، جن کي ذيابيطس ٿيڻي آهي. 26 ۽ 14 کي ملائينداسين ته 40 سيڪڙو ماڻهو ذيابيطس جو شڪار آهن.**

**زاهده ابڙو: ميڊيڪل ڪاليج کان ميڊيڪل يونيورسٽي جي سفر تائين توهان ڇا ڇا حاصل ڪيو آهي. ان کان علاوه ريسرچ جرنل ڪيترا ۽ ڪهڙي ڪئٽيگري ۾ ڇپجي رهيا آهن؟**

**ڊاڪٽر بيڪا رام:** جيستائين ڪاليج هو تيستائين ته ڪوبه جرنل ڪونه هوندو هو. جڏهن يونيورسٽي شروع ٿي ته اسان وٽ جرنل ڇپجڻ شروع ٿيو، جنهن جو نالو آهي ”جي لمس“. پهرين اهو زيڊ ڪئٽيگري ۾ هو، پوءِ واءِ ڪئٽيگري ۾ آيو، پوءِ ايڪس ڪئٽيگري ۾ آيو. هينئر ٿامپسن جي ويب سائيٽ تي اسان آهيون، اسان جي سائيٽيشن تمام گهڻي آهي. اميد آهي ته جلد ئي اسان ڊبليو ڪئٽيگري ۾ اچي وينداسين. ٻيو اسان جو جرنل پيٿالاجي ڊپارٽمينٽ مان نڪرندو آهي. اسان وٽ تمام وڏي فيڪلٽي آهي، ڊپارٽمينٽ گهڻا آهن. هاڻي اسان ڊينٽسٽري جو جرنل الڳ ٿا ٺاهڻ چاهيون، انهن سيني جا ايس او پيز ٺاهي ڇڏيا آهن. پي ايم ڊي سي ۽ ايڇ اِي سي جي معيار لاءِ اهل ثابت ٿيندي اهو جرنل به ڪوليو هئوسين. بايو انجنيئرنگ جو الڳ جرنل به اسان جي پائيپ لائين ۾ آهي. جڏهن ڪاليج هو ته اسان وٽان صرف ايم بي بي ايس ڊاڪٽر نڪرندا هئا، يونيورسٽي ٺاهڻ مان فائدو ٿي ويو ٻيا به ڪيترائي ادارا ٺهي ويا. ان ۾ اسان وٽ ايف ايم ريڊيو به آهي جيڪو اسان کي ايڇ اِي سي وٽان مليو آهي. هاڻي اسان چاهيون ٿا ته اسان کي ٽي. وي چئنل به ڏنو وڃي. مون اچڻ ڪانپوءِ ڪاليج آف بايو ميڊيڪل ٽيڪنالاجسٽ جو هڪ نئون ڪورس ڊزائين ڪيو آهي. اسان وٽ ڊاڪٽر آهن پر هر شعبي جي لاءِ

ٽيڪنالاجسٽ جي کوٽ آهي. هوندئن اسان وٽ آهن ته صحيح پر اهي ان سطح جا نہ آهن جو اسان انهن کي صوبائي، ملڪي يا بين الاقوامي سطح تي افرادي قوت طور استعمال ڪري سگهون. ان ۾ اسان ايڊميشن بہ ڪيون آهن. ڇهن مهينن کان وٺي ڇئن سالن تائين جا ڪورس ڊزائين ڪيا ويا آهن. ان ۾ اسان انٽر ميڊئيٽ جي بنياد تي شاگرد ڪٽنداسين، جن شاگردن جي ميڊيڪل ۾ داخلا نہ ٿي ٿئي آن سان لاڳاپيل ٻين شعبن ۾ وڃي ڪم ڪري سگهن ٿا. ڇهن مهينن ۾ هڪ ماڻهو سونولاجسٽ ٿي سگهي ٿو، سي ٽي اسڪينر جو سال جو ڪورس آهي، سال ۾ ايم آر آءِ جو ٽيڪنالاجسٽ ٿي سگهي ٿو. اها اسان جي تمام گهڻي ضرورت آهي تہ جڏهن اسان انهن ٽيڪنالجسٽن کي ڳولهيندا آهيون تہ اهي اسان کي ملندا ئي ڪونہ آهن، ان لاءِ اسين چاهيون ٿا تہ اسين پاڻ ان جي پيداوار ڪريون. ان جا بہ فائدا ٿيندا هڪ تہ اهي شاگرد جن ميڊيڪل جي دنيا ۾ ڪم ڪرڻ ٿي چاهيو ۽ نہ اچي سگهيا انهن کي موقعو ملندو ۽ ٻيو تہ انهن ماڻهن جي نجي ۽ سرڪاري شعبي ۾ سخت ضرورت آهي، اهي ماڻهو چاهي انهن جي ٻنهي شعبن ۾ کپت ٿي ويندي. هن وقت ميرٽ تي تقريبن سڀني يونيورسٽين ۾ ڇوڪرين کي داخلا ملي رهي آهي. جنهن سان هڪڙو مسئلو ايري رهيو آهي تہ ڇوڪريون ننڍين ننڍين شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ نٿيون وڃن. ڇو تہ معاشري جي جوڙجڪ ڪجهہ اهڙي آهي جو مائٽ انهن کي ايترو پري نٿا ڇڏين. ان مسئلي کي ڏسڻ لاءِ مون کان پهرين وارو وائيس چانسلر نوشاد صاحب هڪ پراجيڪٽ شروع ڪري ويو آهي جنهن ۾ اسان هڪ نئون ڪاليج 100 ڇوڪرن جي لاءِ شروع ڪيو آهي، جنهن جو نالو بلاول ميڊيڪل ڪاليج رکيو ويو آهي. ان ميڊيڪل ڪاليج ٺاهڻ جي فلاسافي اها آهي تہ اسان جي ٿيهي جي مرد ڊاڪٽرن جي رٽائرمينٽ کانپوءِ ميل ڊاڪٽر ڳوليا ڪونہ ملندا. ان تي ڪافي سوال بہ اٿيا آهن تہ ڇوڪرن لاءِ الڳ ڪاليج ڇو، پر ڇوڪرين لاءِ بہ الڳ ڪاليج ۽ يونيورسٽيون ٺهن ٿيون تہ ڇوڪرن لاءِ ڪاليج ڇو نٿو ٺهي سگهي. ان ڪاليج ٺاهڻ جو مقصد صنفي بنيادن تي فرق نہ آهي پر اها وقت جي ضرورت آهي. بلاول ڪاليج لاءِ اسان جو ڪم اهو آهي تہ ڊسٽرڪٽ هيلٿ ڪونٽڙي اسان جي ڪاليج سان سنڌ گورنمينٽ ڪان ايفيليئيٽ ڪرائي آهي. اسان جي ڪلينيڪل فيڪلٽي اتي وڃي سروس ڏئي ٿي. ڇو تہ پي ايم ڊي سي جا ڪجهہ قانون هوندا آهن جيڪي پورا ڪرڻ کانپوءِ اسان کي ايڊميشن جي اجازت ملندي آهي. هينئر ڪجهہ رولز تبديل بہ ٿيا آهن ۽ سخت بہ ٿيا آهن جيڪا سٺي ڳالهہ آهي تہ جيئن شاگردن جو معيار سٺو ٿئي ان جي لاءِ سپريم ڪورٽ سوئو موٽو ايڪشن ڪٺي پبلڪ ۽ پرائيويٽ ميڊيڪل ڪاليجن کي هڪڙي پچ تي آڻڻ چاهي ٿي. منهنجي اطلاع مطابق اڄ پي ايم ڊي سي جي ڪا ميٽنگ ٿي پئي جنهن ۾ بلاول ڪاليج جي انسپيڪشن ايجنڊا ۾ پهرين نمبر تي رکيل آهي، ان جي انسپيڪشن ٿي ويندي تہ پوءِ اسان داخلا شروع ڪنداسين، پوءِ ڪاليج باقائده شروع ٿي ويندو.

**زاهده ابڙو: يونيورسٽين جو سڀ کان وڏو ڪم ريسرچ هوندو آهي، يونيورسٽي جي ماليڪيولر ۽ جينيٽڪ ليب جي باري ۾ پڙهندڙن کي ڪجهہ ٻڌايو تہ توهان وٽ ڪهڙين بيمارين تي ريسرچ ٿي آهي؟**

**ڊاڪٽر ٻيڪا رام:** اسان جو ميڊيڪل ريسرچ سينٽر پراڻو آهي، آئون پاڻ بہ پنج سال ان جو ڊائريڪٽر رهيو آهيان. اسان وٽ سنڌ جي پهرين ڊي اين اي ۽ جينيٽڪ ليب آهي. جنهن ۾ جينيٽڪ ۽ ڊي اين اي تي تمام سٺي ريسرچ ٿئي پئي. اسان جي پهرين ليب آهي جيڪا قانون نافذ ڪندڙ ادارن ۽ عدليہ کي بہ ڊي اين اي ٽيسٽ ڪري ڏيڻ ۾ مدد ڪندي آهي. هن ليب ۾ اسان ڪافي ڊي اين اي جا اهڙا ڪيس حل ڪري ڏنا آهن جيڪي هاءِ ليول جا هئا. اها سنڌ جي مڃيل پهرين ليب آهي. هيپاٽائيٽس بي تي اسان کي جينيٽڪ ليول جي هاءِ فاءِ ريسرچ جي ضرورت هئي اها بہ اسان هتي ڪئي آهي. اسان جا پي ايڇ ڊي اسڪالرز جيڪي هتي پڙهن پيا ڪجهہ شاگرد آهن، ڪجهہ فيڪلٽي جا ٽيچر آهن اهي بہ ريسرچ ڪن پيا. اسان هاڻي شروعاتي ريسرچ يا ڊيٽا گڏ ڪرڻ واري ريسرچ گهٽائي ڇڏي آهي. هاڻي اسان ٽئين درجي جي ريسرچ ڪري رهيا آهيون. اسان جي فيڪلٽي ۾ ڪجهہ ماڻهو اهڙا آهن جيڪي يو ڪي مان پي ايڇ ڊي ڪري آيا آهن. اسان جو هاڻي ارادو آهي تہ اسان ٽشو ميڪنگ ۽ ٽشو ڪلچر تي ريسرچ ڪريون. هن وقت جرمني جي هڪڙي ريسرچ انسٽيٽيوٽ سان گڏجي جنهن ۾ ٽنڊو ڄام يونيورسٽي شامل آهي، جتي ننڍين ننڍين جانورن جي ٽشو ميڪنگ تي ڪامياب تجربا ٿي چڪا آهن، جن کي هاڻي اسان تحقيق ۾ اڳتي وڌائڻ چاهيون ٿا جيڪا وقت جي ضرورت آهي. ان کان علاوه ذيابيطس جيڪو اسان جي معاشري جي مٿان هڪڙو بوجهہ آهي. 16-2017 ۾ قومي سطح تي ذيابيطس سروي ٿيو جيڪو ويهن سالن کانپوءِ ٿيو هو. اهو سروي فيڊرل گورنمينٽ، پي ايڇ آر سي، بقائي جو هيڊ باسط صاحب اسان سڀني گڏجي سڄي پاڪستان جو سروي پلان ٺاهيو جنهن ۾ 17 ٽيمون ٺهيون. ويهن سالن کان وڏي عمر وارا 26 سيڪڙو ماڻهو ذيابيطس جا مريض نڪتا. ويهن سالن کان مٿي 14 سيڪڙو ماڻهو بارڊر لائين تي آهن، جن کي ذيابيطس ٿيڻي آهي. 26 ۽ 14 کي ملائينداسين تہ 40 سيڪڙو ماڻهو ذيابيطس جو شڪار آهن. ضلعو ٿر ۽ بدين سروي جي لاءِ مون کي ڏنا ويا هئا، منهنجو خيال هو تہ اتي 10 کان 12 سيڪڙو ماڻهن ۾ اها بيماري هوندي، پر جڏهن ٿر جا انگ



Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

اکر ڏنم تہ آئون پريشان ٿي ويس تہ اتي بہ ساڳيو انگ اکر مليو، هاڻي ان تي ريسرچ هلي پئي. ذيابيطس جو پهريون سبب تہ جنيٽڪ آهي پر ان کان وڏيڪ زندگيءَ جو طور طريقو بہ آهي. سڄي دنيا هاڻي وري آرگينڪ فوڊ ڏانهن وڃي رهي آهي ۽ اسان بازاري کاڌن جو استعمال وڌائي رهيا آهيون. ڪافي ريسرچ ايچ اِي سي جي طرف کان فنڊيڊ هوندي آهي. پاڪستان ڪائونسل بہ اسان کي ريسرچ لاءِ فنڊ ڏيندي آهي. ڪافي ريسرچ اهڙي آهي جيڪا اسان يونيورسٽي جي پنهنجي فنڊ مان ڪندا آهيون. آئون پاڻ بہ بنيادي طور تي هڪ ريسرچر آهيان ۽ ريسرچ منهنجي ترجيح آهي.

**زاهده ابڙو: دنيا ۾ وڏين ميڊيڪل يونيورسٽين جون پنهنجون اسپتالون هونديون آهن ڇا سبب آهي جو توهان جي اسپتال اڃان تائين شروع نہ ٿي سگهي آهي.**

**ڊاڪٽر بيڪا رام:** اسان جي يونيورسٽي جي ڪابہ اسپتال ڪونهي سول اسپتال اسان سان الحاق ۾ آهي. سول اسپتال جي انتظاميہ اسان وٽ ناهي ان جو انتظام ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ۽ هيلٿ ڊپارٽمينٽ وٽ هوندو آهي. ان ۾ ڪيترائي مسئلا ٿين ٿا. جيڪڏهن انتظاميہ ساڳي هوندي تہ ان ۾ مسئلا گهٽ ٿيندا. اسان جي يونيورسٽي ڪوشش ڪئي هئي تہ اسان کي پنج سئو بسترن جي ڪا ريسرچ اسپتال ملي وڃي، جنهن ۾ مريضن کي سروس بہ فراهم ڪريون ۽ ريسرچ بہ ڪريون. ڪيترائي دفعا اها گهر ڪرڻ بعد بہ اسان جي گهر پوري نہ ڪئي وئي آهي. ان خواب کي پورو ڪرڻ جي لاءِ آئون ڊڪ ڊوڙ ڪريان پيو. ڪجهہ شيون يونيورسٽي پاڻمرادو بہ ڪيون آهن. جيئن ڊائيگنوسٽڪ ريسرچ ليب. اسان ايڊوانس ڊائيگنوسٽڪ سينٽر بہ ٺاهيو آهي، ان ۾ ايڪسري، سي ٽي اسڪين ۽ ايم آر آءِ ٿين ٿا. اهڙي طريقي سان اسان هڪڙو گيسٽرو جو يونٽ بہ ٺاهيو آهي. ڇو تہ اسان وٽ جگر ۽ پيٽ جون بيماريون تمام گهڻيون آهن، ان لاءِ اسان وٽ مريضن لاءِ وارڊ بہ آهي، جنهن ۾ اسان وٽ تمام نئين قسم جون مشينون موجود آهن. جنهن ۾ مريضن کي داخل ڪرڻ جي صلاحيت کي وڌايون پيا. اتي اسان مريضن جي اينڊو اسڪوپي ڪندا آهيون، جنهن ۾ تقريبن بہ هزار کان وڏيڪ مريضن جو اهو ٽيسٽ مفت ۾ ڪري چڪا آهيون، پر سچ اهو آهي تہ مفت ۾ اهو ٽيسٽ گهڻو وقت تائين يونيورسٽي برداشت ڪري ڪونہ سگهندي. اسان وٽ ريسرچ جو بجيٽ تہ هوندو آهي، پر مريضن جي دوا لاءِ بجيٽ ڪونہ هوندو آهي. هاڻي سوچون پيا تہ هڪڙو اهڙو پلان جوڙيون جو جيترو اسان جو خرچ اچي ٿو اهو خرچ مريضن کان چارج ڪريون جيڪو ٻاهر جي مقابلي ۾ وري بہ مريض کي سستو پوندو ۽ ان ريت اها سروس مستقل ڏيئي سگهنداسين. ڊينٽسٽري بہ اسان جو تمام هڪ بهترين ڊپارٽمينٽ آهي. سٽي ۾ اسان هڪ ايڊوانس ڊينٽل ليب کولي آهي. هاڻي ايگزيڪيوٽو ڪيلنڪون هلائڻ شروع ڪنداسين اهو پروجيڪٽ تيار آهي. جنهن ۾ بين الاقوامي ايس او پيز تي عمل ڪنداسين. هن ڊينٽل ليب ۾ مريض کي اها تسلي هوندي تہ هو جيڪڏهن هڪڙو علاج ڪرائڻ آيو آهي تہ يقينن ڪا ٻي بيماري ڪٽي ڪونہ ويندو. اهو ليب اسٽيٽ آف آرٽ سان ٺاهيو ويو آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر مقرر ڪري هفتن جي اندر فنڪشنل ڪيو ويندو. اهو سول هاسپيٽل جي پويان هڪ هاسٽل ۾ ٺاهيو ويو آهي ان کي اسان ايڊوانس ڊينٽل ليب ۾ تبديل ڪيو آهي. ان جي انتظاميہ مڪمل طور تي يونيورسٽي جي هٿ ۾ هوندي. ماڻهن کي وڏي سروس ملندي ۽ اسان کي تمام سٺي ڊيٽا ملندي رهندي. هن وقت اسان يونيورسٽي ۾ 350 شاگردن کي داخلا ڏيئي سگهون ٿا، پر اسان وٽ 700 پوسٽ گريجوئيٽ شاگرد موجود آهن. جنهن مان هر شاگرد کي ريسرچ ڪرڻ لازمي آهي، ان جا ڪجهہ مسئلا بہ آهن تہ هر شاگرد لاءِ هڪ سپروائيزر هجي جيڪو موجود آهي. P.G جا جيڪي بہ S.O.Ps آهن تن کي پورو ڪندي جڏهن 700 شاگرد ريسرچ ڪندا تہ ريسرچ کي هٿي ملندي.

> **منهنجي هڪ عادت آهي تہ ڪوبہ نئون ڪم ڪرڻ جو شوق هوندو آهي تہ اهو ڪري ڏسان تہ ان جو نتيجو ڇا ٿو نڪري. زندگي جي انهيءَ فلاسافي تي هلندي هلندي اڄ هتي پهتو آهيان**



**زاهده ابڙو: ڇا توهان وٽ گريجوئيٽ ۽ پوسٽ گريجوئيٽ سطح تي ڪواليفائيڊ استاد گهرج مطابق موجود آهن؟**

**ڊاڪٽر بيڪا رام:** اسان وٽ ڪلينيڪل فيلڊ ۾ سبجيڪٽ ان طرح ملائيندا آهيون هڪڙا هوندا آهن بيسڪ ٻيا هوندا آهن ڪلينيڪل. ايم بي بي ايس ڪرڻ کانپوءِ هر ڪو ڊاڪٽر ڪلينڪل ڏانهن وڏيڪ ويندو آهي. ڇو جو شام جو هو پريڪٽس ڪري ٿو. ان ڪري ڪلينيڪل فيڪلٽي تہ اسان وٽ گهرج کان وڏيڪ آهي، جيڪا پي ايم ڊي سي جي معيار کان بہ وڏيڪ آهي. بيسڪ سائنسز جي فيڪلٽي جو پوري پاڪستان ۾ مسئلو آهي. ان ۾ پريڪٽس نہ هوندي آهي، ان ۾ سيڪاريو ويندو آهي تہ گريجوئيٽ ۽ پوسٽ گريجوئيٽ شاگرد کي ڪيئن پڙهائڻو آهي، اهڙي ڊاڪٽر کي صرف پگهار ملندو آهي. مون هتي اچڻ کانپوءِ اهڙن فيڪلٽي ميمبرن کي وڏيڪ سهولتون ڏنيون آهن جيڪي بيسڪ سائنسز ۾ درخواست ڏين ٿا تہ جيئن يونيورسٽي جون گهرجون پوريون ٿي سگهن. اسان وٽ هن وقت ڊيمانسٽريٽر وڏيڪ آهن جيڪي گهڻو ڪري ايم فل تہ آهن پر اهي اسان جي گهربل معيار تائين نہ پهتا آهن. منهنجي اندازي مطابق پوري پاڪستان ۾ بيسڪ سائنسز فيڪلٽي ۾ 27000 ماڻهن جي گهٽتائي آهي، اهي انگ اکر ٽي چار سال پراڻا آهن جيڪي مون ڪٿي

پڙهيا هئا. ان جو حل اهو ئي آهي تہ اهڙن استادن کي وڏيڪ سهولتون ڏنيون وڃن تہ جيئن ان گهٽتائي کي پورو ڪري سگهجي. ايچ اِي سي جي معيار مطابق اسان وٽ فيڪلٽي ۾ وڌ کان وڌ پي ايچ ڊي هجڻ گهرجن پر ايناٽمي جي لاءِ هڪ پي ايچ ڊي پروفيسر موجود آهي، باقي ٻي فيڪلٽي ايم فل آهي. 2001-2002 ۾ اسان جي يونيورسٽي پبلڪ يونيورسٽي بڻجي وئي. ان وقت ۾ پي ايچ ڊي جو رجحان ئي ڪونہ هو. نئون سسٽم نهيو، ايچ اِي سي طرفان اسان جي يونيورسٽي مان ڪجهہ ڊاڪٽرن کي پي ايچ ڊي ڪرڻ لاءِ ٻاهر موڪليو ويو. ڪجهہ انهن مان واپس موٽي آيا، ڪجهہ اتي ئي رهي پيا، جيڪي واپس آيا انهن جي لاءِ اسان وٽ اهو انفرااسٽرڪچر موجود ڪونہ هو، دلبرداشتہ ٿي ڇڏي ويا، ڏهہ ٻارنهن اسان وٽ هينئر ڪم بہ ڪري رهيا آهن. جنرل يونيورسٽين جي مقابلي ۾ ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ پي ايچ ڊي جو رجحان گهٽ آهي، ائين سمجهو تہ نئين ڳالهہ آهي. هڪڙو پي ايچ ڊي پيدا ڪرڻ ۾ پنج کان ڇهہ سال لڳن ٿا. ٻي ڳالهہ تہ جڏهن اسان وٽ پي ايچ ڊي سپروائيزر هوندا تڏهن اسان شاگرد ڪڻنداسين. ٻي منهنجي ريزرويشن اها آهي تہ جنرل ۽ ميڊيڪل يونيورسٽين جا ايس او پيز ٿورا مختلف آهن. اسان جو مٽيريل ميٿڊ ليبارٽري ۾ ڪيميڪل ڪونهي اسان وٽ مريض هوندو آهي. ان ڪري اسان کي قومي سطح تي سيني ميڊيڪل يونيورسٽين کي گڏجي پنهنجي حساب سان ميڊيڪل يونيورسٽين جي گهرج مطابق سسٽم ناهڻ گهرجي. اسان هن وقت بہ جنرل يونيورسٽين واري ايس او پيز ۾ ڪم ڪري رهيا آهيون. ڪڏهن اسان جا ڪورس Recognize ٿين ٿا ڪڏهن نٿا ٿين. اسان جو ڪو ڊاڪٽر نمائندو ايچ اِي سي ۾ هجي تہ اهو ميڊيڪل يونيورسٽين جي باري ۾ وڏيڪ صحيح فيصلا ڪري سگهي ٿو.

**زاهده ابڙو: يونيورسٽين جا پروفيسر پبلڪ يونيورسٽي ۾ ڪم ڪرڻ بجاءِ پرائيويٽ سيڪٽر ۾ ڪم ڪرڻ کي ترجيح ڇو ٿا ڏين.**

**ڊاڪٽر بيڪا رام:** بيسڪ سائنسز ۾ جتي گهٽتائي هوندي اتي پروفيسرن کي وڏيڪ آڇ بہ هوندي آهي. جيئن ايچ اِي سي چوي ٿي تہ پي ايچ ڊي ڪانسواءِ 21 هين گريڊ ۾ ڪنهن کي نہ ڪڍو ۽ ايم فل واري کي وڌ ۾ وڌ 20 هين گريڊ تائين ڪڍي وڃو. ڪجهہ يونيورسٽين ايم فل وارن کي 21 هون گريڊ ڏيئي ڇڏيو. ان ڪري اسان جا ٽي چار بيسڪ سائنسز جا پروفيسر اسان کي ڇڏي هليا ويا. ٻيو تہ بيسڪ سائنسز جا پروفيسر پرائيويٽ سيڪٽر ۾ 7 کان 8 لک رپيا پگهار کڻن ٿا. اسان وٽ تہ 20 هين کان 21 هين گريڊ ۾ بہ پگهار ايتري پرڪشش نہ آهي. انهن سيني ڳالهين جي باوجود بہ ڪجهہ ڊاڪٽرز پبلڪ يونيورسٽي ۾ ئي ڪم ڪرڻ پسند ڪن ٿا. مان سمجهان ٿو تہ اهو مسئلو پوري پاڪستان ۾ سيني ميڊيڪل يونيورسٽين ۾ هوندو. اسان وٽ جيڪڏهن پنهنجي اسپتال هجي ها تہ پوءِ شايد اسان چئي سگهون ها تہ اسان انهن کي پگهار وڌائي ڏينداسين. جيئن ڊائو ميڊيڪل وارن جي پنهنجي اسپتال آهي ۽ اتي ڊاڪٽرن جو پئڪيج بہ بهتر آهي. ميڊيڪل يونيورسٽين جون بہ ٻيڙيون هونديون آهن هڪڙي آهي پي ايم ڊي سي هڪڙي آهي ايچ اِي سي. ٻنهي جا معيار ڌار آهن. خانگي يونيورسٽيون پي ايم ڊي سي مطابق هلن ٿيون. اسان جي مجبوري آهي تہ اسان کي ايچ اِي سي جي پٺيان هلڻو آهي. جنهن ۾ ايچ اِي سي چاهي ٿي تہ مٿئين درجي جي ريسرچ ٿئي جيڪا غلط ڳالهہ تہ نہ آهي ۽ اها اسان جي ملڪ جي ضرورت بہ آهي، پر پي ايم ڊي سي ۾ وڃي ماڻهو شارٽ ڪٽ ڪن ٿا. ٻيو تہ پرائيويٽ سيڪٽر ۾ شاگردن جي في 11/12 لک آهي جيڪا تمام گهڻي آهي. اسان 47000 تي شاگرد کي داخلا ٿا ڏيون. ان ڪري اسان وٽ ايترو بجيٽ نہ هوندو آهي جو اسان فيڪلٽي کي گهڻيون پگهارون ڏيئي سگهون. اسان زباني، لکت ۽ گڏجاڻين ۾ انهن سيني مسئلن کي نمايان ڪندا رهندا آهيون. مسئلو پئسي جو آهي ان ڪري انهن سيني شين کي نيڪ ٿيندي ٿورو وقت لڳندو. باقي خانگي يونيورسٽين وٽ پنهنجو پئسو آهي پاڻ ڪمائين ٿا ۽ پاڻ خرچ ڪن ٿا.

**زاهده ابڙو: هن وقت يونيورسٽي ۾ ڪهڙا ڪاليج ۽ ڊپارٽمينٽ آهن ۽ مختلف شعبن ۾ تقرريون ڪيئن ٿينديون آهن؟**

**اسان جي فيڪلٽي ۾ ڪجهہ ماڻهو اهڙا آهن جيڪي يوڪي مان پي ايچ ڊي ڪري آيا آهن. اسان جو هاڻي ارادو آهي تہ اسان ٽشو ميڪنگ ۽ ٽشو ڪلچر تي ريسرچ ڪريون.**

**ڊاڪٽر بيڪا رام:** هن وقت اسان وٽ ايم بي بي ايس، بي ڊي ايس، اسڪول آف ٽيڪنالاجسٽ، فزيو ٿراپي، ڪاليج آف فارميسي، اسڪول آف نرسنگ، انسٽيٽيوٽ آف بايو ميڊيڪل انجنيئرنگ، پبلڪ هيلٿ ڊپارٽمينٽ. ان کان علاوه بلاول ميڊيڪل ڪاليج آهي جيڪو جلدي ڪم ڪرڻ شروع ڪندو. ان کان علاوه انهن سيني ادارن ۾ پوسٽ گريجوئيشن بہ ٿئي ٿي. ڪجهہ تقرريون چانسلر ڪندو آهي، جنهن ۾ وائيس چانسلر، پرو وائيس چانسلر، ڊائريڪٽر فنانس شامل آهن. منهنجي خيال ۾ تہ ايڪٽ ۾ تبديلي اچڻ سان هاڻي سي ايم صاحب اهي تقرريون ڪندو. ايچ اِي سي جي طرفان سيني جا ايس او پيز ٺهيل آهن، جن جي تحت منتظمين جي چونڊ سينڊيڪيٽ هٿان ٿيندي آهي. جنهن ۾ ڊائريڪٽر، پرنسپال، پوسٽن جي ايڊورٽائيز ٿيندي آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن وقت جي گهٽتائي جي ڪري وائيس چانسلر کي اهو اختيار آهي تہ هو ڪا تقرري ڪري ڇڏيندو آهي ۽ پوءِ ان کي سينڊيڪيٽ مان منظور ڪرائيندو آهي.

**زاهده ابڙو: ڇا سنڌ گورنمينٽ ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ مداخلت ڪندي آهي؟**

**ڊاڪٽر بيڪا رام:** ان قسم جو پريشر وائيس چانسلر جي رويي تي منحصر آهي، جيڪڏهن هو ڪرسي بچائڻ جي ڪوشش ۾ هوندو تہ ان جي مٿان پريشر تہ ايندو، پر جيڪڏهن هو هن ڪرسي تي ويهي اهو سوچيندو تہ آئون پنهنجو فرض پورو ڪري رهيو آهيان تہ پوءِ اهڙي صورتحال پيدا ڪونہ ٿيندي. مون گذريل سال 30 آڪٽوبر تي چارج ورتي. مون ان ڏينهن اهو فيصلو ڪيو هو تہ سڀ ڪم ميرٽ تي ڪندس ۽ "نہ" چوڻ سکندس. جيئن تہ آئون عوامي ماڻهو آهيان ۽ مون "نہ" ڪئي. جيئن وي. سي ٿيس تہ ڪافي ماڻهن جون اميدون لڳل هيون. ماڻهو ڪم ڪار لاءِ ايندا هئا انهن کي سمجهائيندو هئس، ڪجهہ سمجهي ويا، ڪجهہ ڪاوڙجي ويا، پر ان جو پيغام ماڻهن تائين ڏاڍو زبردست پهتو تہ هي ماڻهو ڪوبہ غير قانوني ڪم نہ ڪندو. ان جو اثر اهو ٿيو جو مٿان کان جڏهن ڪا فون ايندي آهي تہ حڪم ڪونہ هوندو آهي پر چيو ويندو آهي تہ هي ڪم ڏسجو ٿي سگهي ٿو، آئون اهو ڪم ڪريان يا نہ ڪريان فيڊ بيڪ ضرور ڏيندو آهيان.

**زاهده ابڙو: گذريل ڏينهن ۾ لمس جا ڪجهہ اندروني مسئلا ميڊيا تي نمايان ٿي رهيا هئا، ان جو ڇا سبب هو؟**

**ڊاڪٽر بيڪا رام:** هيءَ هيڏي وڏي يونيورسٽي آهي جتي 3500 شاگرد، 500 کن فيڪلٽي، چوڏهن پندرهن سئو ٻيا ايمپلائيز هجن، مسئلا تہ ٿيندا رهندا بلڪہ هر يونيورسٽي ۾ ٿيندا رهندا آهن. اسان ڊاڪٽر آهيون

اسان کي قانون جي خبر ڪانهي، اسان کي رڳو شاگرد پڙهائڻ ۽ مريض ڏسڻ اچي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن انتظاميہ ۽ فيڪلٽي جي وچ ۾ غلط فهميون بہ ٿي وينديون آهن. اسان جي فيڪلٽي ۾ سڀئي ڊاڪٽر سياڻا آهن، وڏ ۾ وڏ احتجاج ڪري ڪاري پٽي ٻڌن ٿا. ٻي ڳالهہ اها آهي تہ آئون ٻاهريون ماڻهو نہ آهيان اندريون ماڻهو آهيان ۽ هر ڪو مون سان حجت ڪري ٿو، پر هر ڪنهن جي حجت آئون پوري نٿو ڪري سگهان.

**زاهده ابڙو: شاگردن لاءِ اسڪالرشپ جا ڪهڙا پروگرام آهن؟**

**ڊاڪٽر بيڪا رام:** اسان وٽ ايڇ اِي سي جي اسڪالرشپ آهي. ان کان علاوه لوڪل بہ آهي. ڪجهہ ادارا بہ اسان کي اسڪالرشپ ڏيندا آهن، سنڌ گورنمينٽ جي بہ اسڪالرشپ آهي. ڪڏهن ڪڏهن اسان کي ضرورتمند شاگردن لاءِ زڪوات مان پئسا ملندا آهن، مقرر ڪيل ايس او پيز تي ڪميٽيون شاگردن کي اسڪالر شپ ايوارڊ ڪنديون آهن، پر غريب هجڻ جي ڪري ڪوبہ شاگرد هتي پنهنجي پڙهائي مڪمل ڪرڻ کان رهجي ناهي ويندو.

**زاهده ابڙو: ڪميونٽي سروس جي لاءِ توهان وٽ ڪهڙا پروگرام آهن؟**

**ڊاڪٽر بيڪا رام:** مون تہ اچڻ ڪانپوءِ اهو سوچو هو تہ يونيورسٽي کي آئون يونيورسٽي تڏهن مڃيندس جڏهن اها هر ڳوٺ ۾ نظر اچي. اسان سجاڳي جا پروگرام ڪندا آهيون، ان کان علاوه اسڪريننگ جا پروگرام ڪندا آهيون، واٽر ٽيسٽ ڪندا آهيون. ڪميونٽي ۽ پبلڪ هيلٿ اسان جو پورو ڊپارٽمينٽ آهي جيڪو مختلف پروگرام ڪرائيندو رهندو آهي. ان کان علاوه جيڪي اسان جا پوسٽ گريجوئيٽ شاگرد آهن جيڪو جنهن علائقي جو آهي ان کي اسان ريسرچ جو ٽائيٽل اهڙو ڏيندا آهيون جيڪو ڪميونٽي بيسڊ هجي ۽ اهو اتي ڪم ڪري. ان کان علاوه فري ڪئمپون لڳائيندا آهيون، جيئن فري سرجيڪل ڪئمپ، آءِ ڪئمپ، گائني ڪئمپ، فري ميڊيڪل ۽ ڊينٽسٽري جون ڪئمپون. اسڪولن ۾ شاگردن کي صحت جي بنيادي معلومات جي لاءِ پروگرام هلايا ويندا آهن.

**زاهده ابڙو: هن وقت عورتن ۾ بريسٽ ڪينسر تمام تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي ۽ ضلعي سطح تي ان جي لاءِ ٽيسٽنگ ۽ اسڪريننگ جي سهولت موجود ڪونهي.**

**ڊاڪٽر بيڪا رام:** اسان وٽ بريسٽ ڪينسر لاءِ پي ايڇ ڊي فيڪلٽي آهي. ان کان علاوه ڪلينيڪل فيڪلٽي بہ آهي. بريسٽ ڪينسر تي تمام گهڻي ريسرچ بہ ٿي آهي. اسان پاڻ بہ اسڪريننگ ڪندا آهيون ۽ نمرا اسان جي پر ۾ آهي، جنهن سان گڏجي اسان ڪم ڪري رهيا آهيون. باقي ضلعي سطح تي توهان جي ڳالهہ صحيح آهي تہ ان قسم جون سهولتون هجڻ گهرجن پر اسان يونيورسٽي آهيون اهو سڄو فيصلا سازي جو ڪم هيلٿ ڊپارٽمينٽ کي ڪرڻو آهي. جيڪڏهن اهڙيون سهولتون هر ضلعي تي ڏنيون ويون تہ اسان هيلٿ ڊپارٽمينٽ سان پورو پورو سهڪار ڪنداسين.

**زاهده ابڙو: ڇا توهان سنڌ جي ماڻهن کي مليل طبي سهولتن کان مطمئن آهيو يا توهان ڪو خاص هيلٿ ماڊل اختيار ڪرڻ جي صلاح ڏيندا.**

**ڊاڪٽر بيڪا رام:** سنڌ ۾ صحت تي حڪومت خرچ بہ ڪري ٿي. پوري دنيا ۾ بيسڪ هيلٿ يونٽ ٺاهيا ويندا آهن جيڪي اتان جي ڪميونٽي جي هر ماڻهو جي هر بيماري جي ويڪسينيشن رجسٽر ڪندا آهن. جنهن سان بچاءُ ٿي ويندو آهي. جنهن ڪانپوءِ سيڪنڊري ۽ ٽرشري ليول تي وزن گهٽجي ويندو آهي. ڏورانهن علائقن ۾ جيڪي B.H.Us آهن، انهن ۾ بہ ان طريقي سان ڪم نٿو پيو ٿئي تہ هر ماءُ جي ڪائونسلنگ ڪرڻي آهي، هر مريض جي ڪائونسلنگ ڪرڻي آهي، ان جي ويڪسينيشن ڪرڻي آهي. ان ۾ ٻنهي طرفن کان گيپ آهي نہ عوام ان جي اهميت کي سمجهي ٿو. T.H.Q ۽ تعلقہ سطح تي ان کي مضبوط ڪرڻ ۽ وڏ کان وڏ سهولتون ڏيڻ جي ضرورت آهي. هن وقت حڪومت نيڪ ٺاڪ نموني سان ان تي ڪم بہ ڪري رهي آهي. اين آءِ وي سي ڊي جون اسپتالون بہ ٺهيون آهن. منهنجي پلاننگ آهي تہ آئون پنهنجي ٽيڪ ڊسٽرڪٽ ۾ ڪهڙيون سهولتون ڏيئي سگهان ٿو. ٽيڪ ڊسٽرڪٽ جو مطلب آهي جنهن ضلعي مان ٻارن جي داخلا ٿئي ٿي. منهنجو نظريو آهي تہ ٿر ۾ جيڪڏهن ميڊيڪل ڪاليج هوندو تہ اتي ٿر جي ماڻهن جو سٺي نموني سان بچاءُ ۽ علاج ٿي ويندو. لاڙڪاڻي کان ڄامشوري تائين وچ ۾ ڪا بہ ٽرشري ڪيئر هاسپيٽل ڪونهي. شڪر آهي عبدالله شاهہ انسٽيٽيوٽ آهي. منهنجو خيال هو تہ اتي اسان جو لمس جو ڪئمپس هجڻ گهرجي. مٺي ۾ لمس جو ڪئمپس هجڻ گهرجي، عمرڪوٽ پري آهي اتي بہ لمس جو ڪئمپس هجڻ کپي. جيترو ميڊيڪل ايڊيوڪيشن ۽ ڪاليج کي معياري هلايو ويندو، جن جا ايس او پيز ٺهيل هجن ۽ انهن تي ڪو ڪمپرومائيز نہ ٿئي تہ پوءِ اسان جي ماڻهن جو ٽائيم بہ بچي پوندو. اتي ٽرشري ٽريٽمينٽ بہ مهيا هوندي. ڇو تہ اتي ٽيچنگ اسٽاف، ڊاڪٽر ۽ ٽيڪنيشن بہ هوندا.

**زاهده ابڙو: توهان جو ايف ايم ريڊيو اها سروس نہ ڏيئي رهيو آهي جيڪا وقت جي ضرورت آهي.**

**ڊاڪٽر بيڪا رام:** مون مختلف ٽي وي چئنلن تي پروگرام ڪيا آهن ۽ 101 ۽ 105 تي بہ ڪم ڪيو آهي، پر جڏهن گهر ايندو هئس تہ گهر وارن کان پڇندو هئس تہ هنن پروگرام ٻڌو جنهن تي گهر وارن جو جواب هوندو هو تہ آئون بيمارين کان ڊيڄاريان ٿو ان ڪري هنن پروگرام ئي ڪونہ ٻڌو. ان ڪري پبلڪ کي ٿوري تفريح بہ فراهم ڪندا آهيون ۽ ان سان گڏوگڏ معلومات بہ فراهم ڪندا آهيون.

**زاهده ابڙو: عام ماڻهن کي صحت جي لاءِ ڪهڙو پيغام ڏيندا؟**

**ڊاڪٽر بيڪا رام:** جيڪو بہ ماڻهو دنيا ۾ آيو آهي ان جا پنهنجا حق آهن. جنهن ۾ سڀ کان پهريون حق هن جي پنهنجي صحت آهي. صحتياب هوندو تہ ڪم ڪري سگهندو ۽ ٻيا حق وٺي سگهندو. پنهنجي ڪم بہ ايندو ۽ معاشري جي ڪم بہ ايندو. صحت جي لاءِ ڪڏهن بہ اهو انتظار نہ ڪجي تہ آئون بيمار ٿيندس تہ پوءِ علاج ڪرائيندس تہ پوءِ مفت وارا ڪارڊ استعمال ڪندس، انشورنس مان فائدا وٺندس. ڪجهہ بيمارين کان بچاءُ جا ٽڪا بہ موجود آهن اهي لڳائڻ گهرجن، ڪجهہ حڪومت فراهم ڪري ٿي ۽ ڪجهہ توهان پاڻ خريد ڪري بہ پاڻ کي بيمارين کان بچائي سگهو ٿا. جيڪو کاڌو اسان کائون ٿا ان کي 32 فوٽ جي آنڊي ۾ سفر ڪرڻو هوندو آهي. ان ۾ صرف زبان جو ڏيڍ انچ آهي جيڪو ان جو مزو وٺي ٿي. ان ڏيڍ انچ کي خوش ڪرڻ لاءِ توهان اهڙا کاڌا نہ کائو جيڪي اوهان کي بيمار ڪن. سادو کائو، صاف کائو، پنهنجي صحت کي ٺيڪ رکندو تہ توهان صحتمند زندگي گذاري سگهندا، جيئڻ جو مزو حاصل ڪري سگهندا. ٻي ڳالهہ تہ ڏينهن ڪم لاءِ هوندو آهي رات سمهڻ لاءِ هوندي آهي، پر افسوس تہ هتي ماڻهو ان جي ابتڙ هلن ٿا. جيڪي ماڻهو رات جو دير تائين جاڳن ٿا سائنس ان ڳالهہ کي ثابت ڪيو آهي تہ انهن جي زندگي گهٽجي ٿي وڃي. پنهنجي زندگي کي ڊگهو ڪرڻو آهي تہ جلدي اٿي ڪم ڪريو ۽ رات جو سوير سمهو ۽ جيڪا صحت جي ڄاڻ توهان کي آهي ان کي ٻين تائين پکيڙيو.





# آن لائين مهمان وِٽ ارم

## زيب سنڌي

ارم محبوب

**ارم: زندگي؟**
**زيب:** هڪ پيرو ئي ملي ٿي، جنهن کي مقصد کانسواءِ نہ گذارڻ گُهرجي. مقصد کانسواءِ گذاريل زندگي بي معنيٰ آهي.
**ارم: خوشي؟**
**زيب:** هڪ اڻ ملهہ احساس. خوشيءَ کي فقط پاڻ تائين محدود نہ رکڻ گُهرجي، پر اها ورهائڻ گُهرجي، پکيڙڻ کپي. ٻين جي خوشين لاءِ پاڻ پتوڙڻ سان ئي اصل خوشيءَ جو احساس ماڻي سگهجي ٿو.
**ارم: ڏک؟**
**زيب:** بنا ڪنهن شڪ جي ڏک ۽ سُک هڪ ئي سڪي جا ٻہ پاسا آهن. انسان جي اندر جي طاقت ڏک کي سُک ۾ بدلائي سگهي ٿي. ڏک کي محسوس ڪرڻ کانسواءِ تہ سُکَ جو احساس ماڻي ئي نٿو سگهجي. تڏهن ئي تہ ڀٽائي سائين چيو آهي: ”ڏُکَ سُکن جي سونهن، گهوريا سُکَ ڏُکن ريءَ.“
**ارم: خواب؟**
**زيب:** انسان جي لاشعور جو ترجمان، جنهن منجهان شعور جون ڏارائون بہ نڪرن ٿيون. مون ڪڏهن ڪٿي لکيو هو: ”خوابن کانسواءِ زندگي ڇڻ موت جي محبوبا آهي.“ خواب انسان جي زندگيءَ جو اهم حصو آهن، جيڪو ماڻهو مشڪل حالتن ۾ بہ خوبصورت خواب ڏسي سگهي ٿو، اهو انهن خوابن جي ساڀيان ماڻڻ جي صلاحيت بہ رکي ٿو. حوصلي ۽ همت سان خوابن کي حقيقت جو روپ ڏئي سگهجي ٿو.
**ارم: اطمينان؟**
**زيب:** ذهن ۽ ضمير جو مطمئن هجڻ.
**ارم: فيس بُڪ؟**
**زيب:** فيس بُڪ جي حوالي سان مون ڪالمَ بہ لکيا آهن تہ اسٽيٽس بہ. فيس بڪ تي هڪ اسٽيٽس ۾ مون لکيو هو: ”فيس بڪ هر شخص جي اهڙي آتم ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ڪهاڻي گهٽ ۽ تصويرون وڌيڪ آهن!“ فيس بڪ يا سوشل ميڊيا ايڪيهين صديءَ جو سڀ کان وڏو انقلاب آهي. فيس بڪ جي ڪري تہ مصر ۾ انقلاب بہ آيو. بيشڪ اسان وٽ فيس بڪ جو ڪجهہ مثبت استعمال بہ ٿيو آهي، پر مجموعي طور تي اسان فيس کي ”ٽائيم پاس گيم“ بڻائي ڇڏيو آهي!
**ارم: اسان جو اليڪٽرانڪ ميڊيا ڪوڙ چئنل هئڻ باوجود اڃان تائين گهربل معيار تائين رسي نہ سگهيو آهي سبب؟**
**زيب:** اليڪٽرانڪ ميڊيا هڪ ڪاروبار آهي، جنهن جي معيار لاءِ وڌيڪ سيڙپ جي ضرورت آهي، پر سنڌي چئنل پنهنجي ايڪيوپمينٽ توڙي ٽئلينٽ تي وڌيڪ خرچ ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوندا تہ معيار ڪيئن وڌندو! سنڌي چئنل، پنهنجي معيار سبب نہ، پر سنڌي ماڻهن جي پنهنجي ٻوليءَ سان فطري محبت سبب ئي فائدي ۾ آهن.
**ارم: اسان جي سياست؟**
**زيب:** جنهن ۾ اصولَ، اقتدار جي حاصلات اڳيان بي معنيٰ هوندا آهن!
**ارم: مذهب؟**
**زيب:** سڀ کان وڏي پناهہ گاهہ، جنهن کان مان ڪڏهن بہ انڪار نٿو ڪري سگهان.
**ارم: ڪو پڇتاءُ؟**
**زيب:** بابا پوليس انسپيڪٽر هو، پر روزگار جو ٻيو ڪو وسيلو نہ هجڻ باوجود، انيتاليهن سالن جي عمر ۾ نوڪري ڇڏي ڏنائين، جو هن مٿئين ڪمائيءَ کي حرام ٿي سمجهيو. بابا سخت مشڪل مالي حالتن سان مُنهن ڏنو. تڏهن مان ننڍو هئس، پر بابا انهن مشڪل حالتن ۾ بہ منهنجا سڀ انگل پورا ڪيا. بابا جو اهو ڏکيو وقت تہ ايئن گذري ويو ۽ پوءِ وري مون کي زندگيءَ ۾ مشڪل حالتن سان مُنهن ڏيڻو پيو. هڪ ڏينهن بابا جي پيرن کي زور ڏيندي چيم: ”ٻئي صاحب بيشمار ماڻهن کي نوازيو هو. جيڪڏهن توهان هن کان ڪو فائدو حاصل ڪريو ها تہ پاڻ وٽ بہ گهڻو ڪجهہ هجي ها.“ منهنجي ڳالهہ ٻُڌي بابا وراڻيو هو: ”مان ڏاڍي سڪون جي ننڊ ڪري سگهندو آهيان، جو منهنجو ضمير مطمئن آهي. زندگيءَ ۾ نہ مون پاڻ حرام جو گرهہ کاڌو آهي ۽ نہ ئي توکي کارايو اٿم. اڄ مون سان واعدو ڪر تہ، نہ ڪڏهن پاڻ حرام ڪائيندين ۽ نہ پنهنجي اولاد کي کارائيندين.“ مون بابا جي پيرن تي هَٿَ رکي ساڻس اهڙو واعدو ڪيو هو ۽ انهيءَ کي نڀايم. زندگيءَ جي ٻين مامرن ۾ بہ مان بابا سائينءَ جي ڏسيل راهہ تي هلڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهيان، مون کي ڪوبہ خاص قسم جو پڇتاءُ ڪڏهن بہ ناهي ٿيو.
**ارم: اسان جا نوجوان؟**
**زيب:** اسان جا نوجوان ذهين بہ آهن ۽ باصلاحيت بہ. اهو ئي سبب آهي تہ ڪي نوجوان پنهنجي همت سان نيون منزلون ماڻي وڃن ٿا تہ ڪي وري اقربا پروريءَ جو شڪار بڻجي پوئتي رهجي، مايوسين جو شڪار ٿي وڃن ٿا.
**ارم: منزل جي حاصلات لاءِ ٽئلينٽ ضروري آهي يا شارٽ ڪٽ؟**
**زيب:** سماجي سطح تي تہ اسان وٽ شارٽ ڪٽ عروج تي پهتل آهي، باقي ادب ۽ آرٽ جي دنيا ۾ شارٽ ڪٽ وسيلي وقتي طور تي تہ ماڻهو شهرتن جي بلندين تي پهچي ٿو وڃي، پر پوءِ انهن بلندين تان ٻولائيون کائيندي ڦهڪو ڪرڻ ئي سندس قسمت ۾ لکيل هوندو آهي. واريءَ جي بُتن کي تہ پور پور ٿي وکرجڻو ئي هوندو آهي.
**ارم: جيڪر توهان جون ڪي ٻہ ٻہ خواهشون پوريون ٿيڻ ممڪن هجن تہ اهي ڪهڙيون هونديون؟**
**زيب:** مان سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي زندگيءَ ۾ قومي ٻوليءَ جو درجو ملندي ڏسڻ چاهيان ٿو، سنڌ جي تهذيبي ورثي کي محفوظ ۽ سنڌ کي سُکيو ستابو ڏسڻ گهران ٿو.
**ارم: اسان جو زيب سنڌي جيڪڏهن اديب ۽ براڊڪاسٽر نہ هجي ها تہ پوءِ؟**
**زيب:** تہ پوءِ مان صحافي ٿيڻ ئي پسند ڪريان ها، ڇو تہ قلم سان منهنجو تعلق تہ شايد منهنجي تقدير ۾ ئي لکيو ويو هو.

اڌ صديءَ جون يادگيريون


# منير احمد چنا جون ”ڳالهيون پيٽ ورن ۾“

گل محمد عمراڻي

1968ع واري سنڌ يونيورسٽي اڄڪلهه واري ماڊرن يونيورسٽي کان تمام گهڻي مختلف ۽ منفرد هئي ڇاڪاڻ ته ان ۾ منير احمد چنا جهڙا سيبتا، سنجيده ۽ ڏاها جاکوڙي شخص اسان جهڙن سادڙن ڪتابي ڏڏن ۽ گهڻ عقلمندن جي رهنمائي ڪندا رهندا هئا. منير احمد چنا جو هيءُ يادگار ڪتاب هاڻ خير سان ٻئي ايڊيشن ۾ پڌرو ٿي سوانحي ادب (Biographical literature) ۾ هاڻي به سرفهرست آهي. ڇاڪاڻ ته هن ڪتاب جي وسعت نظر ۽ همه گيريت، گهرائي ۽ گيرائي سندس مضمونن جي اپٽار مان ئي ظاهر آهي. ڪتاب جي حصي پهرئين تي سرسري نگاهه وجهي ڏسڻ سان هڪ عام پڙهندڙ کي ڪنهن وڏي قاموس (encyclopedia) جو ڏيک ڏئي ٿو. هيءُ حصو منير احمد چنا جي سياسي ساروڻين تي ٻڌل آهي ۽ سندسSub headings حيران ڪندڙ وٿون آهن: شيخ مجيب الرحمان جي لاهور ۾ آمد ۽ ون يونٽ تحريڪ ۾ دادو جو ڪردار، ڍاڪا ۽ عوامي ليگ پارٽي جون ڪجهه ساروڻيون، دادو کان لاهور (مارچ 1959- ڊسمبر 1970)، دادو کان دهلي، ان کان اڳ دادو کان ڍاڪا جو تاريخي سفر (26 ڊسمبر 1970)، ون يونٽ ٽوڙڻ واري تحريڪ ۽ سنڌ يونيورسٽي جو احوال، 4 مارچ 1967 هڪ تاريخ، هڪ تحريڪ. مطلب ته هتي تمام گهڻي تاريخي عميق معلومات اهڙي ته رواني ۽ تفصيل سان ڏنل آهي جو پڙهندڙ کي مصنف جي ياداشت ۽ قابل رشڪ ذهني اورچائي تي نه فقط حيرت ٿئي ٿي بلڪ بيحد خوشي به ٿئي ٿي. چنا صاحب سان منهنجو پورو ۽ ڀرپور تعارف منهنجي پياري دوست مرحوم دريا خان ڏاهري ڪرايو هو پر پوءِ ان کي وڏيڪ گهرو ۽ گهاٽو سائين محمد شاهه سيتا واري ڪيو جنهن جي ڳوٺ اڪثر سياري جون موڪلون گذارڻ ويندو هئس. هو ٻئي منهنجا انگريزي ڊپارٽمينٽ جا هم ڪلاسي هئا ۽ انهن گڏ محترم نثار علي چنا (فزڪس) ۽ سائين نظير احمد شيخ (جاگرافي) به شريڪ مجلس هوندا هئا. حصو ٻيون به اهڙو ئي معلومات ڏيندڙ ۽ لطف سان ڀريل احوالن سان سينگاريل آهي. سنڌ جي سيد اعظم جي. ايم سيد، قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو، پير پاڳاري ۽ شيخ مجيب الرحمان کان وٺي ويجهن دوستن جو ذڪر هڪ غير روايتي ۽ بيباڪاڻي انداز ۾ ڪيل آهي جيڪو چنا صاحب جي شخصيت جو حصو آهي. ليکڪ پاڻ به انهيءَ ذميواري کان خوب واقف آهي ته ”لکڻ ڪو سولو ڪم ته نه آهي“ ۽ سندس خيال ۾ لکڻ لاءِ شيخ عبدالمجيد سنڌي جهڙي ايمانداري، راشدي برادران ۽ لوڪرام ڏوڏيجا جهڙي ذهانت، رئيس ڪريم بخش نظاماڻي جهڙي سچائي ۽ علي احمد بروهي جهڙي ذات ڏٺي جي قلم جي ضرورت آهي. بقول مصنف جي هي ڪتاب هن بنا ڪنهن ڊائري ڏسڻ، خطن پڙهڻ جي، بلڪ ڪجهه يادن تي ٻڌل لکيو آهي. مان ته ائين چوندس ته اهڙو Photographic جناتي حافظو لکن ۾ ڪنهن هڪ انسان کي نصيب ٿيندو هوندو. ڪتاب جو سٽاءُ، ترتيب ۽ انداز به پنهنجو مٽ پاڻ آهن جو هزارين ڳالهيون، هزار داستان، بي انتها فرد، تاريخي ڪردار اکين جي اڳيان ائين هلن ٿا ڄڻ ڪنهن ڪلاسيڪي سئنيما اسڪوپ فلم ۾ ويس ڌاري آيا هجن. منير احمد کي تمام گهڻي جس هجي ۽ هو گهڻو ڪجهه دستاويزي مواد هن 418 صفحن جي ڪتاب ۾ ڏئي ويو آهي جنهن جي جديد سنڌ تي تحقيق ڪندڙن کي اڳتي هلي شديد ضرورت پوندي. اخبارن ۽ رسالن ۾ ايترو احوال هڪ هنڌ ملڻ نه فقط محال آهي پر ان ۾ وڏو جهول ۽ عدم تسلسل پڻ آهي. ڪي ڳالهيون چنا صاحب رواني (اها پرزور رواني سندس فطرت ۽ مزاج جو حصو آهي) ۾ اهڙي طرح بيان ٿو ڪري جيڪي 40/50 سال پراڻيون هجڻ جي باوجود اڄ به بلڪل تز ۽ سچيون آهن. 1969 جي هڪ واقعي کي ورجائيندي ٻڌائي ٿو ته ”هڪ خاص ڳالهه جيڪا مون لاهور ۾ ڏٺي سا هيءَ هئي ته اتي جو هر ماڻهو پنجابي ٻوليءَ ۾ ڳالهائي رهيو هو، پر انهن کي ڪير به ائين چوڻ وارو نه هو ته دوستو اردو ملڪ جي قومي ۽ سرڪاري ٻولي آهي. اردو نه ڳالهائڻ سان پاڪستان ۽ اسلام کي خطرو ٿي پوندو!“

منير چنا ڪٿي ڪٿي تلخ تاريخي حقيقتون بيان ڪندي ڏکوئجي وڃي ٿو ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چئي ٿو ته پاڪستان ٺهڻ بعد هڪدم نوان ماڻهو جيڪي غير متوقع هئا تن اصل ماڻهن يعني پاڪستان جي باني جو پٽ سان منهن لڳايو. سنڌ جي پاڪستان ۾ شموليت جي پهرين قرارداد پاس ڪندڙ سنڌ جي سربراهه جي. ايم سيد کي ناراضين ۽ ناميدين پاسيرو رکيو. پاڪستان جو نالو تجويز ڪندڙ چوڌري رحمت علي به هڪدم وڃي لنڊن پناهه ورتي. هتي ون يونٽ ٺاهي هڪ قوم، هڪ ملڪ جو شوشو هٿي خاص ڪري پنهنجي ٻولي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائيندڙن ۽ صدين کان قائم قومن بنگالين ۽ سنڌين کي پنهنجي ٻولي نه لکڻ ۽ نه پڙهڻ ۽ بيهوده نموني ڏنڊو ڏيکاري هيسائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. 1958ع ۾ ايوب خان جي مارشل لا دوران ڊپٽي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جنرل ٽڪا خان مئي جي مهيني (1959) سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو شهر (حقيقت ۾ اولڊ ڪئمپس) ۾ علامه آءِ آءِ قاضي کي ملڻ جو حڪم ڪيو. جيئن ته علامه صاحب نقاهت سبب (اصولن) حيدرآباد اهڙين ميٽنگن ۾ ڪونه ويندو هو. انهيءَ حالت ۾ جنرل ٽڪا خان انهي وقت جي رجسٽرار آغا تاج محمد صاحب کي سختي سان هدايت ڪئي ته هي سنڌي بورڊ لکيل هٽايو ۽ سنڌي وغيره نه پڙهايو، هاڻ هتي اردو هلندي!، روڊن، رستن، ريلوي اسٽيشنن تان سنڌي نالا ڊاهي اردو ۾ لکايا ويا. پوءِ نفرتون وڌنديون ويون. بنگال کي غير هئڻ، پنهنجو نه سمجهڻ ۽ پري هئڻ سبب تمام گهڻو ڏکايو ويو. رهيل ڪثر 1970 جي ٻوڏ جنهن ۾ لکين بنگالي ٻڏا ۽ مري دربدر ٿيا ۽ سندن خاص خيال نه رکي، انهي نفرت کي اجان به وڌايو ويو. آخرڪار 1969ع ۾ شيخ مجيب الرحمان کي هڪ جڙتو ڪيس ۾ ايوب خان اٽڪايو ۽ پوءِ خاص طور تي اگرتلا سازش ڪيس مان عوامي دٻاءُ تي مجبور ٿي آزاد ڪيو. اهي سڀ منير احمد بيان ڪيا آهن جو هو پاڻ به اکين ڏٺو گواهه بلڪه هڪ اهم سياسي اڳواڻ پڻ آهي. سندس رفيق ۽ ڳوٺائي پروفيسر اعجاز قريشي مطابق منير جي زندگي جو سڄو وقت گونان گون مصروفيتن ۾ گذريو آهي، جنهن ۾ سماجي زندگي کان وٺي سياسي حالتن تائين هن پنهنجو سمورو وقت، وت ۽ وقت آهر جاکوڙ ۾ گذاريو آهي. منير چنا هڪ ذهين، فطين ۽ باضمير قومي ڪارڪن رهيو آهي ۽ بيشڪ ائين چئجي ته هو فقط گفتار جو غازي ناهي پر ڪردار جو به ڪُندن آهي. 1955 کان 1970 ون يونٽ

ٽوڙيو تحريڪ جي هراول دستي ۾ علمي، قلمي ۽ قانوني جنگ وڙهيو. بنگلاديش وري گهمسان خونريزي واري مورچي جو اڳرين تي ڳٽجندڙ هڪ سنڌي رهنما هو جنهن کي بنگ بنڌو (بنگالي قوم جي مهان دوست) عرف شيخ مجيب الرحمان سان ويجهڙائي رهي پر هو اتي جي سول وار (خانه جنگي) ۽ آزادي جي آندولن (هلچل) جو اکين ڏٺو شاهد آهي. تمام ٿورا مغربي پاڪستاني سياستدان ماسواءِ سائين جي. ايم سيد ۽ قاضي فيض محمد جي اهڙي پدَ تي مشرقي پاڪستان (بنگال) جي عوامي ليگي قيادت وٽ قابل اعتبار ۽ محبوب هوندا. اعجاز قريشي اهو به انڪشاف ڪري ٿو 1960 کان 1980 واري دور ۾ منير چنا تمام گهڻو سرگرم رهيو ۽ ون يونٽ واري تحريڪ ۾ هو ٻئي گڏ هئا ۽ سندن ٻيا ڪامريڊ جيڪي هن سڄي پُراشوب وايو منڊل ۾ ساڻن شريڪ سفر رهيا هئا انهن ۾ يوسف لغاري، مسعود نوراني، يوسف ٽالپر، شوڪت سنڌي ۽ يوسف ميمڻ هاڻي سرفهرست آهن. شخصيتن ۾ منير چنا ذوالفقار علي ڀٽو کان به گهڻو متاثر آهي، پر سندس شيخ مجيب الرحمان سان سياسي محاذ آرائي بابت تجزيو نٽو ڪري جنهن سبب موضوع جي نازڪ صورت، گهرائي ۽ ڳنڀيرتا لڳي ٿي. ڀُٽن جي تعريف به خوب ڪئي اٿس ۽ ڀٽو صاحب سان ملاقاتن کي به وڏو اعزاز سمجهي ٿو. پاڻ چئي ٿو ته ڀٽا راجپوت ۽ نواب يا ڪي معزز حاڪم، ڪيس اڪبر اعظم يا شهزادي سليم وانگر لڳندا آهن ۽ "هر ڪنهن ۾ پنهنجون پنهنجيون خوبيون، وڏي دانائي، سونهن ۽ ڏيا ڏنم، سندن خوشين ۾ ڏاڍو خوش، سندن ڏکن ۾ بيحال ۽ اداس ٿي ايترو ته آئون رنس جو جسم مفلوج ٿي ويو ۽ "پرڳڙي فليٽ کان جيل روڊ ويندي ڀٽو صاحب جي ڦاسي جي خبر ٻڌڻ سان مون سڪتي ۾ اچي روئي ڏنو. ساڳي ڪيفيت محترمه شهيد بينظير ۽ سندس ڀاءُ مرتضيٰ جي موت تي به ٿي". هي هڪ ڪتاب تاريخ، انساني روين، فطرتن، مزاجن، لڇڻن، گڻن، اوگڻن جي هڪ مستند دستاويزي (Documentary) طويل قلمي روداد آهي، ايترين شخصيتن، ڪردارن، اديبن، شاعرن، دانشورن، ڏاهن، مفڪرن، رهنمائن، زميندارن، عالمن ۽ عام رواجي سچيت ماڻهن سان بلڪل هڪ ئي هنڌ ملاقات ڪرڻ جو مرڪز هيءُ انوکو داستان هوشربا ضرور پڙهجي ته بهتر آهي.



# ڊاڪٽر پروين موسىٰ ميمڻ جو علمي ۽ ادبي پورهيو

احساس ميرل

سنڌي ادب ۾ جتي مردن ڪاميابي جي بلندين کي ڇهيو آهي، اُتي عورتن به پاڻ ملهايو آهي ۽ ڪنهن به ميدان ۾ مردن کان پوئتي نه آهن، ڪير ٿو چوي ته عورت مرد کان پوئتي رهي آهي. سنڌي ادب ۾ جتي ڪيترائي وڏا وڏا نالا پنهنجي سڃاڻپ ناهي چڪا آهن، اُتي ڊاڪٽر پروين موسىٰ جو نالو
ڪنهن به رسمي تعارف جو محتاج نه آهي. پروين موسىٰ ميمڻ جيڪو سنڌي ادب ۾ نالو ڪمايو آهي، اهو سندس اڻٿڪ محنتن جو ڦل آهي. منهنجي مطالعي هيٺ ڪافي ليکڪ رهيا آهن، پر مون محسوس ڪيو آهي ته پروين موسىٰ کي اسان جي سيني معاشرتي مسئلن جو جيڪي ناسور بڻجي چڪا آهن، انهن جو هر پل اونو رهيو آهي. ٻاراڻو ادب ڏسجي ته اتي سندس قلم جي ٻولي ٻاراڻي ۽ ٻاتي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جتي
معصوم احساس ۽ انمول خواهشون جرڪندي نظر اچن ٿيون. وري شاهه رح جي بيتن کي گڏ ڪندي ائين محسوس ٿيندو آهي ته ڀٽائي جي فڪر جو پروين موسىٰ کي به وڏو فڪر آهي، ٻئي جي درد کي محسوس ڪرڻ، ڪنهن جي خوشين ۾ شامل ٿيڻ اهڙي انسان جي نشاني آهي، جيڪو پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتيءَ وندن جي دردن کي پنهنجا درد سمجهي ٿو. اصل ۾ اها ئي انسانيت ۽ هڪ سچي ليکڪ جي سڃاڻپ آهي. ڊاڪٽر پروين موسىٰ ميمڻ وٽ ادب توڙي ٻوليءَ جو وڏو ذخيرو آهي، پاڻ اسان کي هيستائين ٻارهن ڪتاب ڏيئي چڪي آهي،
جيڪي مارڪيٽ ۾ موجود آهن. منهنجي خيال ۾ وٽس اجا به سمنڊ جيترو مواد موجود آهي، جيڪو وقت بوقت اسان تائين پهچندو رهندو ۽ ڪتابن جي زينت بڻجندو.

(1) سنڌي ادب جو ادبي جائزو ۽ لطيفيات هن ڪتاب ۾ قاضي قاضن کان وٺي شيخ اياز جي شاعريءَ تائين جو ارتقائي جائزو ڏنو آهي، جيڪو سنڌي ادب ۾ پنهنجي جاءِ والاري چڪو آهي.

(2) سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس هن ڪتاب ۾ يونيورسٽيءَ جي شاگردن لاءِ ڪافي مواد موجود آهي، جنهن مان اُهي لاڀ حاصل ڪري سگهن ٿا. ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ منگها رام ملڪاڻيءَ جي نثر جي تاريخن ڪانپوءِ هن ڪتاب ۾ نثر جي صنفن جي باري ۾ تسلي جوڳو مواد آهي، جيڪو اڄ به نثر جي مطالعي ڪرڻ وارن لاءِ انتهائي ڪمائتو آهي.

(3) آديسين ادب آهي اکڙين ۾، هي ڪتاب لطيف شناسي جي تحقيق تي مبني آهي ۽ شاهه صاحب جي بيتن جو اڀياس پيش ڪيو ويو آهي.

(4) اٿي رائو ريل (تنقيد ۽ تحقيق) هن ڪتاب ۾ سنڌي ادب ۾ تنقيد ۽ تحقيق جي موضوعن کي تمام گهڻو اجاگر ڪيو ويو آهي، جن ۾ ادب جي صنفن مقالا نگاري، ناول، ناٽڪ، افسانا، سفر ناما ۽ ٻين اهم موضوعن تي تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو ورتل آهي.

(5) سون ورنيون سوڍيون ڪتاب ”شهيد بينظير ڀٽو جي نالي منسوب ٿيل آهي، هن ڪتاب ۾ (1932ع کان 2009ع) تائين سنڌي ليکڪائن جا چونڊ افسانا شامل آهن.

(6) وکر سو وهاءِ، هن مضمونن جي ڪتاب ۾ ڪيترن ئي موضوعن تي ويچار ٿيل آهي، جنهن ۾ تعليم، لوڪ ادب، شاعري، نثر ۾ ليکڪائن جو حصو وغيره مضمون شامل آهن.

(7) اخلاقي قدر (مضمونن جو گلدستو) هي ڪتاب ٻاراڻي ادب ۾ مختلف موضوعن تي مضمونن جو گلدستو آهي، هي ڪتاب ٻارن لاءِ تمام گهڻو فائديمند آهي.

(8) سنڌي ادب تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو، هن ڪتاب ۾ موجوده وقت جي سنڌيءَ جي سي ايس ايس جي نئين نصاب مطابق احوال ڏنل آهي.


(9) عالم سڀ آباد ڪرين، هن ڪتاب ۾ 21مضمون آهن، جن جا عنوان شاهه عبداللطيف رح جي بيتن مان ورتا ويا آهن ۽ لطيف شناسيءَ جي حوالي سان مضمون لکيل آهن.

(10) پلئه پايو سچ (تحقيق ۽ تنقيد) جنهن ۾ نثر جي صنفن جي اهميت، نثر ۾ اسلوب جي اهميت، عورتن جي تعليم ۽ ڊاڪٽر نبي بخش سان ٿيل ملاقاتن جو احوال پڻ شامل آهي.

(11) سنڌي ادب (ايم سي ڪيوز) هن ڪتاب ۾ سنڌيءَ ۾ ايم اي ۽ ان کان علاوه سنڌيءَ جي ليڪچرار ٿيڻ لاءِ هڪ هزار تائين معروضي سوالن جا جواب موجود آهن. ان کان علاوه اي ايم اي، سي ايس ايس، پي سي ايس، اين ٽي ايس ۽ ليڪچرر سنڌي لاءِ ڪارآمد آهي.

(12) گلدستو (مضمون نويسي هن ڪتاب ۾ مضمون نويسيءَ جي فن جي لوازمات جي باري ۾ ڄاڻ ڏني وئي آهي ۽ پي سي ايس جي امتحان جي تياريءَ لاءِ خاص طور 60 مضمون ڏنل آهن.

ان ڪانسواءِ پاڻ ڪافي اخبارن توڙي رسالن ۾ تمام اهم موضوعن تي مضمون لکيا اٿس. ڊاڪٽر پروين موسىٰ ميمڻ تي به اکر لکڻ لاءِ سچ پچ ته آئون پاڻ کي خوش نصيب ٿو سمجهان. سچي ڳالهه اها آهي ته مان سندس ڪيل ڪم کي هن آرٽيڪل ۾ پوري طرح بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي به ڪامياب نه ٿي سگهيو آهيان. شايد آئون سندس ڪيل ادب جي
خدمتن کي پوري طرح اجاگر نه ڪري سگهيو آهيان، پر هر شاگرد چاهي اهو علم جو هجي يا ادب جو ان جي لاءِ سندس ڪتاب هڪ ڏياٽي وانگر آهن. آخر ۾ دعا آهي ته الله تعالىٰ ڊاڪٽر پروين موسىٰ کي صحت سان مالا مال ڪري ته جيئن هوءَ سدائين پنهنجي قلم سان سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪندي رهي ۽ مون جهڙا ابوجهه علم، ادب دوست سندس ڪيل پورهئي مان فيض حاصل ڪندا رهن.



# ڪافڪائي سوچ، رقص ۽ هڪ ڳوٺ

**مشتاق جنجهي**



جناب اعليٰ:
آئون ڪيڙي بٽيل ڪافڪا ڪان وڌ روحاني رقص ڪي اهميت ڏيان ٿو.
رقص جنهن جو ٻيو نالو خود سان سيڪس هئڻ گهرجي ها، صرف اهو بہ نہ بلڪہ!
جناب اعليٰ:
مي رقصم پڻ انيڪ اهڙن جزن جو ميلاپ آهي، جيئن پنهنجو پاڻ، پاڻ ۾ ٻڏي وڃڻ،
وجود جي وِشال سمنڊ ۾ ٻُڏو رهڻ
۽ ترڻ جا گُرَ غوطن دوران حاصل ڪرڻ
يا ڪٿي ايئن چئون، دلِ تبريزيءَ جو عشقِ رومي ۾ مقيد هجڻ!
ڪائنات جيڏي ڊگهي قونيا ۾ چوطرف اوڇتي ڌمال جو شروع ٿيڻ، آڌيءَ ڏاري سرڙاهٽ ڪري پکين جو نمن مان ٻاهر نڪرڻ، سمنڊ ۾ ڪجيءَ جو عڪس ميرو ٿي وڃڻ!
آفريڪا جي ٻرندڙ جبلن مان اٿندڙ شعلا،
”پاٽيءَ ڪان اڳ ڪپڙا لاهڻ“ جهڙن اصطلاحن جو اوچتو وجود ۾ اچڻ،
ڪَتيءَ جي چانڊوڪي رات ۾ اتر هوا تي ڪجين جو پاڻ ۾ مٿو ٽڪرائجڻ،

شبِ وصل ۾ سحر ٿاٽي ڪٻڙن جي جُهڳٽي مان جواني جو چرڪ ڪائي اٿڻ... وغيره
جناب اعليٰ:
* مون کي قسم آهي شبليءَ جي اڇلايل گُل تي منصور جي ڪريل ڳوڙهن جو..
آئون هڪ ”رقص“ نالي ڳوٺ جو رهاڪو آهيان.
* اچ تہ ان ڳوٺ جو تعارف ڪرايان!
ان ڳوٺ ۾ ڪاسين جا مڌُرَ آلاپ، ڇيرين جي ڇم ڇم، ٽڪرائجندڙ ڪنوارين ڪراين مان چوڙين جا ٽڙڪاٽ، هوائن جي بدن مان نڪرندڙ صاف شفاف موسيقي، شيشي جي گلاس ۾ ڪرندڙ شراب جا شُوڪا، چلم جي دونهن سان وڄندڙ دماغ، وغيره وغيره آباد آهن..
ان ڳوٺ جي ڪُل ايراضي خدا جي خيال جيڏي آهي، ان ڳوٺ جي خوبصورت ڇوڪري جنهن جو نالو ”شاعري“ آهي!
جيڪا چاهي تہ پوري ڳوٺ کي ننگو/بي پرده ڪري سگهي ٿي
جيڪا چاهي تہ ماڻهو کِيڙَن بلائن وِڇُن ۾ تبديل ٿي وڃن!
جيڪا چاهي تہ ڳوٺ وارن کي گڏ ڪٺي هلي، اتحاد ۽ اجتهاد پيدا بہ ڪري سگهي ٿي،
جيڪا چاهي تہ امن زنده باد جا نعرا بہ لڳائي
جيڪا چاهي تہ ڳوٺ کي محشر ۾ تبديل ڪري ۽ نئين عالمي جنگ جو ميدان بڻائي بہ سگهي ٿي!
اها ڇوڪري هر روز هڪ نظم ڄڻيندي آهي.
جيڪو سپوٽ ٿئي تہ ان جا هڙئي خواب پورا ڪري سگهي ٿو!
ان ڳوٺ ۾ هڪ پراڻو قبرستان بہ آهي جنهن کي لوڙهو ناهي ڏنل چانڊوڪي راتين ۾ اڪثر ڪتا قبرن جي پير ۾ ليٽي اوٻاسيون ڏيندا آهن.
تهذيبن، رواجن، قديم آثارن، جون قبرون انهن ڪتن جي اوٻاسين کي ڏسي پنهنجي نسلن کي ياد ڪري خاموشي آڌو احتجاج ڪنديون آهن!
احتجاج احتجاج احتجاج!
آخرڪار اسان کي کهڙي سبب ڪتن جي لنگهہ تي دفن ڪيو ويو آهي...
آئون هينئر ان ڳوٺ کان ٻاهر هڪ ضروري واڪ ڏيڻ آيو آهيان!



تہ هاڻ ڪافڪا سميت جنهن بہ ان ڳوٺ جو رخ ڪيو تہ ان کي انهيءَ قبرستان ۾ دفن ٿيڻو پوندو!....

واڌو حد ادب!
م. ج

لوڪ ادب

# اڪبر بادشاهه ۽ بيربل جا ڳفتا

سومجي ڏاراڻي

هڪڙي دفعي اڪبر بادشاهه جي صبح واري دربار متل هئي، جتي اوچتو زالن بابت بحث ڇڙيو، جنهن ۾ زالن جي اٿي ويٺي، ڪاڻ پيئڻ، سمهڻ، سانجهه ڪرڻ، عادتن، لڇڻن ۽ ٻار ڄڻڻ بابت سڀ ڪنهن پنهنجا پنهنجا رايا ڏنا. ڪو چوي زال سني اها آهي جيڪا وڏي فجر جو پرهه مهل اٿي خدا جو نالو وٺي ڏڳيون ۽ ٻڪريون ڏوهي، ڦڙو ولوڙي، نيرن پچائي، ٻارن کي تيار ڪري پڙهڻ لاءِ موڪلي، جنڊ تي اَن پيهي، مڙس کي ٻنيءَ تي ماني پهچائي ۽ ڪم ڪار ۾ مدد ڪري، موٽي اچي گهر جو سڀ ڪم ڪار ڪري. ڪنهن چيو ته سندر نار اها آهي جو چار پنج ٻار ڄڻي، جيترا وات اوتريون ڳالهيون، ڪو ڪهڙي ڳالهه ڪري ته ڪو ڪهڙي. بيربل اهو ٻڌي ڪک ٿي پيو. تنهن چيو ته بادشاهه سلامت عقل وارن ۽ سُگهڙن زالن جا چار قسم ٻڌايا آهن. اهي هي آهن: 1. پدمڻي، 2. چترني، 3. ڪامڻي، 4. سڪمڻي. تنهن تي اڪبر بادشاهه چيو ته انهن جي پرک ڪيئن ونجي؟ بيربل چيو ته بادشاهه سلامت عورتن ۾ لڇڻ ڏسبا آهن، زال ذات جون وصفون ڏسٽيون آهن. سندر ناري جي سمهڻ، جاڳڻ، هلڻ، ڪائڻ ۽ پيئڻ مان صحيح ڪبو آهي. ان تي اڪبر بادشاهه چيو ته منهنجون راڻيون ڏسي توکي ٻڌائڻو آهي ته ڪهڙي راڻي ڪهڙي آهي. بادشاهه بيربل کي دعوت ڏني ۽ هڪ هڪ محلات گهمائي سندس راڻيون ڏيکاريون ڇهه محلات گهمي بيربل چيو بس سائين مون سڀ راڻيون توهان جون سڃاتيون. چيائين پهرين محلات واري راڻي ڪيئن لڳي، پهرين محلات ۾ ڏسن ته راڻي نياڳ جي ننڊ ۾ ستل هئي. بادشاهه راڻي کي سڏ ڪيا ته به راڻي نه اٿي. اڪبر بادشاهه رڙيون ڪري راڻيءَ کي اٿاريو ته به راڻي نه اٿي. بيربل چيو بس سائين اها راڻي مون سڃاتي. اڪبر بادشاهه چيو ته ٻڌائي.

بيربل چيو ته جي پدمڻي هجي ها ته آهٽ تي جاڳي پوي ها، چترني هجي ها ته کُڙڪي تي جاڳي ها، ڪامڻي هجي ها ته هڪ سڏ تي جاڳي ها، پر هيءَ توهان جي مهاراڻي سڪمڻي آهي جو سونٽا هڻڻ سان به ڪونه ٿي جاڳي. سائين اوهان جي گهر ۾ پدمڻي نار جو پاڇو ئي ڪونه ٿو نظر اچي.

وري اڪبر بادشاهه بيربل کي ٻئي محلات ۾ وٺي آيو. ڏينهن اڀري آيو هو پر مهاراڻي اجان ننڊ ۾ هئي، اڪبر بادشاهه جاڳائڻ لاءِ سڏ ڪيو پر بيربل چيو بس سائين راڻي کي مون سڃاتو.

بيربل چيو ته سائين پدمڻي هجي ها ته ڪيس پڪي ننڊ ڪونه هجي ها ڪيس ٿوري ننڊ ٿوري جاڳ هجي ها، چترني هجي ها ته رات ۾ چار پهر ٿيندا آهن بس هڪ پهر سمهندي آهي هڪ پهر جاڳندي آهي، پر توهان جي زال ڪامڻي هجي ها ته به هيستائين جاڳيل هجي ها، ڪامڻي زال فجر مهل ئي اٿي ويندي آهي، پر توهان جي هيءَ دادلي راڻي اها سڪمڻي آهي جيڪا سج اڀرڻ ڪانپوءِ به سُتل آهي.

اڪبر بادشاهه وري بيربل کي ٽين محلات ۾ وٺي آيو ڏسن ته هڪ سونهن جي ديوي جڻ ته کُڙهه مان ڇُٽل پلو گهوڙو هجي ۽ لقڙ لقڙ ڪندي پئي اچي. بيربل صحيح ڪري ورتو پر بادشاهه چيو هيءَ منهنجي راڻي ڏس، ڳالهه ٻولهه ڪري بيربل چيو ته بادشاهه سلامت بس بس مون اوهان جي راڻي پرکي ورتي.

بيربل چيو ته سائين هيءَ راڻي اوهان جي پدمڻي هجي ها ته هنس پکي وانگر ٽلندي هلي ها، چترڻي هجي ها ته هرڻي وانگر هلي ها ۽ وک وک کڻي ها، ڪامڻي هجي ها ته مور وانگر ناز ۽ نخري سان لڏندي رهندي اچي ها، پر هيءَ راڻي اوهان جي سونهن ۾ برابر سرس آهي پر لقڙ لقڙ ڪري هلي ٿي جهڙي مينهن يا دز اڏائيندڙ ڏڳيءَ وانگر پئي هلي، اها ته صفا سڪمڻي زال آهي، آئون سمجهان ٿو ته اوهان جي گهر ۾ پدمڻي زال آهي ئي ڪونه.

اڪبر بادشاهه بيربل کي چوٿين محلات ۾ وٺي آيو جتي بيربل ڏسي ته راڻي آرسيءَ اڳيان وارن کي ڦڻي ڏيئي رهي هئي وار ننڍا ڪنن تائين مس هئا. بيربل بادشاهه کي چيو سائين بس هلو مون اوهان جي راڻي پرکي ورتي.


بيربل چيو ته سائين پدمڻي نار جا وار ايڏا ڊگها هوندا آهن جو پيرن جي کُڙين تائين هوندا آهن، چترني جا وار چيلهه تائين هوندا آهن، ڪامڻي جا وار ارهه تائين هوندا آهن يعني ڇاتي ڍڪيندا آهن پر توهان جي هن راڻي جا وار ڪنن تائين مس آهن. ڪنهن لسڙاٽ چوکر ۽ ناز نخري واري نينگر جو ڏيک ڏي ٿي، اها راڻي سڪمڻي نار آهي.

بادشاهه چيو چڱو هلو پنجين محلات ۾ جتي بادشاهه پڇيو ته راڻي ڪٿي آهي، نوڪرياڻي چيو صاحب ڪاڏي واري ڪمري ۾ ماني پئي کائي. وڃي جو ڏسن ته پوري ٽيبل ڪاڌي سان ڀريل، مانيبن جو ڍڳ، چانورن جا وڏ ڊش، ٻاجهر جون مانيون، ٻاڪري گوشت جا وڏا وڏا ڊونگها، مڇي، بيضا فروٽ وغيره جيڪڏهن اٺ کائي ته به ڍوئي وڃي. بيربل اڪبر بادشاهه کي ڪن ۾ چيو سائين هلو، اڪبر چيو ته هيءَ سندر راڻي ڏس ڳالهه ته خبر پوي. چيائين ته خبر پئي مون اوهان جي راڻي سڃاتي.

بيربل اڪبر بادشاهه کي چيو ته سائين پدمڻي نار پنج تولا مس کائي ٿي، چترڻي ڏهه تولن مان ڍاپي پوندي آهي، ڪامڻي عورت به عام عورتن وانگر پاءُ جيتري وزن مان ڍئو ڪري ويندي آهي، پر توهان جي هن راڻي ٽيبل تي هيترو سارو ڀيل ڪاڌو پل ۾ چٽ ڪري ڇڏيو. بادشاهه سلامت توهان کي پرواهه ڪونهي، پر غريب ماڻهو اهڙي عورت پاري ڪونه سگهندو، تنهنڪري سائين اها عورت سڪمڻي آهي، باقي پدمڻي لاءِ اوهان سڪي مرندا.

اڪبر بادشاهه ڏند ڪرٽيندي بيربل کي ڇهين محلات ۾ وٺي ويو اتي ڏسن ته راڻي صاحبه ڪنهن ٻار کي سنگهه پئي ڪڍائي، ڪو ٻار پلنگ تي ستو پيو آهي، هڪ ٻار ڪير پيو پيئي، ٻيو ٻار پينگهي ۾ روئي رهيو آهي، هڪ ٻار کي قميص پاتل ته شلوار الائي ڪٿي هئي، ڊوڙندو اچي اڪبر بادشاهه جي ٽنگن ۾ پيو. بادشاهه ڪڇ تي ڪٽي بيربل کي چيو ته هيءَ راڻي ڪيئن آهي.

اي بادشاهه سلامت پدمڻي عورت پنجن سالن تي ٻار ڄڻيندي آهي، ان جي پرورش صحيح ڪري سگهندي آهي، چترڻي چار سالن تي ٻار کي جنم ڏيندي آهي اها به صحيح آهي، اڪبر بادشاهه بيربل کي چيو ته منهنجي محلاتن ۾ هيڏيون حسين راڻيون، ڪومل، نرمل، سيتل، سُشيل سونهن واريون سدا ملوڪ محبت ڪرڻ واريون سهيليون توکي سڀ گڏهين جهڙيون پيون لڳن. هاڻي ته آڪاش مان ڪا اپسرا لهي اچي ته اها منهنجي نظر ۾ پدمڻي هجي ته ٻي ڳالهه آهي. بيربل وزير مون تنهنجي انهيءَ پرک مان توبهه ڪئي، بنهه بس ڪئي منهنجي لاءِ منهنجي محلن ۾ ويٺل راڻيون سڀ پدمڻيون آهن.






ڪم تان لاهي جا پئسا توهان جا ڪير ڏيندو؟! سينٽرل جيل جو اندريون گيٽ ڪراس ڪندي ٽگيٽيءَ ۾ ٽپندي سين پوش پهريون سوال جبار ڪان ڪيو..

جبار جيڪو پهريون ڀيرو معمولي ڏوهه ۾ پڪڙجي جيل پيڙو ٿيو هو، سندس ڏوهه اهو هو ته هن جي اڪائونٽ ۾ ٻه لک رپيا اضافي آيا هئا، جيڪي هن پنهنجي اڪائونٽ مان بنا ٻڌائي ڪنيا هئا... جبار سان گڏ سندس دوست وقار به هو، بدقسمتيءَ سان هڪ لک ان جي اڪائونٽ ۾ به آيو هو جنهن لاءِ هنن واويلا ته وڏي ڪئي پئي ته ٻيلي تلاشي وٺو اسان جي سرڪاري اڪائونٽ ۾ ڪنهن ماڻهو پئسا موڪليا آهن يا ڳٽپ وارن ڪان ڪا ڀل چُڪ ٿي آهي، پر هنن جي اهڙي گذارش ڪنهن به ڪونه ٻڌي سو سڌو ڪٽي لاڪ اپ ڪيائون- چيائون ته توهان قومي خزاني کي ڪاٽ هنيو آهي.. سين پوش کي سائي ٽوپي پهريل هئي جنهن جو مطلب ته هو جهونو قيدي سرڪاري سرپرستي ۾ نون قيدين کي ڪم تان لاهي لاءِ زور ڀرڻ وارو ڪم ڪندو آهي موٽ ۾ انتظاميه هن کي جيل اندر ڀَلُ گهمڻ جو سرٽيفڪيٽ ڏنو آهي... جبار کي ڪاٻي پاسي کان ڦيرائي ساڄي تي اولهه طرف آٽيندي سين پوش ساڳيو سوال ورجايو هو... جواب ۾ جبار پنهنجي ساٿي قيدي وقار جي اکين ۾ اکيون وجهي جواب ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، وقار اکين ئي اکين ۾ ڪيس ڊيل ڪرڻ جي اجازت ڏيندي اڳتي وڌيو هو... جبار چيو هئس ڏسون ٿا ٿورو سوچڻ ته ڏيو. ٻڌو ڀائو! هيءُ جيل جو جهان آهي مجون ٿا ته ٻاهران سفارش ڪٽي آيا آهيو تنهنڪري توهان جي جيل جي رول موجب تواضح اهڙي ڪونه ٿي. مان توهان ڪان جُتي ۽ ٽوپي به ڪونه لهرائي نه ئي ڪو ڏڪ چنبو ڪيو. هونئن نه ته جيل ۾ اندر اچڻ تي نئين قيدي جي ماءُ ڀيڻ.... سين پوش ساهه پٽيو ته وقار ڳالهايو ادا عاشق ڳالهه ٻڌ. اسين ڪي اخلاقي ڏوهاري ڪونه آهيون ٻئي گريجوئيٽ آهيون جيل جي قانون موجب اسان کي "بي ڪلاس" مليل آهي...

يار وقار تون چپ ڪر، هو جيڪو اسان سان گڏ آيو هو سو اڳوٽي جيلر جو پٽ هو ان سپرنٽينڊنٽ کي اسان جي لاءِ چيو آهي اسان کي پورو پروٽوڪول ملندو... جبار سين پوش عاشق تي رعب ڄمائڻ لاءِ ائين چيو... عاشق جي ٻانهن تي سندس نالو لکيل هو وقار ان تان ڪيس سڃاتو هو پر عاشق به مزاج جو ڀلوڙ ماڻهو هو، پر هو سرڪاري هُشيءَ تي، ڪيس خبر هئي ته ترن مان تيل ڪيئن ڪڍبو آهي سو هن ٻنهي قيدين کي جيل جو وڏو پنڌ ڪرائيندي ڪاراٽين وٺي وڃڻ ٿي چاهيو. هن سگريٽ دکايو ۽ جبار ڏانهن اشارو ڪندي پاڪيٽ سولو ڪيو... جبار جرئت جو مظاهرو ڪندي خوف گهٽائڻ ۽ پاڻ تان پريشاني لاهڻ خاطر سگريٽ جي فلٽر ڪان جهلي سگريٽ ايئن سُرڪاريو جيئن ٻشني ڪيسي مان پئسا ڪڍي وٺندو آهي عاشق جي ٻريل سگريٽ مان ڪرنٽ ملائي هن پنهنجو سگريٽ ٻاريو، دونهون هوا ۾ گانا ڳائيندو ويو ته هيڏانهن عاشق به چپٽيءَ تي وڏو سوٽو هٽي گانو ڳايو،

"مولا عاشقن جا ڪم پاڻ ڪري
نه ته ڪير نماڻن تي نظر ڌري"

سيڪيورٽي اٽ تائين ايندي ورڪشاپ ۽ ڌوٻي گهاٽ ڪان گذرندي سين پوش ايٽڪيون ٻيٽڪيون وڏيون ڏنيون پر جبار ۽ وقار هن جي ڳالهائڻ تي گهٽو زور ۽ غور نه ڪندي اچي ڪاراٽين جي ڪوليءَ وٽ پڳا...

وارڊ جي انچارج ڏٺو ته چيو عاشق هي ڪهڙا مرغا ٿو واڙائين...؟ بس ادا مان ته سمجهايان ٿو، شريف ماڻهو آهيو، هتي رهڻ اوهان جي وس جي ڳالهه ناهي، پر هي مڙيا ئي ڪونه چيائون ته مٿان فون ايندي ۽ اسان کي جيل ۾ سهولت ملندي. تون ئي ٻڌائين لمبو، ڪنهن جي فون اندر هلي آهي؟ لمبو جيڪو ڊگهي قد ۽ وڏين مُڇين ڪري سڄي جيل ۾ جلاد طور مشهور هو تنهن ڪٽي وات ڦاڙيو.

"نهين ڀائي يهان چاچا قائداعظم چلتا هي." فون اندر نهين چلتا، لمبو هو ته بلوچستان جو، پر لڳي صفا سوڊاني پيو. وات ۾ پان جي ڳاڙهي پيڪ ائين ڀريل هئس جيئن ڪڪڙ جي پڇي ۾ وٽ ڀريل هجي. ٽڪ اڇلائيندي سين پوش کي چيائين، عاشق ڀائي ايڪ دن رهني دو ڪل تڪ دوڌ ڪا دوڌ پاني ڪا پاني هو جائينگا... ڪاراٽين قدين جي سخت ترين جاءِ هوندي آهي جتي آيل نون قيدين کي ٽڪائي تڪليفن مان گذاري وڃي "ڪم تان لاهي" جا پئسا طئي ڪيا ويندا آهن. سرڪار سڀوري سڌو سنئون قيدي سان مخاطب ڪيئن ٿئي، سو هي سينئر قيدين جي مدد سان دش ڪُش جي مد ۾ هزارين رپيا وٺي ويچارن قيدين جي ساهه سان ڪيڏندا آهن... هڪ ئي ڪوليءَ ۾ جبار ۽ وقار کي بند وارڊ ڪيائين ۽ ڪجهه دير سوچي جواب ڏيڻ جو چئي عاشق اکين ڪان اوجهل ٿي ويو... اندر ڪوليءَ ۾ بلب ائين ٻري رهيو هو جيئن ميڻ بتي آخري پساهه ڪٽندي هجي، پکو به بس چُري رهيو هو، هوا جو نالو نشان ئي نه هو پيئڻ جي لاءِ پلاسٽڪ جي پراڻي ڏيڍ ليٽر جي بوتل ڪارا به ڪوپ جن جا ڳن به ٽٽل ۽ ٽي ڪن پلاسٽڪ جون پليٽون اهي به اهڙيون جهڙيون تازو ڪو خضاب هٽي بنا ڌوئڻ جي رکي ويو هجي، هيٺ به ڪارا ڪٽا وڇايل هئا ڪوليءَ اندر نل جي ٽم ٽم... ساڳئي پاڻي جي ڪنيڪشن جاءِ حاجت لاءِ... اهڙي ڌپ جو چئي چپ ڪر. ايتري ۾ لمبو لڙي آيو، چيائين- ڀائي رات ڪو يهان بجلي بند هوتا هي- پاني به نهين هوتا... مڇر هين ڪيسي رهوگي آپ صاحب لوگ...؟! جبار سمجهي ويو ته هي ساڳي فلم آ ڪيسٽ جو ٻي پاسو ٿو هلي. جود ۾ چيائينس "ڀائي هم يهان ٺيڪ هين آپ ڪي مهرباني..." لمبو موٽي ويو ته وقار جبار جو پاسو جهليو، يار چو نه هن سان ڳالهائي هتان نڪرون، گهري گهٽا ٿو؟!

تون چپ ڪري ويهه، پهرين ٻه لک چيائين پوءِ لک تي لٿو ويندي ويندي چاليهه چئي ويو... "ته پوءِ چاليهه ٺيڪ ته آهن..." وقار بيزاري ڏيکاريندي چيو تون جهٽ صبر ڪر لهندا... جبار جي اکين ۾ اميد هئي... ڌوڙ لهندا، ايتري ۾ لمبو آيو ۽ چيائين "چلو ڀائي يهان سي ايڪ نڪلي دوسري ڪولي ۾" مطلب اڪيلو ڪرڻ ٿي چاهيائون... وقار نه چاهيندي ڀورن قدمن ۽ ڀڳل دل سان ٻي ڪوليءَ ۾ ويو جتي ٻه چريا پناڻ قيدي ۽ ٽي نيم پاڳل قيد هئا. وقار کي جبار جي لالچ تي غصو اچڻ لڳو. رڙ ڪري چيائينس ته ابا هي ڪهڙو ويل ۾ وڌئي چوڏاري چريا آهن... ورد ڪر آيت الڪرسي پڙهه مان به وظيفو ٿو ڪڍان ويٺو... دل چيس ته لمبو کي سڏ ڪري عاشق کي گهرائي ۽ پئسا ڀاسي هن عذاب مان ته آڇيو ماڻجي... لمبو کي چيائين، "يار عاشق ڪو تو بلانا..." لمبو چيو ڀائي اب چار هوگئين هين جيل سيل هوگيا سب بند هوگيا اب صبح تڪ انتظار ڪرو..." وقار جون وايون ٻتال ٿيڻ لڳيون چرين سان رات گذارڻ جو پهريون تجربو ڏاڍو ڏکيو ٿي لڳس... نه ڪجهه ڪاڌائين نه پيتائين پاسو وٺي لوهي در جي وٽ ۾ سمهي پيو نئين صبح جو انتظار ڪرڻ لڳو... ٻئي ڏهاڙي آپرندي ئي سج کي تاءُ هو، پر

## ڪهاڻي

# فيس بُڪ فرينڊ

ڊاڪٽر اعجاز سمون


جڏهن توکي پارڪ ٽاور ۾ اچانڪ سامهون ڏٺو هئم، مون ڄڻ خواب مان ڇرڪ ڀريو هو. اهو پهريون دفعو هو جو توکي سامهون ڏٺو هئم. نه ته فيس بُڪ جي موبائل اسڪرين تي هزارين تنهنجون رنگ برنگي اپلوڊ ٿيل تصويرون، ڪيترائي دفعا مان بار بار ڏسندو رهيو آهيان. شاپنگ مال ۾ تون پنهنجي سهيليءَ سان گڏ هئين، تنهنجي هٿ ۾ هڪ شاپنگ بيگ به هئي، شايد شاپنگ مال مان تو ڪجهه خريد ڪيو هو. تون پنهنجي سهيليءَ سان نه ڄاڻ ڪنهن ڳالهه تي بحث ٿي ڪيو... تنهنجي دراز قد اڳيان تنهنجي سهيليءَ جو قد تنهنجي ڪلهي کان به هيٺ هو. مون سان گڏ منهنجو پاڙيجو هو، تون منهنجي اڳيان ائين گذري وئي هئين جيئن ڪو هوا جو جهوٽو گذري ويو هجي. مان رڪجي تو سان ڳالهائڻ ٿي چاهيو هو، پر تنهنجا تيز قدم منهنجن لفظن کي ئي ڄڻ لتاڙي ويا هئا... لفظ جيڪي منهنجي اندر ۾ ئي دٻجي ويا هئا، تون اڳتي نڪري وئي هئين، مون پٺي ورائي توکي ڏٺو هو، تون ٽرڊ فلور جي ڏاڪڻ تان هيٺ لهي وئي هئين. ڪٽڪائون رنگ تنهنجو، ڪليل وار هئا تنهنجن ڪلهن تائين، جنهن ۾ هلڪو سونهري شيڊ هو. تنهنجي چپن تي تيز ڳاڙهي رنگ جي لپ اسٽڪ لڳل هئي، مون کي ائين لڳو ڄڻ ڪنهن مصور سچ جي لهڻ جي منظر کي پنهنجي ڪينواس تي لاٿو هجي... سچ ته مون تنهنجون فيس بُڪ تي ميڪ اپ سان ٿقيل تمام خوبصورت تصويرون به ڏٺيون آهن ته ميڪ اپ کان بغير اُوجاڳيل اکين واريون تصويرون به ڏٺيون آهن، جن تصويرن ۾ تنهنجن اکين هيٺان ڪارا دائره چٽا ظاهر نظر ايندا آهن. مون تنهنجون تصويرون ڏٺيون ڇا آهن؟ مان ته تنهنجي فيس بُڪ تان سڀ تصويرون ائين چونڊي ڪنيون آهن جيئن ڪو ٻار رانديڪن جي دڪان مان پنهنجي پسند جا رانديڪا چونڊي چونڊي ڪڍندو آهي. منهنجي موبائل ۾ تنهنجي وال تان ڪنيل تنهنجين تصويرن جو مون وٽ هڪ وڏو البم به آهي، جنهن کي کولي مان روز ڏسندو آهيان، ان وقت تنهنجون تصويرون مون سان ڳالهائڻ لڳنديون آهن، تنهنجون ڳالهيون ۽ منهنجون سوچون منهنجي اکين ۾ هڪ خوبصورت خواب بڻجي پونديون آهن ۽ مان هڪ نئين دنيا اڏي وجهندو آهيان، پيار جي دنيا، محبت جي دنيا، تنهنجي منهنجي دنيا... هن جنم جي دنيا، سوشل ميڊيا تي تنهنجي مختلف اشوز تي لکيل اسٽيٽس ڏاڍا جاندار هوندا آهن، جن کي مان پڙهي ڪڏهن ڪمينٽس به ڪندو آهيان.. تنهنجي رکيل اسٽيٽس تي هزارين ڪمينٽس ٿي ويندا آهن، پر مون کي ائين محسوس ٿيندو آهي ته منهنجا ڪمينٽس ڄڻ توکي پاروٽا لڳندا آهن. ڇو جو تو ڪڏهن به مون کي انهن ڪمينٽس جي موٽ ۾ ڪجهه به ڪونه لکيو آهي؟ نه ئي وري ڪڏهن تو لائيڪ ڪيو آهي، پر ٻين کي تون رپلاءِ به ڪندي آهين ۽ لائيڪ به ڪندي آهين... پر مان اهڙين ڳالهين کي ڪڏهن به بحث جو حصو بڻائڻ نه چاهيو آهي... ڇو جو تو منهنجي اندر جي ساز کي ڇيڙي وڌو آهي؟ جنهن مان هڪ مڌم ۽ مٺي ڌن مون کي تو ڏانهن خوابن جي شهر ۾ ڪٺي آئي آهي، جنهن شهر جو مان شهزادو آهيان ۽ تون شهزادي آهين، پر حقيقت ۾ ائين آهي ڪو نه... ڇو ته تون مون کان گهڻي دور آهين؟ پنهنجن خوابن جي شهر ۾... پنهنجي دنيا ۾، جنهن دنيا ۾ منهنجي لاءِ تو ڪو دروازو ئي ڪونه رکيو آهي. پاڻ ته هڪٻئي لاءِ صرف اجنبي آهيون... پر پوءِ به الائجي ڇو هڪ شور آهي منهنجي اندر ۾، جنهن کي ڪا ماٺ ناهي؟ تون ئي ٻڌائي اها ڪهڙي ڪيفيت آهي، جيڪا منهنجي وجود سان لاڳاپيل هوندي به منهنجي وس ۾ ناهي... جنهن کي هڪ ڊگهي آٿت جي ضرورت آهي، جيڪو آٿت پئسي سان به ڪو نه تو خريد ڪري سگهجي، جو ان شور کي آٿت ڏئي ماٺ ڪرائي سگهجي. توکي ٻيو دفعو يونيورسٽي ۾ ڏٺو هئم... پنجٽيهه منٽ، اهو به مسلسل ٽڪ ٻڌي، آهي نه ڪل جهڙي ڳالهه، تون منهنجي سامهون هئين... سامهون ڇا هئين؟ تون سامهون ڊائيز تي بيٺل هئين ۽ ليڪچر ڏئي رهي هئين، مان پريل آڊيٽوريم جي ٽئين قطار ۾ پنهنجي دوست سان ويٺل هئس... سڄي هال ۾ خاموشي هئي ۽ سڀني جون نظرون تنهنجي چهري تي هيون، تون هال ۾ ويٺل ماڻهن جي توجهه جو مرڪز هئين، بس رڳو تنهنجو ئي آواز ماحول ۾ ٿي اُڀريو. رکي رکي تنهنجي چيل جملي تي سڄو هال تاڙين جي گونج ۾ ٻرجي ٿي ويو. توکي اڳيان ويٺل پوڙهن پروفيسرن چوهه وجهي ٿي ڏٺو، مون کي ائين ٿي لڳو ڄڻ هو تنهنجو ليڪچر ٻڌڻ ڪونه آيا هئا... هو ڄڻ توکي ڏسڻ لاءِ آيا هئا، مون کي انهن ايڪسپائير ٿيل پوڙهن پروفيسرن تي ڏاڍا جڪ ٿي آيا، جيڪي رٽائرمينٽ ڪانپوءِ ڏاريا ڏند وجهرائي ۽ وارن کي ڪارو رنگ ڪري فلمي ايڪٽرن وانگر بالم بڻجي هر عورت سا ڏند پيا ڪيندا آهن ۽ آرسيءَ اڳيان پري ئي ڪونه ٿيندا آهن ۽ ڏيئرن جيتري عمر وارين ڇوڪرين سان شادي ڪرڻ لاءِ پيا سوچيندا آهن. ڪاوڙ ته مون کي انهي شاعر تي به ڏاڍي ٿي آئي جيڪو سنڌي ڊپارٽمينٽ ۾ ليڪچرار پڻ آهي، جنهن پنهنجي ڪئمرا سان تنهنجون تصويرون باندرن وانگر قلابازيون ڏئي ٿي ڪڍيون، ماڻهون هن جي اهڙي فوٽو ڪڍڻ واري انداز تي پريشان ٿي ويا هئا ۽ هڪٻئي کي ڏسي اشارا ڪري رهيا هئا. خاموش هال ۾ جڏهن هلڪي کل جنم ورتو ته ان شاعر جي زال پنهنجي مڙس جي اهڙي انداز تي، ڪاوڙ ۾ هال مان ئي ٻاهر هلي وئي هئي. تنهنجو ليڪچر پورو ٿيو هو، تو عورتن جي آزادي ۽ انهن سان ٿيندڙ هر زيادتي تي ڳالهايو هو. ڇو جو تنهنجو ٽاپڪ هو ئي عورت جي آزاديءَ تي. ان ڪانپوءِ سوالن ۽ جوابن جو سيشن شروع ٿيو هو، هڪ مُلي اديب توکان سوال ڪيو هو ”توهان عورت جي آزاديءَ جا ڪيترا قائل آهيو“ ”توهان پنهنجي عورت کي برقعو پارائيندا آهيو“ ”ها بلڪل پارائيندو

آهيان” ”سندس برقعو لهرائي، کيس کليل آسمان هيئان ساهه کڻڻ ڏيو، مان عورت جي آزاديءَ جي ايتري ئي قائل آهيان“ تنهنجي اهڙي جواب تي مُلو اديب خاموش ٿي ويو هو ۽ هال تاڙين جي گونج ۾ ٻيهر گونجي رهيو هو... ائين توکان مختلف قسمن جا سوال ٿيندا رهيا ۽ تو به انهن جا ڏاڍا خوبصورت جواب ڏنا هئا، آخر ۾ هڪ پوڙهي پروفيسر توکان سوال ڪيو هو، جيڪو تو مان اڪ ئي ڪونه ڪڍي رهيو هو، اڪ ته مان به تو مان ڪونه ڪڍي هئي. هن سوال ڪيو هو ”مرد کي گهڻيون شاديون ڪرڻ گهرجن؟“ پروفيسر جي سوال تي هال ۾ ٽهڪڙو مچي ويو هو... تون به ڏاڍي کلي هئين، ان ڪانپوءِ تو ڳالهايو هو... ”توهان جو سوال موضوع کان ٻاهر آهي... پر توهان ٻڌايو، توهان گهڻيون ٿا ڪرڻ چاهيو...؟“ هال وري ٽهڪن ۾ ٻرجي ويو هو... ان ڪانپوءِ تون اسٽيج تان لهي هال جي ماڻهن سان ملي جلي وئي هئين... مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته توسان ڳالهه ٻولهه ڪيان، پر توکي وي. سي پاڻ سان گڏ وٺي وئي هئي. شايد تنهنجي ان سان ڊنر هئي، مان ۽ منهنجو دوست ڪار پارڪنگ مان پنهنجي گاڏي ڪڍي پناڻ جي هوٽل تي وڃي دوڌ پتي چانهه پيتي هئي... پر سڄي واٽ مان پنهنجي دوست سان تو بابت ئي ڳالهايو هو، پر سچ اهو هو ته منهنجو دوست تنهنجي ليڪچر مان مطمئن نه ٿيو هو. مون تو بابت، تنهنجي ليڪچر بابت، هن سان گهڻو بحث ڪيو هو. پوءِ هن پاڪيٽ مان سگريٽ ڪڍي پنهنجن سرمائي چپن ۾ ڦاسائي ان کي دکائي وڏو ڪش هنيو هو ۽ دونهي کي اندر ۾ اوتي ٻاهر ڪڍي چيو هو ”تون هن جي پيار ۾، ڦاٿل مڇي وانگر تڙپي رهيو آهين، صرف هن جي هڪ نظر جي گهور لاءِ... ته توکي اهو يقين ٿي وڃي ته هن توکي ڏنو آهي“ ”تون بلڪل صحيح پيو چوين، پر ائين به ناهي ته تون هن جي سڄي ٺاٺ کي ۽ منهنجي پيار کي رد ڪرين...“ مون هلڪي ڪاوڙ ۾ چيو هو، منهنجو دوست منهنجي لهجي تي ڪجهه دير خاموش رهيو، پوءِ مرڪي چيائين ”تون ڏاڍو سيرس ٿو لڳين، ڇا ڳالهه آهي؟ هوءَ توکي ايڏي ٿي وڻين ڇا ؟، پوءِ مان پنهنجي دوست کي پنهنجي دل جي ڳالهه ٻڌائي ڇڏي هئي، دل جي ڳالهه ڇا هئي؟ تو سان محبت ۽ چاهت جو هڪ قصو هو منهنجي اندر ۾، جيڪو مون هن کي ٻڌايو هو، جنهن قصي جي تون ٽائيٽل ڪردار هئين پر توکي ان جي ڄَڻَ ڪَنَ به ڪونه هئي، پر منهنجي دل ۾ هڪ چاهت هئي، جيڪا چاهت ئي توکي چاهڻ لڳي هئي، توکي پنهنجي هن جنم جو حصو بنائڻ لڳي هئي، پر سچ چيو اٿن ته دل جي ڳالهه دل ۾ ئي سانديي رکجي ته بهتر آهي، پر اندر جي ڳالهه ڪٿي ٿي لڪي، سو ائين ئي ٿيو... چوندا ناهن ته عشق ۽ خون ڪٿي ٿو لڪي سگهي، سو منهنجي دل جي ڳالهه به منهنجي دل ۾ ڪٿي ٿي لڪي سگهي، نيٺ دبيل دونهي جيان ٻاهرنڪتي، ٻاهر ڇا نڪتي ڄڻ ڪو ائٽم




بم ڦاٽو... اهو منهنجو دوست ڄڻ مگٽهار بڻجي، دهُل ڳچيءَ ۾ وڄهي... ان قصي کي ائين پکيڙيو ڄڻ هو ڪو وکر کپائيندو هجي، پر منهنجي زندگي لاءِ اها ڳالهه مٺيءَ جو طوفان بڻجي پئي، جيڪو طوفان جڏهن تو تائين پهتو ته تو مون کي بلاڪ ڪري انفرينڊ ڪري ڇڏيو. هاڻي سوشل ميڊيا تي مان تنهنجي ڪابه پوسٽ ڏسي نه سگهندو آهيان ۽ تو بنا منهنجو فيس بُڪ هڪ اداس ڇوڪري جي ڄڻ سليٽ بڻجي پيو هو... ٽيون دفعو توکي پريس ڪلب جي ٻاهران ڏٺو هئم، تون بک هڙتال تي ويٺي هئين، گم ٿيل ماڻهن جي حق ۾، تو سان گڏ ٻيون به عورتون ويٺل هيون، جن سان رکي رکي تو ڳالهه ٻولهه ٿي ڪئي... ميڊيا وارا تنهنجي چوگرد پتنگن وانگر ٿي ڦريا، جن کي پنهنجي چئنلز جي لوگي وارا مائيڪ هٿن ۾ هئا، هيءَ شهر جي تاريخ ۾ پهرين بک هڙتال هئي جنهن ۾ سول سوسائٽيءَ جون تمام پڙهيل لکيل عورتون گهرن مان نڪتيون هيون، اچانڪ ڪنيي ڪنيل ماڻهن جي حق ۾، جن کي ملڪ جي چينلز ۽ اخبارن گهڻو هاءِ لائيٽ ڪيو هو، جنهن تي بي. بي. سي به هڪ پروگرام ڪيو هو، تون پنهنجي سهيليءَ سان ڳالهائي رهي هئين، مان توکي ٽڪ ٻڌي ڏسي رهيو هئس، تون به مون کي ڏسين پئي. اهو منهنجي دل ٿي چيو، پر ائين هو ڪو نه. ڇو جو توکي ناسي رنگ جو سن گلاسز اکين مٿان چڙهيل هو، جنهن جي ايتري ڊارڪ نيس هئي جو تنهنجون اکيون ئي نظر ڪو نه ٿي آيون. تو بار بار پنهنجي چهري کي ٻئي طرف ڪري ٿي ڇڏيو ۽ پنهنجي سهيليءَ سان ڳالهائڻ ۾ لڳل رهئين، مان به روزانو پنهنجي دوست سان بک هڙتال ڪئمپ تي ايندو هئس. هي منهنجو دوست صحافي هو، جيڪو پنهنجي اخبار لاءِ رپورٽنگ ڪندو هو ۽ مان هن سان گڏ سندس اخبار لاءِ موبائل ۾ فوٽا ڪيندو هئس، اها بک هڙتال ايڪيهه ڏينهن هلي هئي ۽ مان پنهنجي صحافي دوست سان اهي سڀ ڏينهن ايندو رهيو هئس، صرف تو لاءِ. انهي ڳالهه جي منهنجي دوست کي به خبر ڪانه هئي ۽ مان به هن کي پنهنجي دل جي ڳالهه ڪونه ٻڌائڻ ٿي چاهي. نيٺ تنهنجي بک هڙتال ختم ٿي، جڏهن ڊسٽرڪٽ انتظاميه ۽ تڪ جي حڪومتي ايم. پي. اي پريس ڪلب اچي توکي ڪنيي گم ٿيل ماڻهن جي آزاديءَ جو يقين ڏيارو هو ۽ توکي جوس جو گلاس پيئڻ لاءِ ڏنو ويو هو، تو جوس جي گلاس مان سَپ ڀري بک هڙتال ختم ڪئي هئي، پنڊال تاڙين جي گونج ۾ ٻرجي ويو هو ۽ پوءِ پنڊال ۾ ڪئمرا جي فليش جو آواز هو، توکي پنهنجي سهيليءَ گلن جو هار ڳچيءَ ۾ اچي پارايو هو. ان کان پوءِ تو هڪ جذباتي تقرير ڪئي هئي، تقرير ڇا هئي؟ درد جو دريا هو، اندر جي چيخ هئي، تقرير دوران تنهنجي اکين مان ڳوڙها ٽمي پيا هئا ۽ تنهنجا لفظ اندر ۾ ئي ٽٽي پيا هئا ۽ تون سڏڪن ۾ ٻڌجي وئي هئين. پنڊال ۾ ويٺل عورتن توکي ڀاڪرن ۾ اچي ڪنيو هو،

تنهنجي اندر جو ڪروڌ درد ۾ وڪوڙجي ويو هو، پوءِ تو ڪجھ بہ ڪونہ ڳالهايو هو، تون گهڻي دير تائين نِنڍڙن ٻارن وانگر سڏڪندي رهي هئين. مان تنهنجي اهڙي ڪيفيت ڏسي ڏاڍو ڏکي ويو هئس، مان پريس ڪلب جي ڄڻ خاموش ديوار ٻڻجي پيو هئس، جنهن تي تنهنجي بک هڙتال جو بينر لڳل هو، پوءِ توکي پنهنجون سهيليون گڏ وٺي ويون هيون. توکي چوٿون دفعو ڪٿي ڏٺو هئم ها ياد پئي ٿو شيخ اياز ميلي ۾، تون ڪتابن جي اسٽال تي بيٺل هئين ۽ ڪتاب ڏسي رهي هئين، تنهنجي هڪ هٿ ۾ ڪتاب بہ هو جيڪو تو ٻئي اسٽال تان خريد ڪيو هو. مان تنهنجي پرسان اچي بيٺو هئس، هي پهريون پيرو هو جو تنهنجي ايترو قريب اچي بيٺو هئس. مان ڪتاب جاچڻ لڳس، سچ تہ منهنجي دل ايڏي تہ ڌڙڪي رهي هئي جو مون کي ائين ٿي لڳو تہ اجهو ٿي دل ڇاتي ڦاڙي ٻاهر نڪري، تو هڪ نظر مون ڏانهن ڏٺو هو، مان مرڪي پيو هئس ۽ سلام ڪيو هئم، موٽ ۾ تون بہ مرڪي پئي هئين ۽ جواب ۾ ڪنڌ لوڏيو هو، ”توهان مون سان چانھ پي سگهو ٿيون“ منهنجي اندر مان ڊپيل لفظ نڪتا، تون ڪجھ گهڙين لاءِ خاموش ٿي وئي هئين، منهنجي اهڙي سوال تي، مان تنهنجي خاموشيءَ کان ڏڪي ويو هئس. مان ٻيهر ڳالهايو هو ”توهان کي ڪجھ خراب لڳو آهي تہ مان معافي جو طلبگار آهيان“ منهنجي اهڙي ڪيفيت ڏسي پوءِ تو منهنجي چهري ۾ چتائي ڏٺو هو... پوءِ تو هلڪو ٽهڪ ڏنو هو ۽ اکين جي اشاري سان ها ڪيو هو. اسان ڪينٽين ڏانهن آيا هئاسين، اياز ميلي ۾ ماڻهن جي رش هئي، سيني ماڻهن جون نظرون اسان جي ٽيبل تي ختم ٿي ٿيون، اهو تون بہ ڄاڻي پئين، تون ڪاري ساڙهي ۾ مندر جي ديوي پئي لڳين ۽ هر اک تنهنجي پوڄا لاءِ ڄڻ آتي هئي. ”تون ڇا ڪندو آهين؟“ تنهنجي اچانڪ سوال تي مون ڇرڪ ڀريو هو ”مان سول انجنيئرنگ ۾ گريجوئيٽ آهيان“ اڇا... پوءِ ادب سان تنهنجو ڪهڙو واسطو آهي، جو تون ادبي ڪتاب پيو وٺين، توکي تہ ... ”تو جملو پورو نہ ڪيو هو“ پڙهڻ جو شوق آهي، بس ايترو ئي آهي“اڇا، ٻيا ڪهڙا شوق آهن تنهنجا؟“ تو اهو ڄڻ ٽوڪ مان پڇيو هو ”ٻيو ڪو شوق ناهي“ مون اکيون هيٺ ڪري ڇڏيون هيون... تو ڳالھ مان ڳالھ ٿي ڄڻ ڪڍي ”ڇوڪرين سان دوستي رکڻ جو شوق، جيئن هر ڇوڪري جي ميڄالي ۾ تڏو هوندو آهي تہ ڪوڙ ساريون گرل فرينڊ هجن“ ”پر مان اهڙو ڇوڪرو هرگز ناهيان“ مان ڄڻ پنهنجي صفائي پيش ڪئي تنهنجي اڳيان... ”اڇا گهڻا سال ٿيا اٿئي پاس ڪندي“ ”ست سال“ ”نوڪري اٿئي“ ”نہ نوڪري ڪونهي“ ”نوڪري ڪونهي“ ست سال وڏو عرصو آهي، پوءِ ڪا نوڪري ڇو نہ پيو ڪرين. ”خانگي نوڪري هئي چار سال، پر ڪمپني پراجيڪٽ پورو ڪري هلي وئي تہ نوڪري بہ هلي وئي“ ”هاڻي ڇا ارادو آهي تنهنجو ؟“ ”دبئي جاب لاءِ اپلاءِ ڪيو آهي، اهو ٿي ويو تہ هليو ويندس. تون ڪجھ دير خاموش ٿي وئي هئين، مان بہ خاموش رهيس ۽ تنهنجي اڳيان رکيل ٽيبل تي تنهنجي ورتل ڪتابن جا ٽائيٽل اندر ئي اندر پڙهڻ لڳس... تہ تو خاموشيءَ کي ٽوڙيو هو... ”تون هن ئي شهر ۾ رهندو آهين؟“ ”ها هاڻي تہ هن ئي شهر ۾ رهندو آهيان“ ”مطلب، مطلب تہ پهريان اسان ميرپور ۾ رهندا هئاسين، بابا جي فوت ٿيڻ کانپوءِ اسان هن شهر ڏانهن هليا آياسين“ ”ڇا ٿيو هو تنهنجي پيءُ کي؟“ ”مان انهن ڏينهن ۾ هاسٽل هئس، امان ٻڌائيندي آهي تہ بابا آفيس کان ان ڏينهن دير سان موٽيو هو، ماني بہ ڪونہ کاڌي هئائين، هو خاموشيءَ سان وڃي ڪمري ۾ ستو هو، اهو جنوري جو مهينو هو، صبح جو بستري تي بابا هڪ سرد جسم ٻڻيو پيو هو“ تون ڪجھ دير لاءِ خاموش ٿي وئي هئين، انهي دوران تنهنجي موبائل فون جي بيل وڳي هئي، فون ڪنهن جو هو، مان نٿو ڄاڻان تو ڳالهايو نہ هو... رڳو هون... هون... ڪري جواب ئي ڏنو هو، تو فون بند ڪري مون ڪي تيز نگاھ سان ڏٺو هو... تنهنجي چهري جون ريکائون بدلجنديون ويون ۽ مون کان تو پڇيو هو ”تون مون کي سڃاڻين؟ تہ مان ڪير آهيان“ ”جي بلڪل مان توهان کي سڃاڻان، پر توهان کي ڪير نہ سڃاڻي، توهان تہ سول سوسائٽيءَ جي اهم شخصيت آهيو، تمام سٺا ڪهاڻيڪار آهيو، ناولسٽ آهيو، ڪالميسٽ آهيو“ ”بس بس گهڻو ٿي ويو، اصل ۾ مان تہ توکي معصوم ٿي سمجهيو... پر تون تہ ڏاڍو تيز آهين“ ”تيز... پر مان پڙهيو آهي توهان کي اهو بہ دل سان“ ”اهو دل سان ڪيئن پڙهبو آهي“ تو ٿورو طنزيا مسڪرايو هو مان خاموش ٿي ويو هئس، مون کي خاموش ڏسي تو ٻيهر ڳالهايو هو ”توهان سان شايد، منهنجي پهرين بہ ملاقات ڪٿي آهي“ ”نہ پهريان ناهي“ مان ٿورو هٻڪيو هئس ”مطلب تہ پاڻ اڳ ڪڏهن بہ ڪونہ مليا آهيون“ تو ٻيهر منهنجي چهري ۾ چتائي ڏٺو هو ”بلڪل ڪڏهن بہ ڪونہ مليا آهيون“ مان ڪوڙ ڏاڍي معصوميت سان ڳالهائي ويو هئس... هي پهريون دفعو هو جو تو منهنجي اکين ۾ اکيون وجهي ايترو ويجهو کان چتائي ڏٺو هو، مون اکيون ٻئي طرف ڪري ڇڏيون هيون، ڪينٽين واري ڇوڪري چانھ جا ٻہ ڪپ اچي رکيا هئا، تو ڪپ کڻي سپ ڀري هئي، مان بہ ڪپ کڻي سپ ڀري هئي. چانھ گرم هئي ۽ سپ ڀرڻ سان منهنجو مٿيون چپ سڙيو هو... مون جلدي ڪپ هٽائي ڇڏيو هو، جيڪو تو بہ محسوس ڪيو هو. ”توهان ٻيا ڪهڙا ڪهڙا اديب پڙهيا آهن“ تو پڇيو هو ”هونئن تہ ڪوڙ پڙهيا آهن، پر موپاسا، امرتا پريتم، منٽو، امر جليل، ڪرشن چندر مون کي ڏاڍا پسند آهن“ ”تو انهن کي واقعي پڙهيو آهي يا نالا کڻي مون تي امپريشن پيو وجهين“ تون مرڪي پئي هئين ”نہ اها ڳالھ ناهي، مون بلڪل انهن کي پڙهيو آهي، پر...“ ”پر ڇا؟“ ”پر مون کي تون ڏاڍي وڻندي آهين“ اهو پهريون دفعو هو جو مان تنهنجين اکين جي رستي تنهنجي دل ۾ لهي ويو هئس ۽ دل جي ڳالھ ڪري ويٺو هئس، تو منهنجو توهان مان تون ٻڌي، ڇرڪ ڀريو هو. تنهنجي چهري جون ريکائون بدلجي ويون هيون، چهرو تنهنجو ڄڻ تپي ٽامڻي ٿي پيو هو... تو هيڏانهن هوڏانهن ڏسي منهنجين اکين ۾ ائين گهوريو هو جيئن ڪو ٻڪايل شينهن سامهون شڪار کي ڏسندو هجي. ”توکي مان وڻندي آهيان يا منهنجون لڪٽيون“ تنهنجي لهجي ۾ ڪجھ ڪاوڙ جي تيزي اچي وئي هئي، اهي تنهنجا لفظ بہ هئا ڄڻ اچانڪ تو منهنجي مٿان تيزاب هاريو هو... مان پاڻ کي



سنڀالي نہ سگهيو هئس، بس خاموش ئي رهيو هئس. تون اتان اٿي هلي وئي هئين، اهو چئي ڪري ”تون اهو ئي فيس بُڪ وارو فرينڊ آهين منهنجو، جنهن کي مان بلاڪ ۽ انفرينڊ ڪري ڇڏيو آهي...“

# مختصر ڪهاڻيون

## ايمان بي ايمان جي لڪير

پير عبيد راشدي

درياهه، واهه ۽ سمنڊ گدلا نه ٿيندا آهن، پر ماڻهو انهن کي گدلو ڪري ڇڏيندا آهن. پاڻي ته ازل کان پاڪ پويتر ٿيندو آهي، پکين جي اڏار ۽ پاڻيءَ جي وهڪري جي ڪا به سرحد نه ٿيندي آهي. واڊو واهه، نالي ۾ واهه، باقي آهي گند جو ڍير! واڊو واهه مين نسيم نگر چوڪ ويجهو جهڳين ۾ رهندڙ جمعدار ٻالي شاهي، باگڙي ۽ ڪولهي قبيلي جي انهن بي سمجهه ٻارڙن وانگر آهي، جن کي خبر نه هوندي آهي ته سرد گرم موسم ۾ خيرات لاءِ هٿ ڊگهو ڪرڻ ۽ جبري پورهيو ڪرڻ ڪيڏو عذاب ٿيندو آهي. انهن قبيلي جي بي سمجهه ٻارڙن کي اها به خبر ناهي هوندي ته نسيم نگر چوڪ تي هر ڏينهن سياسي تنظيمن جا ڪارندا ڀتا وٺي ڊرٽو هٽين لفظن جا ڦوڪٽا ڦوڪي ڇو بي اونا ٿي سمهي رهندا آهن؟؟ گندگي نه رڳو وچ شهر مان لنگهندڙ وڏاو واهه ۾ پر ڀرپاسي جي آبادين ۾ مينهن وسي نه وسي پر گهرن ۽ اپارٽمينٽن آڏو اٿليل گٽرن جي ڪري رستا پاڻيءَ هيٺ جو ماڻهن کي ساهه کڻڻ وقت اٻڪارا پيا ايندا آهن. سٽي گورنمينٽ جا جمعدار صفائي جي بهاني گند ڪچرو ۽ ٿيلهيون گٽر ۾ اڇلائي ويندا آهن. اوڙي پاڙي وارا چندو ڪري جمعدارن کي صفائي لاءِ گهرائيندا آهن پر گٽر پو ڊائي ماڻهوءَ ۽ رولو جانور وانگر آڦريءَ جو شڪار. ڪنهن هڪ ڏينهن هڪ عورت گهر مان منهن ڪڍيو نڪ تي ٽشو پيپر هئس هن پهرين هيڏانهن هوڏانهن لوڙهو هنيو ۽ پوءِ پاڙي جي گهر جي ٽيرس ۾ بيٺل عورت کي ڪيڪار ڪري ۽ ساڳي شڪايت ڪئي. ”ماريا نپٽا حرام خور جمعدار سرڪاري پگهارون به کڻن، خرچيون ۽ اوبر سوبر پڻ تڏهن به گٽرن جو پاڻي رستن تي؟“ ٽيرس ۾ بيٺل عورت کو جواب ڏي، چپ ماهوٽن جي شهر جي ٽڪيل زيتونن جهڙا به اڌ ڪري انهيءَ کان اڳ روڊ تان مٽندڙ ڪار جي ڦرندڙ ٽائرن گندي پاڻي جون ڦينگون گهرن جي ديوارن ۽ ماڻهن جي ڪپڙن تي ايبسٽريڪٽ ۽ ريئل ازم آرٽ جا چٽ ٺاهي ورتا. ”انهن بي ايمان بي دين جمعدارن جو ڪهڙو ايمان باقي خرچي ۽ لٽو پٽو وٺڻ لاءِ هر در تي بيٺل هوندا آهن.“ ٽيرس تي بيٺل عورت جو ڪڙڪو اوڙي پاڙي ٻڌو. ”ميڊم صاحبه! توهان ڌرمي، ايماندار! اسان اڌرمين جو ڪهڙو ويساهه ايمان؟“ جمعدار گٽر ۾ لٿل هو هن جو سوال ٻڌڻ پاڻي جو ڇٻڙڪو. جمعدار منهن ڪڍڻ کان اڳ فرينچ ليدر جو مچڪو فوٽ پاٿ تي اڇلايو. عورتون هڪيون ٻڪيون ٿي گهرن ۾ موٽي ويون ڪنهن گهر جي ٽيرس ۾ مرد پڪائي سان مرڪي پنهنجي پيٽ تي هٿ ڦيرائي پيٽ سور جا بهانا ياد ڪيا.

******

## سڏارو

شگفته شاهه

هو بيحد محنتي ورڪر هو- هميشه محنت ۽ ايمانداري سان پنهنجو ڪم وقت تي پورو ڪندو هو پوءِ به سندس آفيسر توڙي ساٿي ورڪر هن مان خوش نه هئا ۽ سندس ڪم مان پيا خاميون ڳولهي ڪڍندا هئا ته کيس افسوس ٿيندو هو ته سڀ سندس ڪم جون معموليون خاميون ته ڏسندا هئا باقي بهترين پرفارمنس جي تعريف ڪڏهن به ڪونه ڪيائون.

هو هر وقت سوچيندو هو ته آخر هن کان غلطي ڪهڙي پئي ٿئي؟ هو پنهنجن آفيسرن ۽ ساٿي ورڪرن کي ڪيئن مطمئن ڪري؟ هن وڌيڪ وقت ڏنو ۽ آفيس ٽائيم کانپوءِ به وينو ڪم ڪندو هو پر صورتحال ۾ بهتري نه آئي. آخر گهڻي مٿي ماري کانپوءِ کيس اندازو ٿيو ته هو ڪهڙي غلطي ڪري رهيو هو. هن پنهنجي ان ”خامي“ کي دور ڪيو ته آفيسر به هن جي ڪم مان خوش ٿيا ۽ سندس تعريف ڪندي پروموشن ڏنائونس ۽ سندس ساٿي ورڪر به هن جي ڪم مان خوش هئا. هن کي تمام دير سان اندازو ٿيو ته هو ڪهڙي غلطي ڪري رهيو هو. دراصل هو اصولن، قاعدن ۽ قانونن تي عمل ڪري ايمانداريءَ سان ڪم ڪندو هو سو هاڻي هو به سيني جيان لاپرواهي ۽ بي ايماني ڪرڻ لڳو هو. دير سان ايندو هو ۽ سوير هليو ويندو هو.... هو به هنن جهڙو ٿي ويو هو، سو سڀ سندس دوست بڻجي ويا.

******

تاثراتي ڪهاڻي

## راڪاس يا برڙ باڪاس!

سليم چنا


صبح سوير نيرن پاڻيءَ کان اڳ ۾ مان پنهنجي گهر جي ڇت جي هڪ ڪنڊ ۾ رکيل ٺڪر جي ٻن وڏين پاٽين ۾ تازو پاڻي ڀري پاسي کان رڌل چانور، سڪي ٻاجهر يا دال پکين لاءِ رکندو آهيان. منهنجي گهر جي ڇت جي پاسي کان جوڙايل هڪ وڏي ڪمري جنهن جو مٿيون اڌ حصو لوهي پڃري جو آهي، تنهن ۾ منهنجو پاڙيسري جو ساجهر بند ڪمري جو در کولي، ڏاڍي لاپرواهي سان داڻو پٽ تي اڇلائي خالي ٿيل پاٽين ۾ پاڻي هاري ڇڏيندو آهي. هن جا سڀ ڪبوتر ان ڪمري نما پڃري ۾ ئي قيد هوندا آهن، پر منهنجي گهر جي ڇت تي ايندڙ سڀ ڪبوتر آزاد هوندا آهن. جيڪي بلند فضائن ۾ ڊگهي اڏام اڏري، ٿڪ اڇي منهنجي ڪوني تي ڀڃي، پاڻي پي، داڻو چُڳي پاڻ ۾ پيا آسماني پرواز ۽ آزاديءَ جون ڳالهيون ڪندا آهن. هڪ ڏينهن ڏک وچان دانهن ڏيندي مون کي چيائون، هن سامهون لوهي پڃري واري بندي خاني ۾ اسان جا ڀائر ۽ ڀينرون ائين قيد آهن جيئن ڪنهن طلسماتي هنڌ تي راڪاس يا برڙ باڪاس وٽ پريون، جل پريون، شهزاديون ۽ شهزادا قيد هوندا آهن.

Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

## ڪتاب تي تبصرو

# واجهائيندي ورهہ ٿيا

سدرت المنتهيٰ جيلاني




ٻار جمندو آهي ۽ ٻاڻ سان گڏ ڪا ڪهاڻي ڪٿي ڄمندو آهي ۽ جيئن جيئن سندس حياتي وڌندي آهي تيئن تيئن ڪهاڻي گڏ سرجندي آهي وڏي ويجهي ۽ ساهہ کڻندي آهي جيئن ڦيريون ڏند ڀڃي، قدم کڻي، ڏڪ لڳي، ڏانهن ڪري ۽ ٻاڻ سنڀالي وري اٿي ٿو. ڦيريون اڪر ونءِ ٿو امڙ چوي ٿو ۽ زندگي طرف هن جو لاڙو ڀرپور ٿيو پوي. منهنجي خيال ۾ ڪهاڻي بہ اهڙي طرح وک وک کڻندي هوريان هوريان پنهنجي سفر ۾ ڪيترائي تجربا ڪندي انيڪ رنگن روپن لاڙهن چاڙهن مان گذري شاداب ٿيندي آئي آهي. ڪهاڻي بہ اها جنهن ۾ ڪهاڻي ٻاڻ برابر موجود هجي جنهن ۾ حياتي برابر موجود هجي تنهن ۾ ڀلي اضافي لفظن جو استعاراتي محل نہ بہ جوڙيو وڃي ڀلي تشبيهات جي لاجواب اٽٽ نہ بہ ڪئي وڃي تنهن ۾ ڀلي ڪو خوابناڪ منظر نامو نہ سجايو وڃي ڀلي طرز تحرير جي انوکي چادر مٿي ڪا منفرد گلڪاري نہ ٿي هجي تڏهن بہ جي ڪهاڻي ڪهاڻي جي فن سان آراستا آهي، ڪهاڻي خود زندگيءَ سان آراستا آهي تہ پنهنجي پر ۾ هڪ ڏار حيثيت ٺاهي وٺندي آهي.

شگفتہ شاهہ صاحبہ جي ڪهاڻي بہ ائين ئي زندگيءَ جي سمورن احساسن سان ويجهڙائي رکي ٿي جنهن ۾ خاص طور تي شهري عورت جي زندگيءَ جي ڪيترن مسئلن تي روشني وڌي وئي آهي نہ رڳو روشني پر راهہ بہ سجهائي وئي آهي. چاڪاڻ تہ ليکڪ جو مقصد فقط نشاندهي ڪرڻ نہ پر راهہ ڏسڻ بہ هوندو آهي. ليکڪا جي ڪهاڻي سان هن جي ڪميٽمينٽ ڀرپور نموني نظر اچي ٿي. مون وٽ سندس تازو مارچ 2018 جو ڇپيل ڪهاڻين جو مجموعو ”واجهائيندي ورهہ ٿيا“ موجود آهي. جيڪو ناري پبليڪيشن پاران ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. هن ڪتاب جي قيمت 300 رپيا آهي، هي ڪتاب 272 صفحن تي ٻڌل آهي. شگفتہ شاهہ وٽ هن دور جي عورت جي اهم مسئلن، احساسن ۽ آوازن جو هڪ جهان آهي. سندس ڪهاڻي فطري سادگي سان ڀرپور آهي.

”مائي منل ۽ زري“ جنهن ۾ پري ٻهراڙيءَ مان ڪتان ڳوناٽيون شهر ڪم ڪرڻ لاءِ آيون آهن سندن اٿڻ ويهڻ، ڳالهہ ٻولهہ ۽ معصوم حرڪتن ڪهاڻي ۾ دلچسپ رنگ ڀريو آهي تہ ٻئي پاسي ڪهاڻي ”مون مارو مجيا“ ۾ ڪامني ڪولهياڻي جي سادي شخصيت ۾ بہ سونهن جو هڪ نرالو عڪس ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڪامني هن معاشري جي اها عورت آهي جيڪا اڻپڙهيل هئڻ جي باوجود بہ پنهنجي حقن جي سڃاڻپ ۽ آگاهي رکي ٿي، جنهن شعور ۽ سوچ جي لوچ هن جي سادگي ڀريل حسن کي بہ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. وري ڪهاڻي ”وارث“ جنهن ۾ هڪ اديب محقق جي وفات ڪانپوءِ سندس پٽ ملڪيت جي ورهاڱي جو حساب ڪتاب ڪرڻ ويهي ٿا رهن ۽ ڏيءَ سندس ڪتاب سوگها ڪري ڪنهن وڏي لائبريري ۾ ڪارنر ڪولرائڻ ڪانپوءِ هن ريت سوچي ٿي، آخر مائٽ ڌيئرن جي ڄمڻ تي ناخوش ۽ پٽن جي پيدائش تي خوش ڇو ٿيندا آهن جڳ ۾ پٽ وارث هوندا آهن، پر آخر ڇا جا؟ فقط ملڪيت جا!!

ڪهاڻي ”بک ۽ اديب“ ۾ وري معاشري جي ان خود پرست حلقي تي تنقيد آهي جيڪو ظاهري طور علم دوست آهي، هڪ اديب جيڪو پنهنجي پرڏيهي دوست اڳيان غريبن جو هڏڏوکي ۽ تحريرن ۾ وڏن وڏن مسئلن تي درد مندي جو اظهار ڪندڙ آهي، پر غريب آبادي کي وڏن ماڻهن لاءِ گدلاڻ جو سبب ڳڻائي پنهنجا تعلقات استعمال ڪندي لڏائي ٿو ۽ غريب ماڻهو ڪجهہ بہ نٿا ڪري سگهن. انساني حقن جو جتي ذڪر ڪجي اتي ٿوروئي اڳيان هلي ڪهاڻي ”سوال“ ۾ شهري گهرن ۾ ڪم ڪندڙ عورت جي ڪنهن مجبوري بيماري ۾ بہ مخصوص موڪل يا سهولت نہ ڏيندڙ ورڪنگ ليڊيز خود مهيني ۽ سال جون موڪلون پنهنجي اداري ڪان وٺن ٿيون. ڪهاڻي ”عورت جي هڪ ڪٿا“ ۾ هڪ غير شادي شده عورت هيڊ ماسترياڻي جي سخت مزاجي جي ڪري هوءَ ڪيترين ئي نوڪري پيشہ شادي شده عورتن جي مسئلن کي نٿي سمجهي سگهي. ڪهاڻي ”ضرورت رشتا“ ۾ ڇوڪرين جي وڌندڙ عمر سبب ذات پات جي ڪري ٿيندڙ مسئلن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. ڪهاڻي ”روبوٽ عورت ۽ فنڪار“ ۾ هڪ گهريلو عورت ذميوارين کي نڀائيندي پنهنجي فن جي ڪٿارسس جي اظهار کي مخصوص وقت نہ ڏيڻ جي ڪري اجايل رهجي وڃي ٿي. ڪجهہ اڳتي هلي ڪهاڻي ”امن جي تلاش“ ليکڪا جي مخصوص انداز ڪان هٽي ڪري علامت جو سهارو ورتو آهي. هتي ڪهاڻي جي اڻت جو بہ هڪ منفرد انداز آهي تہ لفظن سميت احساسن جي شعور جي اپٽار بہ ملي ٿي، جنهن کي هڪ خواب جي صورت ڪجهہ هنئين ڏيکاريو ويو آهي.

مون ڏٺو اڳيان ڪجهہ ماڻهو ڪليل تابوت ۾ ڪو لاشو ڪلهن تي کڻي وڃي رهيا هئا، جن پويان هر عمر جي ماڻهن جو هجوم ڏيکاريو ويو آهي، جنهن هجوم ۾ هر طرح جي فرقي مذهبي، قومي ۽ ٻي راهہ روي هٿان مسخ ٿيل ثقافت روايت نظرين توڙي انساني جانين جو خون ۽ زخمي ٿيل حالتن جو ويچار آهي، جيڪو ويچار صرف انسانيت جي بنيادي حقن ۽ محبتن جو آواز پڻ آهي هڪڙو احتجاج پڻ، جيڪو شعور کي ڌونڌاڙي ڇڏي ٿو.

## پروفائل

# قمبراڻي قبيلي جي تنزيلا سنڌ اسيمبليءَ ۾

ناصر بلوچ

تنزيلا قمبراڻي جو تعلق ماتلي شهر جي شيدي قبيلي سان آهي. هوءَ 1979ع ۾ ماتلي شهر ۾ ڄائي هئي، پاڻ ڪمپيوٽر سائنس ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پوسٽ گريجوئيشن ڪئي اٿس. هوءَ ٽن ٻارن جي ماءُ آهي، سندس والد هڪ وڪيل هو ۽ سندس والده اسڪول ۾ هيڊ مسٽريس هئي. هن جون ٻه وڏيون ڀينرون آهن جيڪي پرڏيهه ۾ پرڻيل آهن. سندس چوڻ آهي ته 1960-70 واري ڏهاڪي جي ڳالهه آهي جڏهن سندس والد صاحب ٽنڊو محمد خان ۾ وڪالت ڪندو هو ته ماتلي جي شيدي برادري جو نوجوان عبدالباري وڪيل بڻجي ڪورٽن ۾ پيش ٿيڻ لڳو. خوشي جي ڳالهه آهي، وڪيل عبدالباري صاحب پنهنجو علم ۽ شعور اولاد ۾ به منتقل ڪيو ۽ هينئر سندس نياڻي سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ٿي آهي. جنهن تي آئون ڪيس واڌايون پيش ڪريان ٿو. تاريخي طور شيدي اصل آفريڪا کنڊ جا رهاڪو آهن ۽ اسان وٽ سنڌ ۾ وڪرو ٿي غلام بڻجي آيا. پوءِ جڏهن دنيا ۾ غلامي جي لعنت ختم ٿي ته هي به آزاد انسان طور پنهنجي زندگي گذارڻ لڳا ۽ گذر سفر لاءِ مختلف ڌنڌا اختيار ڪيا.

سندن گذريل ٻه سئو سالن واري زندگي تي نظر وجهبي ته معلوم ٿيندو ته منجهن تعليم تمام گهٽ رهي آهي ۽ غربت گهڻي آهي. وڪيل عبدالباري پڻ غريب هو، نه صرف پاڻ پڙهيو پر علم جو ڏيئو روشن ڪري لاٽ پيدا ڪئي. جنهن جو فائدو اڄ سندس اولاد حاصل ڪري رهيو آهي ۽ سندس ڌيءَ تنزيلا شيدي پاڪستان پيپلز پارٽي طرفان خواتين جي خاص سيٽ تي ايندڙ پنجن سالن لاءِ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر بڻي آهي. جيڪا ڳالهه شيدي برادري لاءِ فخر جو سبب آهي. توڙي جو قومن جي زندگي ۾ پنج سال ڪي اهميت نٿا رکن، پر انفرادي حيثيت سان پنج سال گهڻا آهن جن ۾ گهڻو ڪجهه ڪري سگهجي ٿو.

سنڌ جي شيدي برادري جي خوش نصيبي چئجي جو مرحوم محمد صديق مسافر جي شخصيت سندن لاءِ رول ماڊل طور موجود آهي. جنهن جي ڏسيل واٽ تي هلڻ سان، نه صرف پنهنجي بلڪ سنڌ جي تقدير بدلائي سگهجي ٿي. ان سلسلي ۾ منهنجي تجويز آهي ته سندس ڪتابن کي ڇپرائي برادري ۾ مفت ورهايا وڃن. سڀني ڪتابن ۾ خاص طور "غلامي ۽ آزادي جا دردناڪ نظارا" وري وري پڙهڻ گهرجن. مسافر صاحب اوڻيهين صدي جي غلامي جي دردناڪ عذابن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته "ان وقت اسان جي غلامي جا ٽي سبب هئا، نفاق، غربت ۽ جهالت."

قبيلا معمولي ڳالهين تان وڙهندا هئا ۽ فاتح، مفتوح قبيلي جا ماڻهو قيد ڪري انگريزن کي وڪرو ڪندا هئا. ڪتاب ۾ شيدين تي ٿيندڙ دردناڪ واقعا پڙهجن ته اڄ به لڱ ڪانڊارجو وڃن.

اڄ به اسين غور ڪريون ته اسان وٽ ٻه سئو سال اڳ واريون ئي حالتون آهن. نفاق، غربت ۽ تعليمي تباهي سبب جهالت وڌيڪ آهي ۽ آبادي ۾ خطرناڪ اضافي اسان جي مستقبل کي پڻ خطرناڪ ۽ تاريڪ بڻائي ڇڏيو آهي. هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي...!؟

يقينن تنزيلا، شيدي برادري لاءِ اميد جي علامت طور اڀري آهي ۽ ڪيس اميدن تي پوري لهڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي. سڀ کان اهم ڳالهه آهي ته آبادي جي بي پناهه اضافي تي ڪنٽرول ڪيو وڃي ته جيئن ترقي جا فائده ضايع نه ٿين. ان لاءِ وڏي پيماني تي علمي ڪم جي ضرورت آهي.

ضروري آهي ته تعليم عام ڪئي وڃي ۽ پرائمري تعليم جو معيار بهتر بڻايو وڃي. تعليم سان ئي شعور پيدا ٿيندو ته آبادي تي به ڪنٽرول ڪري سگهبو. نفاق ۽ غربت کي ختم ڪرڻ لاءِ به هٿيار تعليم ئي آهي. ان لاءِ جدوجهد سان گڏ سماجي رابطا وڌايا وڃن ۽ غربت جي خاتمي لاءِ عورتن جي گهريلو هنرن کي هٿي وٺرائي وڃي.

جيڪڏهن تعليم جي بهتري، آبادي تي ڪنٽرول لاءِ پنج سال مسلسل ڪم ڪيو وڃي ته گهڻي ڀاڱي نفاق، غربت ۽ جهالت ختم ڪري سگهجن ٿا. جنهن جا مثبت نتيجا سڄي سنڌ تي پڻ اثر انداز ٿيندا.

اميد ڪجي ٿي ته تنزيلا اجتماعي ڀلائي جا ڪم ڪري، پنهنجو نالو تاريخ جي سنهري اکرن ۾ لکرائيندي. قدرت طرفان ڪيس سونهري موقعو عطا ٿيو آهي، جيڪو ضايع نه ڪرڻ گهرجي.



## تاج بلوچ

نادانيءِ ۾ جڙهين
دانائي جو اظهار ڪندين آهين
تڏهين ڪاپي ڪلچر جو منظرنامو
آڏو ايندو آهي
۽ تنهنجون حسناڪيون
انڌي ڪان
لٺ ڪسڻ جهڙيون ٿي پونديون آهن.

## غزل

### امداد حُسيني

تون ڇا آهين؟ مان ڇا آهيان؟
تون ساگر، مان دريا آهيان!
تورن لفظن منجهه چوان جي
توبن يَر! بي معنيٰ آهيان
هيڏي ساري جڳ ۾، تنهنجي
هُوندي سُوندي تنها آهيان
رات ڇئي ويئي سُپَني ۾:
"مان ئي تنهنجي سُپَنا آهيان!"
هونئن تہ هڪ ريڪا آهيان، پر
تنهنجي هٿ جي ريکا آهيان!
ها، سنڌيءَ ۾ ڪوتا آهيان
للاٽ تي ڄڻ ليکا آهيان!
توڏي ايندڙ، توڏي ويندڙ
سائڻ سارا رستا آهيان!
سنڌڙي تنهنجو عاشق صادق
آهيان آهيان ها ها آهيان!

## غزل

### شوڪت اڄڻ

نکو ياد آيس، نہ ئي تو وساريو،
محبت ۾ ائين تو اسان کي وساريو.
پريل جام وانگي رهيس تنهنجي سامهون،
نکو جام پيتئي، نہ تو مون کي هاريو.
اڏورو وسايل رهياسون ڪو شعلو،
نکو مون کي ٺاريئي، نہ تو مون کي ٻاريو.
محبت ۾ منزل ڏنئي پي تہ اهڙي،
نہ ئي تو جياريو، نہ مون کي تو ماريو.
ملي جان اڌاري حياتي اسان کي،
نہ پنهنجي ڪيئي تو، نہ ٿيس آئون ڌاريو.

## غزل

### ادل سومرو

سونهن کي ڏيندو سلامي ٿو اچي
عشق ٿوڙي، هر غلامي ٿو اچي
ڄڻ ٻري ٻيهر پوي ٿو مرڪ سان
تنهنجي، در تي جو اجهامي ٿو اچي
پيار آهي پرهه جهڙو ڪو پڪي
سمنڊ دل جي، تان اڏامي ٿو اچي
وار ڇوڙي رقص ۾ آ شاعري
شاهہ، سچل ۽ هو سامي ٿو اچي
تون غصي، ۾ ٿي وڃين تلوار ٿي
ڪو ستمگر ڄڻ تہ شامي ٿو اچي
ڪربلا محلي ۾ آهي منهنجو گهر
درد ئي مون ڏي مدامي ٿو اچي
مئڪدا تنهنجن اکين جا پُر خُمار
جام ٿوڙي ڪوئي جامي ٿو اچي.

## غزل

### نور گهلو

ڪنهن جو نام و نشان گذري ٿو،
دل جو ڪو داستان گذري ٿو.
تون نہ آهين تہ منهنجي دل ۾ پرين،
ڪهڙو ڪهڙو گمان گذري ٿو.
دل جي ڌڙڪن وڌي وئي آ ڇو،
ڪو تہ ڏس مهربان گذري ٿو.
سلسلو لڙڪ، مرڪ جو ڪيڏو،
پيار جو ڪاروان گذري ٿو.
چنڊ تارا ڪٽي، اچو سائين،
عشق جو آسمان گذري ٿو.
ڳالهہ، ڳالهين ۾ ايئن نڪري ٿي،
تنهنجو ڄڻ ڪو بيان گذري ٿو.
تون تہ پاڳل هين، دل جهروڪي مان،
ڏس تہ ڪهڙو جُوان گذري ٿو.
ڪهڙو ڪهڙو ڪجي بيان هتڙي،
روز ڪو امتحان گذري ٿو.
وقت گذري نٿو، سوا تنهنجي
هونئن تہ هرڪو زمان گذري ٿو.

## غزل

### سيد سراج

اوهان جي رات جا رستا ڏٺاسين،
ستارن کي بہ گلدستا ڏٺاسين.
اوهان مُرڪي، ڏنو ۽ زندگيءَ جا،
سيئي راز سربستا ڏٺاسين.
نہ عُضوا، ٻارڙن جا خواب اڏريا،
ڌماڪي ۾ سڙيل بستا ڏٺاسين.
ٻڌي پيرن ۾ ڇيرن کي نچياسين،
اوهان جا نيڻ سرمستا ڏٺاسين.
پلي وڪرو ٿين ها، ڏک نہ ٿئي ها،
وڪاڻا ٽوڪ تي سستا ڏٺاسين.

## نثري نظم

### ڊاڪٽر اقبال دانش مهر

ادب ويو، حيا ويو،
سوز ويو ۽ ساز ويو،
هاءِ ڪهڙو نہ اچي وقت ويو.
نہ حيا رهيو، نہ حجاب رهيو،
نہ ڀرم رهيو، نہ شرم رهيو،
هاءِ ڪهڙو نہ اچي وقت ويو.
نہ عِلم رهيو، نہ عمل رهيو،
نہ فهم رهيو، نہ قلم رهيو،
هاءِ ڪهڙو نہ اچي وقت ويو.
نہ ڪا رسم رهي، نہ ڪو رواج رهيو،
نہ ڪا وفا رهي، نہ ڪا ادا رهي،
هاءِ ڪهڙو نہ اچي وقت ويو.
نہ ڪا سخا رهي، نہ ڪا جفا رهي،
نہ ڪو پيار رهيو، نہ ڪا پريت رهي،
هاءِ ڪهڙو نہ اچي وقت ويو.
نہ ڪي عزت رهي، نہ ڪي عظمت رهي،
نہ ڪي ڄاڻ رهي، نہ ڪي سڃاڻ رهي،
هاءِ ڪهڙو نہ اچي وقت ويو.
رڳو دغا ئي دغا، رڳو انا ئي انا،
نہ ڪو دانش مهر لحاظ رهيو، نہ ڪو فياض رهيو،
هاءِ ڪهڙو نہ اچي وقت ويو،
هاءِ ڪهڙو نہ اچي وقت ويو.

## غزل

### اداس اصغر جوڻيجو

کندو ساوڻ سٽايون جهجهيون لڳي ٿو هيل، تون اچجان
ٻڏي مورن جا ٽهوڪا ڏسي وسندل مينهن، تون ملجان
سالن جا سال ٿي جهولن لوسائيا لڳ، تنهنجا منهنجا
اڄ لڳٺي آ ٽڏڙي هير، مون کي وساري نہ ويهجان
گڏجون پاڻ ۾ اپ هينئان، جهڙ وسيو جهمريون هٿي
تون بہ پراڻو ويس مٽائي، سينڌ ڪري سنيري پئجان
ڪندا بر بهاري وڏي، بوندن جي برسڻ سان
اتي هرٽي جي هلٽي، اچي چالون هٽڻ ڏسجان
ٽوبا مونهان منهن پربا، ترايون بہ ويندبون تار ٿي
ان پاڻي مان گاگهر، ڀري ڪا ڇانو ۾ رکجان
پٽن جي ٻر ڀُلائي مون کي، متان ويهي رهين ڀورل
ايندل ڏسين جي ڏورئون، هٿي هام هليو اچجان
ڏسيو ڊيلن کي مور، رقص ڪندي ڊاپن نٽا
اتي "اصغر اداس" کي تنهنجو الڪو اچي رسجان.

## غزل

### اداس لُنڊ

ڏنم بيدرد ماڻهو گل پٽيندي،
پٽيندي ۽ ويا پٽ تي سٽيندي.
اميدن جي تہ آئيني کي پيارا،
لٽي وئي دز وڇوڙن جي لٽيندي.
مليو شيرين سان فرهاد آخر،
محبت ۾ پهاڙن کي ڪٽيندي.
اسان جي واٽ تي ڪاوا رکيا ويا،
ڀڳاسين پير تو تائين ڦٽيندي.
اجا منصور ايندو حق جا دشمن،
نظر آيا تڏهن رسيون وٽيندي.
حسينن جي اکيان هارايو سو مون،
زماني ڪان جو آيو هان ڪٽيندي.
نہ اٽندا ها جيڪي ٻر مان اسان جي،
ڏسي ڏک ويا اهي ڀي منهن مٽيندي.

## نظم

### عبدالغني شر

مٺي او سونهن جي ديوي
سراپا سونهن تون آهين
سرءُ جي رات ڪارين ۾
بهارن جي نظارن ۾
سياري جي ڦوهہ نارن ۾
ساهہ کي سڪ تنهنجي آ
اندر کي ڇڪ تنهنجي آ
تنهنجي انهي تانگهہ ۾ جانان
چپن تان ٽهڪ ويا وسري
اکين مان خواب ويا اڏري
ڪتين ۽ چيٽ کي ڏسندي
مندون ويون ڪوڙ هن مٽجي
وري آ چيٽ جي موسم
هجر جي حسرتن جي موسم
اکين جي ٻيٽ ۾ جانان
ڪيئي ڪيت ڪيڙيا هن
ڪيئي خواب ميڙيا هن
چونڊبيندي چيچڪن وانگي
رڳو ئي درد ميڙيا هن
سراپا سونهن جي ديوي
سنواري سينڌ پنهنجي کي
نوان ويس ٿي اوڍين
مهڪين ٿي موتيئي وانگي
لڳين ٿي پوپٽن وانگي
مونکي تون ائين لڳندي آ
صفا تون ائين لڳندي آ.

## غزل

### وفا راشد عباسي

پنهنجون رسوايون لکي ڏي،
ميل جدايون لکي ڏي.
ميڙ- ميڙاڪا وڃي ڪڻ،
مون کي تنهايون لکي ڏي.
تنهنجي محفل ۾ اچي،
ڇا ڇا ڳالهايون، لکي ڏي.
پنهنجي ڀاڪر ۾ آڻي،
بهشت ۾ جايون لکي ڏي.
هُن حُجت مان چيو،
گيت ڪو ڳايون، لکي ڏي.

نظم

## پوڄاري

### ليکراج ميگهواڙ

ڏُور هوندي بہ دل چئي پئي
تنهنجي نيڻن
سان نيڻ ملايان
چاهت جا گُل وکيريان
وري وري توڏي نهاريان
تنهنجي وارن جي چادر اوڍي
تنهنجي زلفن سان کيڏان
تنهنجي تراشيل بت تي
آڱريون گهمائي من مهڪايان
تنهنجي نازڪ هٿڙن جي هٿڪڙي پائي
پيار جو قيدي ٿيان!
پنهنجي زندگي تنهنجي نانءُ ڪري
تنهنجي پُوڄا ڪريان
تنهنجي ياد سان
منهنجي دل ڌڙڪي پئي
لوهار جي ڌوئٽي وانگي دل ڌُکهي پئي
تنهنجي ياد جي هڏڪي
مون کي جياري پئي!
تنهنجي کلڻ سان
خزان ۾ بهار ايندو آ
تنهنجي نهار ۾ مقناطيس آهي ڄڻ
تنهنجي گفتگو ۾ ڪو سحر آهي ڄڻ!
او سونهن جي ديوي
پنهنجي ڪائي ڀيٽا ناهي
تون ديوي منهنجي مندر جي
مان جنمن جو پوڄاري هان...!!

## غزل

### جاويد شيخ

پردي مان پڌرو صنم ٿيو آهي
جماليات جو ٻيهر جنم ٿيو آهي
پهرين ڇمي ياد آهي اجا تاءِ
مزو کين مِٺڙو هضم ٿيو آهي
تنهنجي آئي عيد کان اڳ عيد ٿي
وڏو ڀاڳوَند تنهنجو قدم ٿيو آهي
تنهنجو وجود سراپا مظهر موسيقي آهي
تنهنجي ٻولن مان پيدا رِدَم ٿيو آهي
سڀ سُک جيئري ئي ماڻي ورتم
تنهنجي حاصلات جو ڪيڏو ڪرم ٿيو آهي
۽ زميني خُدائن جي پيدا ٿيڻ سان
سماج آدم درهم برهم ٿيو آهي
رومانوي غزل پنهنجي جاءِ تي پر
قومي گيت جاويد! اُتم ٿيو آهي.

# سينٽرل وومين جيل حيدرآباد جو وزٽ

## زاهده ابڙو

4 سيپٽمبر 2018 تي منهنجو سينٽرل وومين جيل حيدرآباد ۾ وڃڻ ٿيو. ڪافي عرصي کان خواهش هئي تہ عورتن جي جيل ۾ وڃي ڏسجي تہ حالتون ڪيئن آهن، ڇا سندن بنيادي حق محفوظ آهن بہ يا نہ؟ 2 سيپٽمبر تي مون ڊي. آءِ. جي جيل حيدرآباد کي فون ڪري ڪانئس وقت گهريو ۽ هن مون کي 4 سيپٽمبر جو وقت ڏنو. جيل جي زندگي ڪيئن هوندي آهي ان جي مون کي ڪابہ خبر نہ هئي. ڪافي ماڻهن کان جيل جي زندگيءَ جي باري ۾ ٻڌندي آئي هئس، پر ڪڏهن بہ جيل ۾ وڃي قيدين سان ملاقات ڪرڻ جو موقعو نہ مليو هو.

بهرحال هن وزٽ کي هڪ رٿيل پروگرام بہ چئي سگهجي ٿو، ڇو تہ مون پنهنجي وزٽ لاءِ ڊي. آءِ. جي جيل کان بہ ڏينهن اڳواٽ وقت گهريو هو. مان ڏنل وقت تي ڊي. آءِ. جي نظير احمد قاضي جي آفيس ۾

قيدي هميشہ پنهنجي گنجائش واري انگ کان گهٽ هوندا آهن. ڪنهن بہ قيدي کي کٽ يا پلنگ تي سمهڻ جي موڪل نہ آهي سواءِ بي ڪلاس قيدي جي، پر هتي سيني عورتن کي سمهڻ لاءِ کٽ مليل آهي. جيڪڏهن ڪا ماءُ قيدياڻي ننڍڙي ٻار کي کير پياري ٿي تہ ان جي کاڌ خوراڪ بہ سٺي هوندي آهي. ان کي کاڌي ۾ کير ۽ فروٽ بہ مهيا ڪيو ويندو آهي. هن وقت هڪ عورت کي ڦاسي جي سزا ٻڌايل آهي. صحت جي سهولتن بابت پڇيل سوال تي ڊي. آءِ. جي ٻڌايو تہ او. پي. ڊي صبح جي ٽائيم تي هوندي آهي ڪنهن ايمرجنسي جي صورتحال ۾ ڊاڪٽرياڻي آن ڪال هوندي آهي يا وري اسان قيدين کي سول اسپتال ريفر ڪندا آهيون. اسپتال ۾ قيدين جي هيپاٽائيٽس بي. سي، (ايچ آءِ وي) ايڊز جي اسڪريننگ بہ ٿيندي رهندي آهي. مون جڏهن جيل جو









پهتيس تہ ان وقت هو ڪنهن ميٽنگ ۾ مصروف هو ۽ اڌ ڪلاڪ جي انتظار ڪانپوءِ هن مون کي آفيس ۾ گهرايو. ڊي. آءِ. جي جيل، نظير احمد قاضي پنهنجي شخصيت ۾ هڪ نرم مزاج آفيسر ٿي لڳو ساڻس گفتگو دوران مون ڪوشش ڪئي تہ مان ڪانئس فرسٽ هينڊ انفارميشن وٺان تہ جيل ۾ عورت قيدين کي جيل مينوئل مطابق ڪهڙيون سهولتون مليل آهن ڇا اهي محفوظ آهن يا انهن جي مٿان ڪو تشدد ڪيو ٿو وڃي. نظير احمد قاضيءَ موجب تہ جيل ۾ اسان قيدين کي ڪيتريون بہ سهولتون ڏينداسين پر جيل تہ آخر جيل آهي. مون نظير قاضي صاحب کان ڪجهہ سوال پڇيا، جن جا جواب هن مون کي هن ريت ڏنا تہ عورتن جي جيل ۾ 150 قيدي رکڻ جي گنجائش آهي پر هن وقت 53 قيدي موجود آهن. جيڪڏهن جيل ۾ قيدي گهٽ هجن ٿا تہ کين وڌيڪ سهولتون حصي ۾ اچن ٿيون. ڳالهين دوران خبر پئي تہ هتي ڪابہ پرڏيهي قيدياڻي وٽن موجود نہ آهي. هونئن تہ پنجاب ۽ سنڌ جا جيل گنجائش کان وڌيڪ ڀريل رهن ٿا، جتي 18000 قيدي هجڻ گهرجن اتي 28000 ٿيو وڃن، پر عورتن ۽ ريجوونائل

دورو ڪيو ان دوران اندر ڊسپينسري ۽ وارڊ گهمڻ جو موقعو بہ مليو ۽ مون کي ڏاڍي خوشي ٿي تہ قيدين جي لاءِ صحت جون ڪافي بهتر سهولتون موجود آهن. سندن لاءِ هر قسم جي دوا جو هڪ سٺو اسٽاڪ پيل هو ۽ معمولي بيماري جي صورت ۾ جيل جي اندر ئي کين علاج جون سهولتون فراهم ٿي سگهن ٿيون.

هن جيل جو نالو "اسپيشل پرزن فار وومين" آهي هن جيل جي تعمير 2003ع ۾ ٿي هئي. هن وقت جيل ۾ 15 عورتون سزا يافتہ آهن ۽ انڊر ٽرائل (يو ٽي پي) 37 آهن. هن وقت ٽوٽل 53 عورتون جيل ۾ موجود آهن. قيدين کي ڏينهن ۾ ٽي دفعا کاڌو ڏنو ويندو آهي، جنهن ۾ هفتي ۾ ٽي دفعا گوشت يا ڪڪڙ ڏنو ويندو آهي. ان کان علاوه مکس ڀاڄي، چانهہ ۽ ضرورت مطابق کير بہ ڏنو ويندو آهي. جنهن ۾ گهٽو ڪري عورتن سان گڏ ننڍڙن ٻارن کي کير جا پئڪيٽ ڏنا ويندا آهن. جيل ۾ کاڌي جي لاءِ ڪجهہ شيون اهڙيون آهن جن جا برانڊ مقرر ٿيل آهن جن ۾ چانهہ، کير، پتي ۽ گيهہ شامل آهن ۽ اهي ڪنهن ٻي برانڊ جا استعمال نٿا ٿي سگهن. سياري ۾ قيدين کي ناشتي ۾ بيضا ۽

گرمين ۾ پٽاڻ جي پاڇي ڏني ويندي آهي. ڊي آءِ جي صاحب پنهنجي ڳالهه ٻولهه دوران ٻڌايو ته قيدين جي صفائي سترائي لاءِ انهن زڪوات فنڊ وارن کان گهر ڪئي آهي ته قيدين لاءِ کين "هائجين ڪٽ" فراهم ڪئي وڃي. قيدين کي ذاتي طور تي اندر راشن فراهم نٿو ڪري سگهجي ۽ نه ئي قيدياڻين کي ڪاڏو پچائڻ جي اجازت آهي. چو ته ڪاڌو کين پڪل فراهم ڪيو ويندو آهي. مون اتي ڏٺو ته اندر عورتن جي هنري صلاحيتون وڌائڻ لاءِ سلائي مشينون رکيل هيون، هجڻ ته ائين گهرجي ها ته عورتن جي هنري صلاحيتن وڌائڻ لاءِ کين ٻيا ننڍا وڏا هنر به سيکاريا وڃن پر ان جيل ۾ صرف سلائي سکڻ لاءِ هڪ مرڪز قائم آهي جتي سلائي سيکارڻ لاءِ هڪ انسٽرڪٽر به موجود هئي. ان کان علاوه قيدياڻين سان گڏ ننڍن ٻارن جي لاءِ هڪ نرسري اسڪول به قائم ڪيو ويو آهي جتي هڪ ٽيچر ننڍن ٻارن کي سکيا ڏيڻ لاءِ موجود آهي، منهنجي وزٽ دوران ٽيچر سان گڏ هڪ ٻار به موجود هو، جيڪو شايد ڪنهن اسٽاف ميمبر جو هو. تعليم لاءِ ليگل ايڊ فورم به هتي ڪم ڪندي آهي.

منهنجي سوال پڇڻ تي ته ڇا عورتن جي جسماني سرگرمي لاءِ ڪو پروگرام آهي، جنهن تي ڊي آءِ جي صاحب ٻڌايو ته هتي حيدرآباد ۾ اهڙو ڪوبه پروگرام شروع ناهي ڪيو ويو، پر ڪراچي جيل ۾ اسان باقائدي فٽنيس ڪلب شروع ڪيو آهي جتي پورو جم آهي، هتي به اسان ان ڳالهه تي غور ڪري رهيا آهيون، پر عورتن کي ٻاهر نڪري واڪ ڪرڻ تي ڪابه پابندي نه آهي. جيئن ته انتظاميه ۾ مرد اسٽاف صرف آفيس تائين محدود هوندو آهي ۽ جيل جي اندر صرف عورت اسٽاف ئي موجود رهي ٿو ان ڪري عورتن کي اندر گهمڻ ڦرڻ جي آزادي آهي. ان ڳالهه ٻولهه کانپوءِ ڊي آءِ جي صاحب سان گڏجي مان وومين جيل جي طرف ويس جتي آفيس ۾ مسز عباسي جيل سپرنٽينڊنٽ طور ڪم ڪري رهي آهي، جنهن سان ملاقات ٿي. هوءَ اسان کي جيل جي اندر وٺي وئي، اندر وڃڻ کان پهرين مون ڏٺو ته ٻاهر پٽ تي هفتي جي ڪاڏي پيتي جو مينيو لڳل هو، جنهن جي مطابق 4 سيپٽمبر تي ٻنپهرن جي مانيءَ ۾ مڪس ڀاڄي ۽ چپاتي ملڻي هئي، جنهن تي مون ڊي آءِ جي صاحب کان پڇيو ته ڇا اڄ واقعي کين مانيءَ ۾ مڪس ڀاڄي ۽ چپاتي ملي آهي، جنهن تي هن چيو ته اسان توهان کي به ڪارائينداسين. جڏهن اسان جيل ۾ اندر پهتاسين ته عورتون پنهنجن پنهنجن وارڊن ۾ بيٺل هيون کين اڳ ۾ ئي اطلاع ڏنو ويو هو ته اڄ جيل جي وزٽ تي ڪو اچي رهيو آهي، ان ڪري مون کي لڳو ته شين ۾ ڪافي بهتري نظر اچي رهي هئي. پنهنجي وزٽ دوران مون انهن قيدي عورتن کان ڪجهه سوال پڇيا ته کين ملاقاتين سان ملاقات ڪرائي وڃي ٿي يا نه؟ جنهن تي مون کي تسلي بخش جواب مليو ته هتي ملاقاتين لاءِ ڪابه سختي نه آهي ۽ کين عدالتن ۾ پيشي جي لاءِ وقت تي پهچايو وڃي ٿو يا نه، سواءِ هڪ عورت جي جيڪا سجاول کان آيل هئي، جنهن چيو ته مون کي عدالت ۾ پيش ناهي ڪيو ويو، باقي سڀني قيدي عورتن تسلي جو اظهار ڪيو. ان کان علاوه ڪاڏي پيتي جي به ڪين ڪا شڪايت نه هئي ۽ ڊي آءِ جي صاحب جي مطابق ننڍڙن ٻارن کي فروٽ ۽ کير به مهيا ڪيو وڃي ٿو، جيڪا ساڳي ڳالهه اتي ڪجهه ننڍن ٻارڙن جي مائرن کان به خبر پئي. مون جڏهن عورتن کان سوال پڇيو ته هو ڪهڙي ڏوهه ۾ اندر آيون آهن ته گهڻين عورتن کان اهو جواب مليو ته هنن تي قتل جو الزام آهي. ڪجهه عورتن ٻڌايو ته مٿن منشيات فروشي جو الزام آهي ۽ ڪجهه عورتن چيو ته مٿن اغوا جو الزام آهي. هر قيدي عورت اهو ٻڌائي رهي هئي ته مٿن الزام آهي ۽ هنن اهو ڏوهه نه ڪيو آهي. ان ڳالهه جو فيصلو نه ته جيل انتظاميه ڪري سگهي ٿي ۽ نه ئي اتي ويندڙ ڪو وزيٽر ڪري سگهي ٿو. سندن ڪيس عدالت ۾ هلي رهيا آهن ۽ کين مختلف فلاحي ادارا به مدد ڪن ٿا، جن ۾ ناصر حسن زاهد صاحب جسٽس آف پاڪستان رٽائرمينٽ کانپوءِ ليگل ايڊ آفيس ٺاهي آهي جيڪو سڄي سنڌ ۾ انهن قيدين کي سروس فراهم ڪري ٿو. جيڪي وڪيل ڪرڻ جي حيثيت نٿا رکن يا کين ضمانت ڪرائڻ لاءِ به رقم نه هوندي آهي. اهڙن مجبور قيدين جي لاءِ اهو ادارو زر ضمانت به جمع ڪرائيندو آهي. سزا يافته قيدين جي اپيل جو فالوو اپ به ڪرڻ لاءِ وڪيل ايندو آهي جيڪو کين مڪمل طور مدد فراهم ڪندو آهي، جنهن ۾ ڪيتريون ئي عورتون آزاد ٿي وينديون آهن. جيل جي اندر مون کي صفائي سترائي جو انتظام به سٺو نظر آيو. هڪ قيدياڻي کان جڏهن مون سوال پڇيو ته توهان تي ڪو تشدد ته نه ڪيو ويندو آهي، جنهن تي هن مون کي جواب ڏنو ته ميڊم هي ڪو انڊيا جو جيل ٿورئي آهي هي ته سنڌ جو جيل آهي. جنهن تي منهنجي دل کي اندر ئي اندر هڪ خوشيءَ جو احساس ٿيو ته گهٽ ۾ گهٽ عورتن تي جيل ۾ ڪنهن به قسم جو تشدد نٿو ڪيو وڃي. ان کان علاوه هڪ خوش آئند ڳالهه جيڪا ڊي آءِ جي صاحب جيل سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ ڳالهين دوران ٻڌائي ته هن وقت هو Spouse Rooms جي تعمير لاءِ هڪ پراجيڪٽ تي ڪم ڪرڻ وارا آهن جنهن ۾ 400 ڪمرا تعمير ڪيا ويندا،



جنهن ۾ هڪ بيڊ روم، هڪ ننڍو لائونج ۽ هڪڙو ننڍو بورچي خانو هوندو، جنهن ۾ مرد يا عورت قيدي پنهنجي فيملي کي گهرائي هفتي ۾ 3 ڏينهن رهي سگهن ٿا. ان عمل سان قيدين جي اندر نرمي پيدا ٿيندي ۽ هو زندگيءَ ڏانهن موٽڻ شروع ڪندا. چو ته فيملي سان گڏ گذارڻ ۾ انسان زندگيءَ جي لاءِ چاهه محسوس ڪري ٿو. ان کان علاوه هن ٻڌايو ته سندن هڪ ٻيو پراجيڪٽ به جلد ئي شروع ٿيڻ وارو آهي جنهن ۾ هو نئون ڪيڊر ٺاهڻ چاهين ٿا. هن وقت سپاهي عورتون ميٽرڪ سرٽيفڪيٽ تي کنيون وڃن ٿيون پر هاڻي اهي نئين ڪيڊر ۾ گريجوئيٽ سرٽيفڪيٽ تي سڌو سئون 14 گريڊ ۾ کنيون وينديون. ان ڪيڊر جي گهربل ريڪائرمينٽ تقريبن هڪ استاد واري هوندي. ٽريننگ اسان جي جيل جي مطابق هوندي. هتي عورتن کي سنڌ حڪومت اڃان تائين سزاءِ موت ناهي ڏني. سنڌ حڪومت موت جي سزا جي خلاف آهي. ڊي آءِ جي جا چيل لفظ ته جيل بذاتِ خود هڪ سزا آهي ۽ ان جي اندر ٻي ڪابه سزا نه هجڻ گهرجي. پرزن ڊپارٽمينٽ قيدين جي ڪسٽوڊين هوندي آهي.

ان وزٽ جي دوران مون کي ڪابه اهڙي ڳڻتي جوڳي ڳالهه نظر نه آئي جنهن کي آئون هتي پيش ڪري سگهان پر جيل ته جيل آهي ۽ عورتن کي اتي ڏسي دل کي ڏاڍي تڪليف پهتي.

COMEX
ACADEMY

# Admissions Open

## Screening Test Preparation

## CCE-2018 (PCS)

**Handouts**
**Regular Classes**
**Regular Tests**
**Grand Mock Test**

Join Us & Ensure Your Success

Contact Us:
0334-2654880

House No: B-51, Phase-1,
Qasimabad, Hyderabad,

